# شِو-چترپتي

(اَسانجي آس پاس جِي دنيا - ڀاڱو ٢)

## درجو چوٿون



Tele MANAS
National Tele Mental Health Programme
14416

# ٽيلِي - مانس هيلپ لائين

**Tele MANAS (Tele Mental Health Assistance and Networking Across States)**

**(14416/1800-89-14416)**

راشٽريہ مانسڪ صحت ڪاريہ ڪرم تحت ٽيلي مانس اها مرڪز پاران شروع ڪيل يوجنا مهاراشٽر راجيہ ۾ آڪٽوبر 2022 کان لاڳو ڪئي ويئي آهي. ٽيلي مانس ڪاريہ ڪرم تحت هيلپ لائين نمبر 14416 ذريعي مفت 7 x 24 گڏيل ۽ سڀ شامل مانسڪ صحت شيوا ڏني ويندي آهي. ان ۾ جدا جدا مانسڪ مسئلن لاءِ ماهرن طرفان علاج ۽ ڪائونسلِنگ ڪئي ويندي آهي. ٽيلي مانس هيلپ لائين تي ٽيليفون ڪرڻ تي اسانجي ڏنل ڄاڻ پوري طرح ڳجهي رکي ويندي آهي. ان ڪري شاگرد بنا هٻڪ جي پنهنجا مسئلا ان هيلپ لائين نمبر تي فون ڪري ٻڌائن ۽ من ۾ هوندڙ سوال پڇن ۽ پنهنجي مسئلي بابت مدد وٺجي ۽ ٻين کي بہ مدد وٺڻ لاءِ چئجي.

## منو درپڻ

منو درپڻ (8448440632) مفت ٽيليفون سيوا جولاءِ 2020 کان تعليمي کاتي ذريعي راشٽريہ شئشڪ سَنشوڌن ۾ پرشڪشڻ پريشد جي منو درپڻ روُم ذريعي شاگردن، مائٽن ۽ ماسترن کي منووگيانڪ سمجهاڻي ۽ مدد ڏيڻ لاءِ صبح 8 کان شام 8 تائين هفتي جا سڀ ڏينهن ميسر ڪرايل آهي. شاگرد، مائٽ ۽ ماستر ضروري رهبري ۽ ڪائونسلنگ لاءِ هن هيلپ لائين تي پڻ فون ڪري سگهن ٿا.

شڪشڻ کاتي جو منظور ڪيل نمبر

پرش.س / ١٥ - ٢٠١٤ / ٢١٠٢ / منظوري / ڊ-٥٠٥ / ٧٥٥ تاريخ : ٢٠١٤.٢.٤

هي درسي ڪتاب راڄيہ شئڪشڻڪ سنشوڌن ۽ پرشڪشڻ پريشد، پڻي طرفان تيار ڪيل اَڀياسڪرم ۽ پاٺيہ ڪرم اَنوسار تيار ڪيو ويو آهي. اُنهن طرفان هن درسي ڪتاب جي چڪاس ڪئي ويئي آهي. سرڪاري فيصلو نمبر: اَڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦ ٤٣) ايس.ڊي.٤ تاريخ ٢٥-٠٤-٢٠١٦ موجب اِسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽي جي تاريخ ١٩-٥-٢٠٢٦ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سنہ ٢٠٢٦-٢٠٢٧ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# شِو - چترپٽي

## (اَسانجي آس پاس جي دنيا - ڀاڱو ٢)

## درجو چوٿون

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پرواري چؤڪٽ مان ڙڙشب ڄڄ سمارٽ فون ذريعي اِسڪئين ڪرڻ سان توهانکي درسي ڪتاب ۾ درسي ڪتاب جي سبقن بابت ڏسجندڙ ۽ ٻڌجندڙ ساهتيہ حاصل ٿيندو.

پهريون ڇاپو : ۲۰۱۴
سڌاريل ڇاپو : ۲۰۲٦

©مهاراشٽرا راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي - ۴۱۱۰۰۴.
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبه حصو سنچالڪ، مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل جي لکيت ۾ منظوريءَ کانسواءِ ڪٽي نٿو سگهجي.

اِتهاس وشيه ڪاميٽي
ڊاڪٽر سدانند موري، اڌيڪش
ڊاڪٽر گڻيش رائوت، ميمبر
ڊاڪٽر دنڪر مورُڪتي، ميمبر
شري موگل جاڌو، ميمبر
شريمتي ورشا سرودي، ميمبر سيڪريٽري
وشيش اَڌڪاري، اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر

سنيوجڪ :
شريمتي ميران مهيش گدواڻي
(وشيش اڌڪاري سنڌي (و.ڪا)

سنيوجن سهايه :
شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر (ڪاپي رائيٽر سنڌي)

ترجمو ڪندڙ :
شري ٺاڪرداس لوهاڻا

چڪاس ڪندڙ :
شري گيانچند شهدادپوري

تصويرون ۽ سجاوٽ : پروفيسر دليپ قدم
شري ديودت بلڪوڙي
شري سنجيه شيلار

ڇايا چتر : شري پروڻ پونسلي

نقاشڪار :
شري رويڪرڻ جاڌو
ڊاڪٽر نيرج سالُنکي

نرمتي : شريمتي متالي شتپ، مکيه نرمتي آفيسر
شري ششانڪ ڪڻڪدڙي، نرمتي اَڌڪاري

ٽائيپسيٽنگ : شويا رام لعلچنداڻي

ڪاغذ : ۷۰ جي.ايس.ايم ڪريم وو

ڇاپيندڙ :

ڇپائي آرڊر :

پرڪاشڪ : شري هيمنت بابر
اِنچارج ڪنٽرولر
پاٺيه پستڪ نرمتي منڊل، پرڀاديوي،
ممبئي - ۲۵

## پر ستا و نا

ايڪوهين صدي جي پهرين قومي نيتي ۲۰۲۰ جي اَنوسار مهاراشٽر راجيه اَڀياس ڪرم تيار ڪيو آهي. ان اَڀياس ڪرم ۾ درجي چوٿئين جو اَڀياس ڪرم جنهن آهي تنهن ئي رکڻ سبب ''شو ڇترپتي'' اِهو درسي ڪتاب وري توهان جي هٿن ۾ ڏيندي اَسان کي آنند ٿي رهيو آهي. ''اَسانجي آس پاس جي دنيا ڀاڱو - ۲'' ۾ توهان هن درسي ڪتاب جو اَڀياس ڪرڻ وارا آهيو.

پڙهڻ ۽ پاڙهڻ جي ترتيب ٻال - مرڪزي هئڻ گهرجي، پنهنجو اڀياس ڪرڻ جي عادت تي زور ڏيڻ گهرجي. بنيادي تعليم جي آخر ۾ شاگرد ۾ گهربل لياقت حاصل ٿيڻ گهرجي پڙهڻ ۽ پاڙهڻ جي ترتيب آنند ڏيندڙ هئڻ گهرجي. اِنهيءَ وشال نظرئي کي ڌيان ۾ رکي هيءُ ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي.

هن درسي ڪتاب ۾ ڇترپتي شواجي مهاراج جي پريرڻا ڏيندڙ اِتهاس کي سولي ۽ اثرائتي نموني آکاڻين جي روپ ۾ شاگردن اڳيان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. شواجي مهاراج جو چريتر ۽ سندس ڪيل ڪم سڄي مهاراشٽر ۽ ديش لاءِ پريرڻا ڏيندڙ آهن. ائين محسوس ٿيندو آهي. شواجي مهاراج جي شخصيت ۾ سمايل جدا جدا همٿ ڏياريندڙ قصا هن ڪتاب ۾ ڏنل آهن. هن درسي ڪتاب جي بنسبت الڳ الڳ سماجڪ سنستائن ۽ شخصي طور آيل شڪايتن ۽ سوچنائن جو سمتيءَ جوڳو ڌيان رکي واجب ڦيرڦار ڪري نئين سِر هيءُ درسي ڪتاب لکيو آهي. هن درسي ڪتاب ۾ ضرورت موجب تبديليون پڻ ڪيون ويئون آهن. نقشا نئين نموني تيار ڪيا ويا آهن. تصويرون پراڻيون هئڻ سبب، اُهي نئين سر ٺاهيون ويئون آهن.

هيءُ درسي ڪتاب وڌ ۾ وڌ نردوش ۽ معياري ٿئي، اُن لاءِ مهاراشٽر جي ڪجهه ڄاڻو تعليم دانن ۽ وشيه جي ڄاڻو اُستادن هيءُ ڪتاب نئين سِر لکيو آهي. آيل سوچنائن، ويچارن کي ڌيان ۾ رکي هن ڪتاب کي آخرين روپ ڏنو ويو آهي. اِتهاس وشيه ڪاميٽي، چترڪارن جي گهڻي وشواس ۽ محنت سان هيءُ درسي ڪتاب تيار ڪيو آهي. منڊل اِنهن سڀني جو تهدل شڪر گذار آهي.

اُميد ته شاگرد، ماستر ۽ مائٽ هن ڪتاب جو سواگت ڪندا.

پڻي
تاريخ : ۱ مئي ۲۰۲٦
ڀارتيه سوريه تاريخ : ۱۱ ويساک،
شڪي ۱۹۴۸،
مهاراشٽرا ڏينهن

(اَنوراڌا اوڪ)
سنچالڪ
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽
اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل - پڻي.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ۱۹۴۹ جيِ ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

ڀارتيہ سنوڌان

باب - چوٿون اَلف

**بُنيادي فرض**

**قلم ۵۱ الف**

بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستا جيِ عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جنِ آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جيِ سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ڀ) ڀارت جيِ ايڪتا، اَکنڊتا ۽ سمپورڻتا جيِ رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ڀ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جيِ ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شانداروِرثي جيِ حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٽ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلِي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٺ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سُڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٿ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جيِ لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو، جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هُجي.

## راشٽرگيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌِينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وِڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوِڙَ، اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀ آشِيس مانگي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وِڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي.

## پرتِگيا

’ڀارت مُنهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي اِنجي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سڀنِي بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ئِي منهنجو سُک سمايل آهي.‘

## राज्यगीत

जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।धृ।।

भिती न आम्हा तुझी मुळी ही गडगडणाऱ्या नभा
अस्मानाच्या सुलतानीला जबाब देती जिभा
सह्याद्रीचा सिंह गर्जतो शिव शंभू राजा
दरी दरीतून नाद गुंजला महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।१।।

काळ्या छातीवरी कोरली, अभिमानाची लेणी
पोलादी मनगटे खेळती, खेळ जीवघेणी
दारिद्र्याच्या उन्हात शिजला
निढळाच्या घामाने भिजला
देश गौरवासाठी झिजला
दिल्लीचे ही तख्त राखितो, महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा ।।२।।

## (اَسانجي آس پاس جي دنيا - ڀاڱو ٢ درجو چوٿون)

| سکڻ وقت پڌايل تعليمي حاصلات | تعليمي حاصلات |
|---|---|
| سکندڙن کي سکڻ جا موقعا گروهن ۾ جوڙي جوڙي ۾ ڏيئي کري هينئين ڳالهين جي لاءِ همٿايو.<br>- ڪتنب ۾ وڏن ڀاتين سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۽ سوال پڇڻ. ڪي ماڻهو گڏيل ڪتنب ۾ رهندا آهن ۽ ڪي پري رهندا آهن اهو سمجهڻ. پري رهندڙ مائٽن سان گفتگو ڪري سندن گهر، رابطي جا وسيلا ۽ اُتان جو لوڪ جيون سمجهڻ.<br>- بنا ڊپ جي آزمودن تي آڌارت سوال ٺاهڻ ۽ سوچ ويچار ڪرڻ.<br>- ماءُ پيءُ / مائٽ / ڏاڏو - ڏاڏي، آس پاس ۾ بزرگن سان چرچا ڪري سندن زندگي، ماضي ۽ اڄڪلهه جي شين مثال ڪپڙا، برتن، ڪم، رانديون وغيره جي ڀيٽ ڪرڻ، خاص گهرج وارن ٻارن کي شامل ڪرڻ.<br>- شواجي چريتر جي واقعن تي ڪردار نڀائڻ.<br>- گروهه ۾ ڳالهه ٻولهه وسيلي ڌيرج، محنت، وقتي فيصلا جي مدد سان مصيبتن کي ڪيئن منهن ڏيئي سگهبو اهو سمجهڻ.<br>- شواجي جيوني جي مثالن مان پسگردائي رکيا، آبي تعليم، برابري، نياءُ بابت سمجهه وڌائڻ.<br>- گهر / اسڪول / سماج ۾ ڌار ڌار سيپتڪ / قومي / پسگردائيءَ بابت، ڏڻن / واقعن ۾ ڀهرو وٺڻ. صبح واري يا خاص ميٽنگ / نماءُ / ڏياري / عيد وغيره ڪاريه ڪرمن ۾ ناچ، اداڪاري / لڪاوٽ / مشغولي ڪرڻ.<br>(مثال - ڏيا / رنگولي / لغڙ ٺاهڻ. عمارتن جا ماڊل، ندين جي پلن جا ماڊل ٺاهڻ وغيره) ڪهاڻيون، ڀيت، واقعن جا احوال، ڪنهن سرجن شيل لڪاوٽ يا ڪم مان پيش ڪرڻ)<br>- درسي ڪتاب سان گڏ ٻيا حوالا پڙهڻ / ڳولهڻ جيئن اخبارون، ڪهاڻيون / ڀيت / چتر / وڊيو / ڇمي پڙهي سگهجندڙ ساهت. انٽرنيٽ / لئبرري وغيره ٻيو ڪو وسيلو.<br>- روايتي ۽ ماڻوڪي پوشاڪ ۾ فرق سمجهڻ<br>- راڄيه جي ڀاشائن، ٻولين، ڏڻ وارن جي چاڻ گڏ ڪرڻ | سکندڙ -<br>04.95B.01 وسٽارت ڪتنب جا ڀاتي هڪٻئي سان ناتا سمجهن ٿا.<br>04.95B.02 ڪتنب / اسڪول / پاڙي ۾ ڏٺل / محسوس ڪيل مسئلن تي پنهنجا ويچار رکڻ (مثال پيڊ ياو / ٻارن جا حق / ساٿي ساٿي ڳالهه)<br>04.95B.03 گروهه ۾ ڪم ڪندي هڪ ٻئي بابت عزت، اڳواڻي گڻ وغيره ۾ چُست ڀهرو وٺن ٿا. مثال ڪلاس اندر / ٻاهر / مڪاني / مشغولين ۾ راندين ۾ ڀهرو وٺڻ، پکي / جانورن کي کاڌو ڏيڻ، آس پاس جي شين / وڻن / خاص سگهه وارن لاءِ ڪم ڪرڻ / ڪردار نڀائڻ.<br>04.95B.04 چترپتي شواجي مهاراج جي جيونيءَ جا جدا جدا اُتساهه ڏيندڙ واقعا پڌائن ٿا.<br>04.95B.05 سياٽپ، ڌيرج ۽ وشواس ذريعي مصيبتن تي مات ڪري سگهجي ٿي اهو شو چريتر مان سمجهن ٿا.<br>04.95B.06 جاگرافيڪل ۽ سيپتڪ سبب ڪري پوشاڪن ۾ علحدگي سمجهن ٿا. |

# فهرست


| نمبر | پاٺ جو نالو | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| ١ | شواجيءَ جي جنم کان اَڳ وارو مهاراشٽر | ١ |
| ٢ | سنتن جا ڪيل ڪاريه | ٣ |
| ٣ | مرهٽا سردار-يونسلي جو برجستو گهراڻو | ٨ |
| ۴ | شواجي مهاراج جو ٻالپڻ | ١٢ |
| ۵ | شواجي مهاراج جي تعليم | ١٧ |
| ٦ | سوراج اِستاپن ڪرڻ جي پرتگيا | ٢١ |
| ٧ | سوَراج جو جهنڊو چاڙهڻ | ٢۵ |
| ٨ | گهروُ دشمنن جو مقابلو ڪرڻ | ٢٩ |
| ٩ | پرتاپ ڳڙهه جو پراڪرم | ٣٢ |
| ١٠ | پهاڙ تي آيل پرديش جنگ ڪري جيتڻ | ٣٧ |
| ١١ | شائستہ خان جو شرمسار ٿيڻ | ۴٢ |
| ١٢ | پرندر جو گهيرو ۽ ناهُه | ۴۵ |
| ١٣ | بادشاهه جي چنبي مان پاڻ ڇڏائڻ | ۵٠ |
| ١۴ | قلعو هٿ آيو، پر سورهيه هليو ويو | ۵٣ |
| ١۵ | حيرت پريو اُتسوُ | ۵٧ |
| ١٦ | دکن تي چڙهائي | ٦٠ |
| ١٧ | قلعن ۽ آرماڙ جو بندوبست. | ٦۵ |
| ١٨ | لوڪ ڪلياڻڪاري سوُراج جو بندوبست. | ٧٠ |


ڪورپيج : پروفيسرپي.ڪي. گهانيڪر

’شواجي مهاراج جو تعلق نہ صرف مهاراشٽر بلڪ ساري ملڪ سان هو. هوُ مهاپرش جي سڪيائن کان متاثر هو. هن ڪي پنهنجي ذاتي فائدي جي خيال کان حڪومت برپا ڪرڻ جي مُراد ڪونہ هئي. اُن وقت جي راڄ ڪاروبار جي سناين ۽ خرابين جو هن اَڀياس ڪيو. اُن پٽاندڙ هن حڪومت جو خاص نمونو اِختيار ڪيو. شواجي مهاراج ڪٽر هندو هوندي بہ ٻين مذهبن جي ماڻهن جو گهڻو اونو رکندو هو. هن ٻين مذهبن جي ڌرمي اِسٿانن لاءِ جاگيرون ڏنيون. شواجي مهاراج هڪ برجستو فوجي سپاهي هو. آزادي قائم رکڻ جي خيال کان آرماڙ جي ضرورت ۽ اهميت کي هن چڱيءَ طرح محسوس ڪيو. اَنگريزن ۽ ڊچن جي حملن کي روڪڻ لاءِ هن هڪ طاقتور آرماڙ تيار ڪئي. پرتاپگڙهہ قلعي جي اَڏاوت مان هن جي جنگي فن جي ماهريت جي ڄاڻ ملي ٿي. شواجي مهاراج کي پنهنجي ديش سان گهڻو پيار هو. هوُ اِنساني خوبين ۽ خصلتن جو مجسم هو.‘

پنڊت جواهرلعل نهرو



شواجي مهاراج جي هيءَ تصوير مير محمد ٺاهي آهي. جيڪو اُن وقت جو چترڪار هو.
(اصل تصوير پئرس ميوزم ۾ رکيل آهي.)

# ١. شواجيءَ جي جنم کان اَڳہ وارو مهاراشٽر

شواجي مهاراج هڪ مهاپرش هو. اَسين هر سال سندس جنم-ڏن وڏي اُتساهہ ۽ عزت سان ملهائيندا آهيون. اُن ڏينهن اوهين ٻالڪ ڪيڏا نہ خوش ٿيندا آهيو! شواجي مهاراج تي توهين سندر سُهڻا گيت ڳائيندا آهيو ۽ ويرتا جون ڪوتائون چوندا آهيو ۽ سندس تصوير کي هار پائيندا آهيو. وڏي اُتساهہ ۽ اُمنگ سان 'شواجي - مهاراج جي جئہ' جا نعرا هڻي جئہ جئہ ڪار ڪندا آهيو. ڀلا ٻڌايو اِهو شواجي مهاراج ڪير هو؟ هن اَهڙي ڪهڙي وڏي ڳالهہ ڪئي؟

شواجي مهاراج جنهن زماني ۾ ٿي گذريو اُهو زمانو وچولو يگہ جو هو. اُن وقت هرهنڌ راجا - شاهيءَ جو راڄ هو. اُن وقت ڪيترائي راجا پرجا جي ڪلياڻ جي باري ۾ سوچڻ بدران پنهنجي عيش - آرام ۾ مگن رهندا هئا. پر اُن زماني ۾ ڪجهہ راجا اَهڙا بہ ٿي گذريا، جن پنهنجيءَ پرجا جي ڪلياڻ لاءِ راڄ ڪيو.

شواجي مهاراج مهاراشٽر ۾ سوَراج برپا ڪيو. سوَراج معني پنهنجو راڄ. هن مهاراج کان اڳ اَٽڪل چار سوَ سال مهاراشٽر ۾ سوَراج نہ هو. مهاراشٽر جو وڏو حصو اَهليانگر جي نظام - شاهہ ۽ ويجاپور جي عادل - شاهہ اِنهن ٻنهي سلطانن پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو هو. اُهي راجا من جا اُدار نہ هئا. اُهي حاڪم پرجا تي ظلم ڪندا هئا. اُنهن حاڪمن جي هڪ ٻئي سان دشمني هئي. هوُ هميشهہ هڪ ٻئي سان لڙندا رهندا هئا. اُن سبب رعيت جا ماڻهو پريشان هئا. رعيت سُکي نہ هئي، کُليو - کُلايو ڏڻ - واريا ڌرمي - پرب ملهائڻ بہ مشڪل هئا. پوڄا ڪرڻ بہ ڏکي هئي.

ماڻهن کي پيٽ ڀر پورو کاڌو بہ پلئہ نہ پوندو هو. رهڻ لاءِ سلامتيءَ واري جاءِ بہ نہ هئي. هرهنڌ اَنياءُ لڳو پيو هوندو هو. مهاراشٽر ۾ جدا - جدا هنڌن تي ديشمکہ، ديشپانڊي، وغيره وطن - دار (مڪاني عملدار) مقرر ڪيل هئا. پر هنن کي پرجا جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ هئي. هنن کي ملڪ لاءِ ڪوبہ پريم نہ هو. سندن سڄو ڌيان پنهنجيءَ جاگير، ملڪيت ۽ وطنداريءَ لاءِ هو. وطنداريءَ لاءِ هو هڪ - ٻئي سان جهيڙا - جهڳڙا ڪندا رهندا هئا. اُن سبب پرجا جو وڏو نقصان ٿيندو هو. اُنهن سيني ڳالهين سبب رعيت تنگ ٿي پيئي هئي. هرهنڌ اَنڌ - ڌنڌ لڳو پيو هو.

شواجي مهاراج اِهو سڀ ڏٺو. رعيت کي سُکي ڪرڻ لاءِ هن سوَراج جي برپا ڪرڻ جو شڀ ڪم پنهنجن هٿن ۾ کنيو. بغاوت ڪندڙ وطندارن کي هنن سبق سيکاري پنهنجي هوش ۾ آندو. سوراج جي ڪمن ۾ هنن جو اِستعمال ڪيو. ساڳيءَ طرح رعيت سان اَنياءُ ڪندڙ حڪومتن سان مهاراج مقابلو ڪيو. ظلم ڪندڙ حڪومتن کي هن هارايو. اِنصاف ڏيندڙ هندوي سوَراج جي هن اِستاپنا ڪئي. اِهو سوَراج سيني ذاتين ۽ مذهب وارن لاءِ هو. اِنهيءَ سوَراج ۾ ڪنهن قسم جو ڀيد - ڀاوُ نہ هو. شواجي مهاراج اِنهيءَ سوَراج ۾ هندو - مسلمان جهڙو ڪوبہ ڀيد - ڀاوُ نہ ڪيو. سيني مذهبن جي ساڌو - سنتن جو سنمان ڪيو. اَهڙي قسم جي مهاراج جي وڏي سَر اَنجامي ڏسي اَسانکي همٿ ملي ٿي، سُجاڳي ملي ٿي.

شواجي مهاراج کان اَٽڪل ٽي - چار سؤ سال اَڳہ اَنيڪ سنت پيدا ٿيا. اُنهن سنتن جي ڪيل ڪارين جو اِستعمال شواجي مهاراج سوَراج استاپنا لاءِ ڪري ورتو. سنتن جيڪي ڪاريہ ڪيا اُهي اَسين اَڳتي ايندڙ پاٺ ۾ پڙهنداسين.

## اڀياس

**سوال ١. ڏنگين ۾ ڏنل واجب لفظ جو اِستعمال ڪري خال ڀريو.**

(الف) شواجي مهاراج جنهن زماني جا هئا. اُهو زمانو ......... يگہ جو هو.

(پراچين، وچولو، هاڻوڪو)

(ب) شواجي مهاراج ......... ۾ سوَراج نرماڻ ڪيو.

(مهاراشٽر، مڌيہ پرديش، اُتر پرديش)

**سوال ٢. اَلف گروپ ۽ ب گروپ ۾ آيل لفظن جا ٺهڪندڙ جوڙا ملايو.**

| ’اَلف‘ گروپ | ’ب‘ گروپ |
|---|---|
| (اَلف) اَهليانگر جو سلطان | (١) نظام شاهہ |
| (ب) ويجاپور جو سُلطان | (٢) عادل شاهہ |
| | (٣) قطب شاهہ |

**سوال ٣. هرهڪ جو هڪ جملي ۾ جواب لکو.**

(اَلف) شواجي مهاراج ڪهڙو ڪم هٿ ۾ ڪنيو؟

(ب) شواجي مهاراج ڪنهن سان مقابلو ڪيو؟

**سوال ۴. اَلڳہ لفظ سڃاڻو.**

(اَلف) سوَراج، غلام - گيري، آزادي

(ب) رعيت، پرجا، راجا

**مشغولي**

(اَلف) پنهنجي ڪلاس ۾ شِو - جينتي ملهايو.

(ب) اِسڪول جي سانسڪرتڪ (ڪلچرل) پروگرام ۾ تواريخي گيت پڄن پيش ڪيو.



# ٢. سنتن جا ڪيل ڪاريه

مهاراشٽر ۾ شري چڪرڌر، سنت نامديو، سنت گيانيشور، سنت چوکا ميلا. اِنهن سنتن کان شروع ٿيل سنت پرمپرا سماج جي اَلڳ - اَلڳ طبقن مان آيل سنتن اِها پرمپرا اَڳتي وڌائي. اِنهيءَ سنت منڊليءَ ۾ گوروبا، سنت ساوتا، سنت نرهري، سنت ايڪناٿ، سنت شيخ محمد، سنت تڪارام، سنت نِلوبا، وغيره سنتن جو سماويش آهي. ساڳيءَ طرح سنت جنابائي، سنت سويرابائي، سنت نرملابائي، سنت ڪمتابائي، سنت ڪانهو، پاترا ۽ سنت بهِڻابائي شؤرڪر به شامل آهن.

اِنهن سنتن ماڻهن کي ديا، اَهنسا، پر اُپڪار، تياڳ، شيوا، سمانتا، برادري ڀاوُ، وغيره گڻن جي سکيا ڏني. ڪوبه اِنسان ننڍو نه آهي. ڪوبه اِنسان وڏو نه آهي. سڀ اِنسان هڪ جهڙا آهن. اَهڙيءَ طرح سنتن سمانتا جي ڀاونا، هڪجهڙائي جي ڀاونا ماڻهن جي من ۾ نرماڻ ڪئي. ساڳئي نموني مهاراشٽر ۾ سمرٿ رامداس ساماجڪ جاڳرتي جو ڪم ڪيو.



شري چڪرڌر سوامي

**شري چڪرڌر سوامي :** شري چڪرڌر اصل گجرات جي هڪ راجا جو پٽ هو. وئراڳ وٺي هوُ مهاراشٽر ۾ آيو. مهاراشٽر جو دؤرو ڪندي هن ماڻهن کي سمانتا جو اُپديش ڏنو. هوُ عورت - مرد، ذات - پات جهڙن ڀيد ڀاوَ کي نه مڃيندو هو. اُن سبب هن کي اَنيڪ عورت - مرد پوئلڳ طور مليا. هن جي اِستاپن ڪيل پنٿ کي 'مهانوڀاوَ' پنٿ چوندا آهن. شري چڪرڌاري سوامي جي يادگيرين جو سنگرهه معنيٰ ''ليلاچرتر'' گرنٿ آهي.

**سنت نامديو :** سنت نامديو وٺل ڀڳوان جو پڪو ڀڳت هو. هوُ نرسي ڳوٺ جو رهندڙ



سنت نامديو

هو. هن اَنيڪ اَينگ (ڀڄن) لکيا آهن. هن ڪيرتن ڪري ماڻهن ۾ سڄاڳي آندي. هن ماڻهن کي ڀڳتيءَ جي سکيا ڏني. هن ڌرم - رکيا ڪرڻ جو ۽ ڀڳتي ڀاونا جو مضبوط اِرادو ماڻهن جي من ۾ نرماڻ ڪيو. سنت نامديو سارو ڀارت گهميو ۽ هن سڀني ماڻهن کي مانوَ - ڌرم جو سنديش ڏنو. هو پنجاب به ويو. هن ماڻهن کي سمانتا جو سنديش ڏنو.

هن هنديءَ ٻوليءَ ۾ ڀڄن لکيا. اُنهن ڀڄنن مان ڪي ڀڄن اَڄ به سکن جي ’گروگرنٿ صاحب‘ ڌرمي گرنٿ ۾ درج ٿيل آهن. مهاراشٽر ۾ ته هن سنت جا ڀڄن گهر - گهر ۾ وڏيءَ ڀڳتيءَ سان ڳايا ويندا آهن.

**سنت گيانيشور :** سنت گيانيشور آپيگانوَ جو رهندڙ هو. نورتيناٿ ۽ سوپانديو نالي سان هن کي ٻه ڀائر هئا. مڪتاٻائي سندس ڀيڻ هئي. اُن زماني جا سنت پاکنڊي ماڻهو، اُنهن ٻارن کي سنياسيءَ جا ٻار سمجهي نالا رکندا هئا، اُن جو سبب اِهو ته اُنهن جي پتا سنياس ورتو هو. پنهنجو گهر ڇڏيو هئائين. گروءَ جي آگيا موجب هو واپس گهر آيو ۽ پنهنجي ڪٽنب - پريوار سان رهڻ لڳو. اُن کان پوءِ هن کي هي چار ٻار ٿيا. پاکنڊي ۽ پائيبنديءَ ۾ مڃيندڙ ماڻهن کي اِها ڳالهه پسند نه هئي ته سنياسي ماڻهو سنسار ڪري. تنهنڪري اُهي ماڻهو اِنهن ٻارن سان نفرت ڪندا هئا.

گيانيشور هڪ دفعي ڪشتر (ٻکيا جي جهولي) کڻي ڳوٺ ۾ ويو، پر ڪنهن به ڪيس ٻکيا نه ڏني. هر هنڌ هن کي ماڻهن جو گهٽ - وڌ ڳالهائڻ ٻڌڻو پيو. اِن ڳالهه سندس ٻاراڻي من کي ڏاڍو ڏک پهچايو. هو پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ موٽي آيو. جهوپڙيءَ جو دروازو بند ڪري هو اَندر ڏک ڪرڻ وينو. اِيتري ۾ اُتي مُڪتا آئي. هن گيانيشور کي چيو، ”دروازو کول گيانوبا، آڙي، تون ايترو ڏک ڪندين ته ڪيئن هلندو؟ ڄڳت جو ڪلياڻ ڪير ڪندو؟“ ڀيڻ جو اُپديش گيانيشور تي ڏاڍو چڱو هنيو. هو پنهنجو ڏک وساري ڪم کي لڳي ويو. اُن وقت هرهنڌ غريبن ۽ پٺتي پيل ذاتين وارن کي ڌرم جي نالي تي ماڻهو ستائيندا هئا ۽ اُنهن کي ڏڪاريندا هئا. گيانيشور ماڻهن کي سٺي صلاح ڏني، ”ايشور ۾ وشواس رکو. سڀني سان هڪجهڙو ورتاءُ ڪيو. ڏينن ۽ دکين جي سهائتا ڪريو. ڏينن ۽ دکين جو دک دور ڪيو.
اَڄ ست سؤ سالن کان پوءِ به مهاراشٽر جي ڪنڊ - ڪڙڇ ۾ سندس سکيا جو اَثر ڏسڻ ۾ اَچي رهيو آهي.

اُن زماني ۾ ڌرم جي سکيا سنسڪرت ٻوليءَ جي گرنٿن ۾ هئي. ماڻهو مرهٽي ٻوليءَ جو اِستعمال ڳالهائڻ، ٻولهائڻ ۽ وهنوار ۾ ڪندا هئا. گيانيشور مرهٽي ٻوليءَ ۾ گيانيشوريءَ نالي هڪ وڏو گرنٿ لکيو. اِنهيءَ گرنٿ دوارا هن ڌرم جي گيان جو ڀنڊار عام ماڻهن لاءِ کولي ڇڏيو. هن ماڻهن کي برادري ڀاوَ جي سکيا ڏني. گيانيشور جوانيءَ اَوستا ۾ ڀٽي جي ويجهو



سنت گيانيشور

آلنديءَ ۾ جيئري سماڌي ورتي. اَڄ بہ لکين ماڻهو ڀڳتي - ڀاوَ سان هر سال آکاڙ - ڪتيءَ جي ايڪادشيءَ (گيارس) تي آلندي - پنڍري ياترا تي ويندا آهن.

**سنت ايڪناٿ** : سنت ناماديو ۽ سنت گيانيشور جي ڪمن جي پرمپرا سنت ايڪناٿ



سنت ايڪناٿ

اَڳتي وڌائي. هو پئٺڻ جو رهاڪو هو. هن ڀڳتي - مارگ جو پرچار ڪيو. هن اَنيڪ اَڀنگ اوديا پارودي نالي پچن رچيا. هن ماڻهن کي اُپديش ڏنو تہ ڪنهن بہ قسم جي اوچ - نيچ ڀيد - ڀاوَ کي نہ مڃيو. هن ماڻهن کي ڀڳتيءَ جي اَهميت سمجهائي. غريبن ۽ پنتي ڀيل ماڻهن کي هن ويجهو آندو. ايترو ئي نہ پر هن گگدام پراڻين تي پڻ ديا ڪئي. جيئن جنترن گگدامن تي ديا ڪيو. اَهڙي سکيا هن ماڻهن کي ڏني. سنت ايڪناٿ جي جهڙي چوٽي هئي، تهڙي ئي سندس ڪرڻي هئي.

هڪ ڏينهن هو گوداوري نديءَ تي اِشنان ڪرڻ لاءِ نڪتو. منجهند جو وقت هو. اُس جنسي ڪاڌو تي. نديءَ جي ڪناري تي آيل واري (ريتي) پڻ تتل هئي. اُن تتل واريءَ تي وينل هڪ اَناٿ ٻار ٻاڪاري رهيو هو. اُن جي روئڻ رڙڻ جو آواز ايڪناٿ جي ڪنن تي پيو. هن هيڏانهن - هوڏانهن نظر ڦيرائي ڏٺو تہ ٻار جا ماءُ - پيءُ آهن يا نہ. ٻار کي اَڪيلو ڏسي هو جهٽ - پٽ ڊڪندو ٻار وٽ آيو. هن ٻار کي هنج ۾ کنيو ۽ اُن ٻار جون اَکيون اُگهي کيس گهر پهچائي آيو.

اَهڙي طرح سنت ايڪناٿ سمانتا ۽ ممتا جو مثال ماڻهن جي دلين تي اُڪري ڇڏيو.

**سنت تڪارام** : شواجي مهاراج جي زماني ۾ سنت تڪارام ۽ سنت



سنت تڪارام

رامداس هئا. سنت تڪارام پٽي جي ويجهو ديهو ڳوٺ جو رهندڙ هو. سندس ڪٽنب کي ڪيتي - ٻاڙي به هئي. هن جو هڪ ڪرياني جو دوڪان به هو. هن جي وڏيرا ضرورت مندن کي قرض تي پئسا به ڏيندا هئا. پر تڪارام پنهنجي حصي ۾ آيل قرض جا ڪاغذ اِندرياڻي نديءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيا ۽ اَنيڪ ماڻهن کي قرض مان ڇوٽڪارو ڏنو. هو ويجهو آيل ٽڪريءَ تي وڃي وٺل ڀڳوان جا ڀڄن ڳائيندو هو. آڪاڙ ۽ ڪتيءَ جي مهنن ۾ هو نت - نيم سان پنڌرپور (پنڍري) ويندو هو. اُتي ڪيرتن ڪندو هو. اَڀنگ جوڙيندو هو. اُهي ڪيرتن ۽ ڀڄن هو ماڻهن کي ڳائي ٻڌائيندو هو. هزارين ماڻهو هن جو ڪيرتن ٻڌڻ ايندا هئا. شِواءِ (شواجي مهاراج) به هن جا ڀڄن - ڪيرتن ٻڌڻ لاءِ ويندا هئا. سنت تڪارام ماڻهن کي ديا، ڪميا ۽ شانتيءَ جو اُپديش ڏيندو هو. هڪجهڙائيءَ جا اُپديش ماڻهن کي ڏيندو هو.

جيڪو ڏينن - دکين کي پنهنجو ڪري
سمجهي ٿو، اُهو ئي سچو دين - ٻنڌو آهي،
اُن ۾ پرماتما واس ڪري ٿو.

اهو سنديش هن ماڻهن جي من تي جنسي اُڪري ڇڏيو. ماڻهو تڪارام جي جئہ جئڪار ڪرڻ لڳا. اَڄ به سڄي مهاراشٽر ۾ سنت گيانيشور ۽ سنت تڪارام جي جئہ جئڪار ٻڌڻ ۾ اَچي ٿي. گهر گهر ۾ تڪارام جي ڳاٿا(ڪٿا) اَڄ به پڙهي ويندي آهي.

**سمرٿ رامداس :** اُن زماني ۾ مهاراشٽر جي ڪنڊ - ڪڙڇ ۾ 'جئہ جئہ رگهووير سمرٿ'اَهڙي رامداس جي گرجنا گونججي رهي هئي. هن جو جنم مراٺواڙا ۾ گوداوري نديءَ جي ڪناري تي بيڙل جانب ڳوٺ ۾ رام - نوميءَ ڏينهن ٿيو. رامداس جو اَصلي نالو نارائڻ هو. هن پاڻ کي رام جو داسُ



سمرٿ رامداس

سڏايو. هن 'داس ٻوڌ' گرنٿ دواران ماڻهن کي عمدا اُپديش ڏنا. ساڳيءَ طرح هن پنهنجن شلوڪن دواران سد - ويچار ۽ سد - وهنوار جي سکيا ڏني. شڪتيءَ جي پوڄا خاطر هن گهٽن هنڌن تي هنومان جا مندر برپا ڪيا. هن ماڻهن کي شڪتيءَ جي پوڄا جو سنديش ڏنو ۽ چيو تہ جيڪو ڪريتو ان ۾ شڪتي واس ڪريتي. رامداس ماڻهن کي ايڪتا رکڻ جي ۽ اَنياءُ خلاف منهن ڏيڻ لاءِ اُتساهت ڪيو. اُن سبب اُن زماني جي ماڻهن ۾ ڌيرج آيو.

ساڌوُ-سنتن جي ڪاريہ سبب ماڻهن ۾ سڄاڳي آئي. ماڻهن ۾ ڌرم لاءِ آدر ۽ عزت وڌي. ماڻهن جو پاڻ ۾ پڻ آتم-وشواس نرماڻ ٿيو. سنتن جي ڪيل ڪارين جو شواجي مهاراج سوراج اِستاپنا ڪرڻ لاءِ اِستعمال ڪري ورتو.

## اڀياس

سوال ١. مناسب لفظ وجهي خال ڀريو.

(الف) سنت نامديو ......... جو پرم ڀڳت هو.

(ب) گيانيشور جوانيءَ ۾ پٽي جي ويڄهو ......... ۾ جيئري سماڌي ورتي.

(ٿ) سنت تڪارام پنهنجي حصي ۾ آيل قرضن جا ڪاغذ ......... ندي ۾ ٻوڙيا.

(ڊ) سمرٿ رامداس شڪتيءَ جي پوڄا لاءِ گهٽن هنڌن تي ......... مندرن جي اِستاپنا ڪئي.

سوال ٢. هرهڪ سوال جو هڪ جملي ۾ جواب لکو.

(اَلف) شري چڪردر سوامي کهڙي ڀيد - ڀاوَ کي نہ مڃيندو هو؟

(ب) سنت نامديو ماڻهن جي من ۾ کهڙو اِرادو نرماڻ ڪيو؟

(ٿ) سنت ايڪناٿ ماڻهن کي کهڙو اُپديش ڏنو؟

(ڊ) سمرٿ رامداس کهڙو سنديش ڏنو؟

سوال ٣. ٻن ٽن جملن ۾ جواب لکو.

(اَلف) سنت گيانيشور جهوپڙيءَ جو دروازو بندو ڇو ڪيو؟

(ب) سنت تڪارام ماڻهن جي من تي کهڙو سنديش اُڪري ڇڏيو؟

مشغولي

پاٺ ۾ آيل سنتن کان سواءِ ٻين سنتن جون تصويرون گڏ ڪيو. اُنهن تصويرن هيٺان اُنهن سنتن جا ويچار لکو.

❋❋❋

# ٣. مرهٽا سردار - پونسلي جو برجستو گهراڻو

## بي سلامتيءَ وارو (تڙتڪڙ وارو)

**وقت :** سنڌن ماڻهن جي من ۾ پيٽتي - پاوُ جاڳايو ۽ مرهٽا سردارن ماڻهن ۾ ويرتا جو پاوُ ڦوڪيو.

اِهو سمو ڪشمڪش وارو هو. ويڃاپور جي عادل شاهه ۽ اَهليانگر جي نظام شاهه سلطانن جي وچ ۾ هميشه لڙايون هلنديون پئي آيون. اِهي ٻئي سلطان مهاراشٽر جا هئا. لڙائي چالو رکڻ لاءِ هنن کي فوجين جي ضرورت هئي. اِنهيءَ ڪم لاءِ هيءُ حاڪم مرهٽا سردارن جي مدد وٺندا هئا.

**وير مرهٽا سردار :** مرهٽا لڙاڪو ۽ بهادر هئا. ساڳيءَ طرح هوُ همت وارو ۽ وفادار به هئا. هوُ لڙائيءَ ۾ پنهنجو جوهر ڏيکارڻ ۾ فخر وٺندا هئا. هٿ ۾ ڀالو ۽ ڪمر ۾ تلوار اَهڙي همت وارا وير جوان مرد گهوڙي تي سُوار ٿي فوَجي جٿي ۾ شامل ٿيندا هئا. مرهٽا سردار پنهنجيءَ فوَج جا ڪوڏيا هوندا هئا. ڪوبه مرهٽو سردار سلطان وٽ ويندو هو ته سلطان هن کي پنهنجيءَ فوج ۾ ڀرتي ڪري ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سلطان فوَجي مرهٽي سردار کي جاگير به ڏيندو هو. جاگير مليل سردار پنهنجيءَ جاگير جا پاڻ کي راجا سمجهندا هئا.

ويڃاپور ۽ اَهليانگر جي سلطانن وٽ وڏا وڏا مرهٽا سردار نوڪريءَ ۾ هئا. اُنهن مان سندکيڙ جو جاڌوَ ڦلٽڻ جو نمبالڪر، مُڌول جو گهوڙ پڙي، جاوليءَ جو موري، ويروُل جو پونسلي مکيه هئا. سندکيڙ جو جاڌوَ ديوگريءَ جي يادو ڪُل مان هو. شواجي مهاراج جي ماتا جيجاٻائي سندکيڙ جي لکوُجي جاڌوَ جي نياڻي هئي.

**ويرتا جي پرمپرا :** هيءُ سڀ سردار سوُروير هئا. پر هنن منجهه ويرُ - وروڌ هوندو هو. پاڻ ۾ ڳڏجي پنهنجي لاءِ ڪجهه ڪجي، اَهڙو ويچار ڪين ڪڏهن به ڪين ايندو هو. اُنهيءَ ڪري سندن ويرتا ڌارين جي ئي ڪم پيئي ايندي هئي. مهاراشٽر ۾ هزارين مرهٽن جوانن کي پراڪرم ڏيکارڻ جو چشڪو لڳو. اَنيڪ پراڪرمي وير پئدا ٿيا. مرهٽا سردارن مهاراشٽر ۾ ويرتا زنده رکي. مهاراشٽر جي وير گهراڻن مان ويرول جو پونسلي گهراڻو سڀني کان وڌيڪ پراڪرمي نڪتو.

**گهرشٽيشور جو مندر :** اَٽڪل چار سؤ سال اَڳ جي ڳالهه آهي. ويرول جي غفائن جي ويجهو گهرشٽيشور جو سندر مندر ڀڳل - ٽٽل حالت ۾ هو. اُن مندر جو پوڄاري پڻ مندر جي اِها حالت ڏسي مندر ڇڏي هليو ويو. اَهڙو وڏو مهامندر ۽ اَهڙي مندر جي دردشا! اُن مندر جي هيءَ حالت ڏسي ڀڳت اَرمان ڪائيندا هئا.

واٽهڙن کي پڻ مندر جي هيءَ بري حالت ڏسي اَرمان ٿيندو هو. اُهي ٽڏا شوڪارا پيا ڀريندا هئا. پر مندر جي مرمت جو ويچار ڪري ڪير؟

اِنهيءَ ڀڳل - ٽٽل مندر ۾ هڪ شِو - ڀڳوان جو پوڄاري نِٽ - نيم سان ايندو هو. هو شِوَ لنگ تي بيل وڻ جا گل اَڇي چاڙهيندو هو. پوءِ هوُ هٿ جوڙي شِوَ ڀڳوان جي پوڄا ڪندو هو. هڪ ڏينهن هو پاڻ سان ڪي سچڻ ماڻهو وٺي آيو. اُنهن ماڻهن ڀڳل مندر جون ڀتيون نيڪ ڪيون. مندر جي جوڳي مرمت ڪئي. گهرشٽيشور مندر جو پنر - نرماڻ جو ڪم شروع ٿي ويو. مندر جڻ نئون ٿي پيو. اُن مندر کي اَڳيان پنيان ڏيئن



شهاجي راجي

٩

جي روشنيءَ سان جهنجهيو ويو. اُن مندر جي اَڳيَن ڀڪ ۾ مهڪ موتي آئي. اِهو سڀ ڪنهن ڪيو؟ اِهو ڇو - ڀڳت ڪير هو؟ اِهو هو مالوجي راجي ڀونسلي.

**ويرول جو ڀونسلي :** ويرول ڳوٺ جو پاٽل مالوجي راجي ڀونسلي هڪ مهان شِو - شنڪر جو ڀڳت هو. وٺوجي راجي هن جو ننڍو ڀاءُ هو. ويرول جي باباجي راجي جا ٻه پٽ هئا. ويرول ڳوٺ جي پٽيليءَ جو سارو ڪم - ڪار هن جي هٿن ۾ هو.

مالوجي راجي ۽ وٺوجي راجي وڏي وٽ وارا هئا. ساڳيءَ طرح هو بهادر پڻ هئا.هنن وٽ هٿيار بند مرهٽا سپاهي ٻه جهجهي اَنداز ۾ هئا. اُهو سمو ڏاڍو ڏکيو ۽ ترتڪڙ وارو هو. نظام شاهي راڄ تي اُتر مان مغل شهنشاهه چڙهائي ڪئي هئي. اُن وقت دؤلتاباد نظام شاهيءَ جي راڄڌاني هئي. اُتي ملڪ عنبر نالي هن جو وزير هو. هوُ وڏي جريت وارو ۽ هوشيار هو. هن دؤلتاباد جي ويجهو آيل ويرول جي ڀؤنسلي ڀائرن ۾ قابليت ڏٺي هئي. اُن وزير نظام شاهه اَڳيان ڀؤنسلي ڀائرن جي قابليت ۽ بهادريءَ جي ساراهه ڪئي. نظام شاهه مالوجي راجي کي پُٽي ۽ سُپي علائقا (پرڳڻا) جاگير طور ڏنا.

ڀونسلي ڪٽنب وارا زور وٺي ويا. اُما ٻائي مالوجي راجي جي زال هئي. اُها ڦلٽڻ جي نمبالڪر گهراڻي (خاندان) جي هئي. اُنهن کي ٻه پٽ هئا. هڪ جو نالو شهاجي ۽ ٻئي جو نالو شريفجي هو. جڏهن شهاجي اَجا پنجن سالن جو هو تڏهن مالوجي راجي اِنداپور جي لڙائيءَ ۾ مارجي ويو. وٺوجيءَ پنهنجي ڀائٽي جي ۽ جاگير جي سنڀال ڪئي. اَڳتي هلي هن شهاجيءَ لاءِ لکوجي جاڌو جي نياڻيءَ جو سڱ گهريو. جاڌوَ جي ڌيءَ جيجاٻائي ڏاڍي سُلڇڻي ڇوڪري هئي. جيجاٻائيءَ لاءِ وٺوجيءَ جيڪا گُهر ڪئي، اُها گُهر لکوجي راوَ قبول ڪئي. لکوجيراوَ معنيٰ نظام شاهيءَ ۾ آيل هڪ بهادر ۽ پراڪرمي سردار هو. هوُ وڏو فؤجي سپه سالار هو. نظام شاهه جي ڪچهريءَ ۾ هن جي وڏي عزت هئي. هن شهاجي راجي ۽ جيجاٻائيءَ جي شادي وڏيءَ ڌام - ڌوم سان ڪرائي. جيجاٻائي ڀونسلي خاندان جي لڪشمي ٿي.

**شهاجي راجي :** نظام - شاهي حاڪم مالوجي راجي جي جاگير شهاجي راجا کي ڏني. شهاجي راجي پراڪرمي هو. نظام شاهيءَ جي ڪچهريءَ ۾ هن جو وڏو شان - مانُ هو. مغل شهنشاهه نظام شاهي راڄ کي جيتڻ جو ويچار ڪيو. ويجاپور جو عادل شاهه، مغل شهنشاهه سان نهي ويو. اُن وقت نظام شاهي راڄ کي بچائڻ لاءِ ملڪ عنبر ۽ شهاجي راجي مغلن سان خوب لڙيا. ٻنهي دشمنن جي گڏيل فؤج کي هنن بهادرن هارايو. اَهلياننگر جي ڀرسان ڀاتَ - وڙيءَ وٽ اِها مشهور لڙائي لڳي. اِنهيءَ لڙائيءَ ۾ شريفجي ماريو ويو. پر شهاجيءَ راجي وڏو پراڪرم ڏيکاريو. اُن سبب وير سئناني طور شهاجي راجي جو هرهنڌ سنمان ٿيو. ڪچهريءَ ۾ هن جي عزت وڌي. خود ملڪ عنبر هن جي ٻاري ۾ بد گمان ٿيو. ٻئي پاڻ ۾ نه نڀيا. ٻنهي جي وچ ۾ تڪرار وڌي ويو. اُن سبب شهاجي راجي نظم شاهيءَ کي ڇڏيو ۽ ويجاپور جي عادل شاهه سان وڃي مليو. عادل-شاهه هن کي 'سَر-لشڪر' جو خطاب ڏيئي سنمان ڪيو. اَڳتي هلي نظام - شاهيءَ ۾ ڪيترائي سُڌارا - واڌارا آيا. ملڪ عنبر گذاري ويو. اُن جو پٽ فتح خان وڏو منصوبا رچيندڙ هو. هوُ هاڻي نظام شاهيءَ جو ڪاروبار هلائيندڙ ٿيو. اُن جي زماني ۾ نظام - شاهيءَ جو اَثر گهٽجڻ لڳو. مغلن جي چڙهائيءَ جو خطرو پئدا ٿيو. اِنهيءَ خطري مان نظام - شاهيءَ کي بچائڻ ۽ سنڀالڻ لاءِ نظام شاهه جي ماتا شهاجي راجي کي وري واپس آڻڻ لاءِ وينتي ڪئي. اُن سبب شهاجي راجي عادل - شاهي ڇڏي واپس نظام شاهيءَ ۾ آيو.



10

**سوال ١. ڏنگين مان واجب لفظ چونڊي خال ڀريو.**

(الف) مهاراشٽر جي وير گهراڻن مان ويرول جو ......... گهراڻو وڏو پراڪرمي نڪتو.
(موري، گهورپڙي، ڀونسلي)
(ب) بابا جي راجي ڀونسلي کي مالوجي ۽ ......... ٻه پٽ هئا.
(وِٺوجي، شهاجي، شريفجي)
(ٿ) نظام شاهه جو ......... جريت وارو بهادر وزير هو.
(ملڪ عنبر، فتح خان، شريفجي)

**سوال ٢. هنن جا پاڻ ۾ ڪهڙا رِشتا (ناتا) آهن.**

(اَلف) مالوجي راجي - وِٺوجي راجي - .........
(ب) شهاجي راجي - لکوجيراوَ جاڌوَ - ......
(ٿ) شهاجي راجي - شريفجي - .........
(د) باباجي راجي - وِٺوجي راجي - .........

**سوال ٣. جوڙا ملايو.**

| 'اَلف' | 'ب' |
|---|---|
| (اَلف) سندکيڙ جو | (١) نمبالڪر |
| (ب) ڦلٽڻ جو | (٢) گهورپڙي |
| (ٿ) جاولي ۽ جو | (٣) ڀونسلي |
| (د) مُڌُل جي | (۴) موري |
| | (۵) جاڌو |

**سوال ۴. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

(اَلف) گهرشٽيشور مندر کي نئين سر ڪنهن ٺهرايو؟
(ب) نظام شاهه مالوجي راجي کي ڪهڙن پرڳڻن جون جاگيرون ڏنيون؟
(ٿ) نظام شاهي ۽ کي بچائڻ لاءِ ڪير بهادري ۽ سان لڙيو؟
(د) عادل شاهه شهاجي راجي کي ڪهڙو خطاب ڏنو؟
(م) شهاجي راجي عادل شاهي ڇڏي نظام شاهي ۽ واپس ڇو آيو؟

**مشغولي**

مهاراشٽر جي نقشي ۾ اَهليانگر ، ڦلٽڻ، ويرول، ڀِٽي، سُپي اِهي آستان ڏيکاريو.

**نوٽ :** هت 'مراٺا' اِهو لفظ مرهٽي - ٻولي ڳالهائيندڙ يا مهاراشٽر سان لاڳاپو رکندڙ آهي.

❋❋❋

# ٤. شواجي مهاراج جو ٻالپڻ



شونيري قلعي تي شواجي مهاراج جو جنم آستان

**شواجي مهاراج جو جنم :** اُنهن ڏينهن ۾ ملڪ ۾ وڳوڙ لڳو پيو هو. اُتر مان مغل شهنشاه شاهه جهان ڏکڻ فتح ڪرڻ لاءِ هڪ شاهي لشڪر چاڙهي موڪليو هو. شهاجي راجا جي جاگير جو ڳوٺ پُٽي هو. ويجاپور جي عادل شاهه اِهو ڍاهي پَٽ ڪيو هو. شهاجي راجي سخت تڪليف ۾ اَچي پيو هو. هڪ پاسي ڪُوهه ته ٻئي پاسي کاهي شهاجي راجي جي نصيب ۾ عمر ير ڀٽڪڻ آيو.

اِنهيءَ سنڪٽ سمي جيجاٻائي اُميد واري هئي. اَهڙي گَڙٻڙ واري وقت ۾ سُوال اُٿيو ته ڪيس رهائجي ڪٿي؟ شهاجي راجي کي شونيريءَ جو قعلو خيال ۾ آيو. هن فيصلو ڪيو ته جيجاٻائيءَ جي رهائڻ جو بندوبست شِونيري قعلي ۾ ڪجي. شِونيري اِهو پُٽي ضلعي ۾ جُننير ويجهو هڪ مضبوط قلعو هو. قلعي جي چئني پاسي گولاڪار اُڀا، پهاڙ شاهي ديوارون ۽ مضبوط دروازا هئا. قعلو ڏاڍو مضبوط هو. وجيه راجي اُن قعلي جو قعليدار هو. يؤنسلي جو مائٽ هو. هن جيجاٻائيءَ کي سنڀالڻ جي جوابداري

پاڻ تي ڪنئين. تنهنڪري شهاجي راجي جيجاٻائي کي شونيريءَ ۾ سلامت ڪري پاڻ مغلن سان جنگ جوٽڻ لاءِ هليو ويو.

آخر اُهو سونهري ڏينهن آيو. اِهو هو ڦڳڻ مهني جي سهائي ٽيج جو ڏينهن. سال هو شڪي ١٥٥١. انگريزي سال موجب ١٩ فيبروري ١٦٣٠ع . شونيري قلعي جي نغارخاني ۾ شهنائي ۽ ڏونڪا وڄڻ لڳا. اَهڙي منگل مهورت ۾ جيجاٻائيءَ جي گربي مان پُٽ جنم ورتو. آنند ئي آنند ڇانئجي ويو. نينگر جي ڇني ملهائي ويئي. شونيري قعلي ۾ جنم هئڻ سبب ٻالڪ جو نالو 'شواجي' رکيو ويو.

**شواجي مهاراج جو ٻالپڻ :** شواجيءَ جي جنم کان وٺي پهريان ڇهه سال ملڪ ۾ گوڙ گهمسان هلندو آيو. اُن هوندي به جيجاٻائيءَ ننيڙڙي شواجيءَ کي سُٺي سکيا ڏني. شام جي وقت هوءَ ڏيئا ٻاريندي هئي. ننيڙڙي شواجيءَ کي پاڻ وٽ سڏيندي هئي. ممتا سان هوءَ پنهنجي پُٽ کي ڳراهڙي پائيندي هئي. پنهنجي پرسان پنهنجي لعل کي وهاري هوءَ ڪيس رام، ڪرشن، ڀيم ۽ اَڀيمنيوءَ جون آکاڻيون ٻڌائيندي هئي. ڪڏهن - ڪڏهن هوءَ کيس گيانيشور جون ته ڪڏهن نامديو جون ته ڪڏهن ايڪناٿ جون ڪويتائون (اَڀنگ) ٻڌائيندي هئي. شواجيءَ کي وير پرش جون ڪهاڻيون وڻنديون هيون. شواجيءَ کي لڳندو هو ته هو به وڏو ٿي پراڪرم ڪري ڏيکاريندو. جيجاٻائي شواجيءَ کي ساڌو - سنتن جي چريترن جون آکاڻيون به ٻڌائيندي هئي. شواجيءَ جي من ۾ اُن سبب ساڌو سنتن جي باري ۾ عزت ۽ سنمان جي ڀڙي نرماڻ ٿي.

پنهنجن سنگتين ساٿين سان گڏ شواجي راند ڪندو هو. راند ڪندڙ غريب ٻار اَڪثر ماولن جا ٻار هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن شواجي به اُنهن جي جهوپڙين ۾ ويندو هو. هو خوشيءَ سان سندن بصر - ماني کائيندو هو. شواجي اُنهن سان مزيدار رانديون ڪندو هو. ماولن جا ٻار طوطن جا آواز، ڪوئلن جون لاتيون ۽ چيتن جا آواز هوبهو نيڪ نموني ڪندا هئا. هنن ماولن کي هاٿي گهوڙا ناهڻ جو شونق هوندو هو. ماولا ٻار مٽيءَ جا قلعا به اَڏيندا هئا. هو لِڪ - ڇپ، ٻال ۽ لاٺيون سان به هميشه رانديون ڪندا هئا.



وير ماتا جيجاٻائي شواجيءَ کي آکاڻيون ٻڌائيندي



پنهنجي ساٿي - سنگتين سان گڏ شواجي

شواجي ماولا جي ٻارن سان رانديون ڪندو هو ۽ هو ٻہ ڪيس ڏاڍو پائيندا هئا.

**شهاجي راجي مغل بادشاه ڏانهن :**

شهاجي راجي نظام شاهيءَ ڏانهن واپس برابر موٽيو. پر هن کي اُتي مزو نہ آيو. اُن جو سبب اِهو هو تہ خود نظام شاهہ اَڻسمجهہ وارو ۽ ٻچڙائي سڀاءُ وارو هو. اُن سبب ڪچهريءَ ۾ ٿيندڙ سازشن ۽ ريسن مان هن کي نفرت آئي هئي. نظام شاه جي چڙ سبب لکوجي - راوُ جاڌو جي پريل ڪچهريءَ ۾ هتيا ڪئي ويئي. اَهڙين گهٽنائن سبب ناراض ٿي شهاجي راجي نظام شاهيءَ جو تياڳہ ڪيو ۽ مغلن جي شيوا ۾ حاضر ٿيو. مغل بادشاهہ شاهجهان هن کي سردار بڻايو. تنهن وچ ۾ وزير فتح خان اَندرئين نموني مغلن سان هٿ ملائي نظام شاهہ جي هتيا ڪئي. نظام شاهيءَ ۾ اَنڌ - ڌنڌ مچي ويو. فتح خان دغا سان نظام شاهي مغلن جي ڳلي ۾ وجهندو هو، اِها ڳالهہ صاف نظر اَچي پيئي. ايترو ئي نہ، پر بخشيش ۾ مليل شهاجي راجي جي قبضي ۾ آيل علائقي کي مغلن پنهنجو پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو. اُن سبب غصي ۾ اَچي شهاجي راجي مغلن جو پاسو ڇڏيو ۽ هن پنهنجي همت ۽ سمرٿيءَ موجب مغلن کي سبق سيکارڻ جو اِرادو ڪيو.

**نئين نظام شاهيءَ جي اِستاپنا :** فتح خان وزير ۽ مغل بادشاهہ کي شڪست ڏيڻ لاءِ شهاجي راجي نظام جي ونش مان هڪ ٻار ڳولهي لڌو. جنير ويجهو آيل پيمہ گِري قلعي ۾ اُن ٻار کي نظام شاهہ طور ظاهر ڪيو ويو. اَهڙيءَ طرح هڪ نئين راجيہ جي اِستاپنا ڪئي ويئي.

اِنهيءَ راجيہ اَندر گوداوريءَ کان نيرا تائين پرديش آيل هئا. پنهنجي انهيءَ راجيہ جي بچاءُ لاءِ شهاجي راجي وڏيءَ همت ۽ بهادريءَ سان لڙيو. اِنهيءَ ڪم ۾ عادل شاھ پهرئين هن کي پورو ساٿ ڏنو. پر پوءِ خود مغل بادشاھ شاهجهان ڏکڻ ۾ شهاجي راجي وٽ آيو. هُن عادل شاھ کي ڌمڪي ڏني. عادل - شاھ، شهاجي راجي جي خلاف ٿي بيٺو. عادل شاھ مغلن سان ناھ ڪيو.

هاڻي مغل ۽ عادل شاھ اِنهن ٻنهي جي گڏيل فوجن خلاف شهاجي راجي لڙڻ لڳو. پر اَڪيلو شهاجي راجي ڪيترا ڏينهن لڙي سگهندو؟ هن جي شڪتي گهٽجڻ لڳي. هو لاچار ٿِجي ويو. تنهنڪري لاچار ٿي هن عيسوي سن ١٦٣٦ع ۾ مغلن سان ناھ ڪيو. شهاجي راجي کي اُهو سمو راس نہ آيو. پر اُن سبب هن آزاد سوَراج جي اِستاپنا نہ ٿي سگهي. پر هن جي همٿ سبب مرهٽي ماڻهن ۾ آتم - وشواس پئدا ٿيو. اَڳتي هلي اِهو آتم وشواس شواجي مهاراج کي سوَراج جي اِستاپنا ڪرڻ ۾ ڪم آيو.

**جيجاٻائي ۽ شواجي مهاراج**

**ڪرناٽڪ ۾ :** شهاجي راجي جي نظام شاهي ختم ٿيڻ کان پوءِ هن جو پرديش مغلن ۽ عادل شاھ پاڻ ۾ ونڊي ورهائي ڪنيو. شهاجي راجي جي پُٽي ۽ سُپي جي وڏي جاگير عادل شاهي راجيہ ۾ آئي. اُها جاگير عادل شاھ پاڻ شهاجي راجا کي واپس ڏني. اُن سبب شهاجي راجي عادل شاهيءَ جي شيوا ۾ رهڻ قبول ڪيو. عادل شاھ شهاجي راجي کي پُٽي کان پري ڪرناٽڪ ۾ آيل پرديش جيتڻ لاءِ مقرر ڪيو. تنهنڪري شهاجي راجي کان پوءِ جيجاٻائي ۽ شواجيءَ کي پُٽي کان دور آيل ڪرناٽڪ پرديش وڃڻو پيو.

شواجيءَ جو مهاراشٽر ۾ ننڍپڻ ڪڏهن هتي تہ ڪڏهن هُتي گذريو. اَڄ هن قعلي ۾ تہ سڀاڻي ٻئي قعلي ۾. جيجاٻائيءَ ۽ شواجي کي رهڻو پيو. اُن وقت پنهنجي پِتا جي پراڪرم جون ڳالهيون ننڍڙي شواجيءَ جي ڪنن تي پونديون هيون. آهستي - آهستي هنن ماءُ - پٽ کي ڪرناٽڪ ۾ نيڪ لڳڻ لڳو. ڪرناٽڪ ۾ اَنيڪ راجائن کي شهاجي راجي جيتيو. اُن سبب عادل شاھ شهاجي راجي کي بنگلور جي جاگير بخشش طور ڏني. هاڻي بنگلور ۾ شهاجي راجي پنهنجو ناٽو نڪاٽو ڪيو. اُتي هو راجا وانگر شاهي شان - مان سان رهڻ لڳو. اُتي هن جي ڪچهري بہ لڳندي هئي.

## اڀياس

**سوال ١. ڏنگين مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو .**

(الف) شواجيءَ جو جنم ......... قلعي ۾ ٿيو.
(پُرندر، شونيري، پنهالا)

(ب) عادل شاھ شهاجي راجي کي ......... پرديش جيتڻ جي ڪم لاءِ مقرر ڪيو.
(ڪرناٽڪ ۾ آيل، خانديش ۾ آيل، ڪونڪن ۾ آيل)

**سوال ٢. هرهڪ سوال جو جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

(اَلف) جيجاماتا جي ڏنل سکيا سبب شواجيءَ جي من ۾ ڪهڙو ويچار اَچڻ لڳو؟

(ب) شواجي ماولن جي ٻارن سان گڏ ڪهڙيون رانديون ڪندو هو؟

(ٿ) شهاجي راجي نظام شاهيءَ جو تيارگ ڇو ڪيو؟

سوال ٣. ٻن - ٽن جملن ۾ جواب لکو.

(اَلف) جيجاٻائي شواجيءَ کي ڪهڙيون ڪهڙيون آکاڻيون ٻڌائيندي هئي؟

(ب) شهاجي راجي، نظام شاهي ونش جي ٻار کي نظام شاهه طور ڇو ظاهر ڪيو؟

مشغولي

(اَلف) شونيري قلعي جي پڪنڪ ڪيو. اُتي شواجيءَ جي جنم - آستان جي خبرچار هٿ ڪيو.

(ب) توهين جيڪي پرمپرا موجب ديسي رانديون ڪيو ٿا. اُنهن راندين جا نالا لکو. اُنهن راندين مان ڪنهن ﮨﻚ راند تي ١٠ جملا لکو.

❁❁❁



شونيري قلعو - مکيہ دروازو

# ٥. شواجي مهاراج جي تعليم

**شواجيءَ جي تعليم جي شروعات :**

خود شهاجي راجي سنسڪرت جو وڏو پنڊت هو. هن پنهنجي بئنگلور جي ڪچهريءَ ۾ اَنيڪ ٻولين جي پنڊتن ۽ ڪلاڪارن کي اَجهو ڏنو هو. شواجيءَ لاءِ هن هوشيار اُستادن کي مقرر ڪيو هو. عمر جا ست سال پورا ٿيڻ کان پوءِ شواجيءَ جي تعليم شروع ٿي. ٿوري ئي وقت ۾ شواجي لکڻ ۽ پڙهڻ جي فن ۾ ماهر ٿي ويو. رامائڻ، مهاڀارت، ڀاڳوت ۾ آيل ڪٿائون هو پاڻ پڙهڻ لڳو. شهاجي راجي شواجيءَ جي جنگي فن سيکارڻ لاءِ ڪجهه اُستادن جي مقرري ڪئي هئي. اُنهن اُستادن شواجيءَ کي گهوڙي تي وهڻ، ملهه وڙهڻ، ڏنڊ - پٽو ڦيرائڻ، تلوار هلائڻ وغيره وديائون سکڻ جي تعليم ڏيڻ جي شروعات ڪئي. اَهڙي نموني عمر جي ٻارهين سالن تائين طرح - طرح جي وديائن ۽ فن جي واقفيت شواجيءَ کي ملي.

ٿوري ئي وقت ۾ عادل شاهه شهاجي راجي کي ڪرناٽڪ ۾ آيل پرديش جيتڻ جي سرگرم هلچل لاءِ موڪليو. اِنهيءَ ڪم تي وڃڻ کان اَڳ شهاجي راجي جيجاٻائي ۽ شواجيءَ کي پُٽي جاگير ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. اُن وقت شهاجي راجي اُنهن سان گڏ هاٿي، گهوڙا، پيدل سئنا، خزانو، جهنڊو، ڀروسي مند مکيه ماڻهو بهادر سپاهي ۽ مشهور اُستاد بہ موڪليا.



شهاجي راجا جي ديکه ريکه ۾ شواجيءَ جي تعليم

**پٽي جي رؤنق بدلجڻ :** جيجا ماتا ۽ شواجي پٽي شهر ۾ آيا. شواجيءَ کي ننڍپڻ جا ڏينهن ياد اچڻ لڳا. هوُ شونيريءَ جي مٿيءَ ۾ رانديون ڪندو هو. سهيادري جبلن جون وڏيون وڏيون چوٽيون هن کي وري ڏسڻ ۾ آيون. هن کي بيحد خوشي ٿي. اُنهن ڏينهن جو پٽي ايڏو وڏو شهر ڪين هو. شهاجي راجي جي دشمنن پٽي شهر اُجاڙي ڇڏيو هو. اِنهيءَ شهر جون ملڪتيون لٽيون ويون هيون. گهر ڍاهيا ويا هئا. مندر ڀڳا ويا هئا. دشمنن جي ڊپ سبب ماڻهو شهر ڇڏي ڀڄي ويا هئا. کيت خالي هئا. هرهنڌ جهنگل وڌي ويا هئا. جهنگل ۾ بگهڙ وسي ويا هئا. اَهڙي طرح پٽي جي حالت بُريءَ طرح خراب ٿي چڪي هئي.

جيجابائي شواجيءَ سان گڏ پٽي ۾ رهڻ لڳي. اِها ڳالهه آس - پاس جي ڳوٺن ۾ پکڙجي ويئي. اِنهيءَ سبب ماڻهن ۾ ڌيرج ۽ ساهس جاڳيا. جيجابائيءَ اُنهن ماڻهن کي گهرائي آٿت ڏنو. اُن سبب ماڻهو ڳوٺ ڇڏي وري پٽي ۾ اَچي رهڻ لڳا. اُهي ماڻهو نئين سِر کيتي ڪرڻ لڳا. جيجابائيءَ ٽٽل مندرن جي مرمت ڪرائي. مندرن ۾ وري نِت - نيم صبح - شام ديوتائن جي پوڄا ٿيڻ لڳي. پٽي شهر جي رؤنق ئي بدلجي ويئي.

**دداجي ڪونڊديو جا ڪم :**

جيجابائي ۽ شواجي جنهن وقت ڪرناٽڪ ۾ هئا، اُن پٽي جاگير جي ديکہ - ڀال ۽ بندوبست دداجي ڪونڊديوَ ڪندو هو. هوُ ڪونڊاڻا جو صوبيدار بہ هو. هوُ ايماندار شيوڪ بہ هو. هو وهنوار ۾ بلڪل صاف سترو هو. ساڳيءَ طرح هو اِنصاف پسند اِنسان هو. هن جو اِنتظام سخت هوندو هو. شهاجي راجي تہ جيجابائيءَ ڏانهن هُن جي وفاداري هئي. هن شهاجي راجي جي حڪم موجب جيجابائيءَ ۽ شواجي جي رهڻ لاءِ پٽي ۾ هڪ وڏو شاهي مڪان ٺهرايو. اُن مڪان جو نالو لال محل رکيو ويو. هارين کي وري کيتي ڪرڻ جو وجهہ ملي اُن لاءِ دداجيءَ ڪجهہ سالن لاءِ زمين جي ڍل معاف ڪئي. اُن سبب وري کيتي - ٻاريءَ زور ورتو. بگهڙ هارين کي پريشان ڪرڻ لڳا. تنهنڪري بگهڙن کي مارڻ لاءِ هن اِنعام آڇيا. اُن سبب ڪيترا بگهڙ ماريا ويا. چورن جي چوري پڻ وڌي ويئي هئي. دداجي هارين دوارا کيتن ۾ پهري جو بندوبست ڪرايو. زمين کي درجي موجب ورهائي ڍل وٺڻ شروع ڪئي. اُن سبب ماڻهو بيحد خوش ٿيا دادا جي ڪونڊديوءَ نظام شاهي ءَ جي وزير ملڪ انبر جا کيتي سڌارڻ ۽ ڍل گڏ ڪرڻ جي کيترن ۾ کيل ڪم اهميت ڀريا ۽ بنيادي مڃيا ويندا آهن.

**شواجيءَ جي تعليم :** شواجي پٽي جاگير ۾ آيو. اُن جي تعليم جيجاماتا جي ديکہ - ريکہ هيٺ چالو رهي. بنگلور مان اَچڻ وقت شهاجي راجي هن سان گڏ هوشيار اُستاد بہ موڪليا هئا. اُنهن اُستادن شواجيءَ کي اَنيڪ شاستر ودياڻون ۽ ٻوليون سيکاريون.

بهترين نموني راڄيہ - ڪاروبار ڪيئن هلائجي، دشمن سان جنگہ ڪيئن ڪجي، قلعا ڪيئن ٺاهجن، گهوڙن ۽ هاٿين جو امتحان ڪيئن ونجي، دشمن جي درلڀ پرديش مان ڪيئن کسکي اَچجي، وغيره اَنيڪ ودياڻن جي ڄاڻ شواجيءَ کي پيئي. شواجيءَ جي حاصل ٿيل تعليم جي ترقي ڏسي جيجاماتا کي بيحد خوشي ٿي.

**جيجاماتا جي شواجيءَ کي ڏنل سکيا :** جيجاماتا ڪا عام عورت نہ هئي. هوءَ لکوجي راوَ جادو جهڙي شڪتيشالي سردار جي سُپتري هئي. هوءَ شهاجي راجي جهڙي پراڪرمي بهادر پرش جي ڌرم - پتني هئي. سياست ۽ جنگہ جي اُصولن ۽ نيتين جي ڄاڻ

جيجابائيءَ کي ننڍپڻ کان مليل هئي. جاڌو ۽ ڀونسلي اِنهن مشهور گهراڻن جي لڙاڪو پرمپرائن جو ميل جيجابائيءَ ۾ هئو. جيجابائي پاڻ تي فخر ڪندڙ ۽ آزاديءَ کي چاهيندڙ عورت هئي. مرهٽا سردارن ڪيترو نه پراڪرم ڇو نه ڪيو هجي، پر سلطان جي ڪچهريءَ ۾ اُنهن جي قدرشناسي نه ٿيندي هئي. اِنهيءَ ڳالهه جو خراب اَثرُ جيجاماتا کي آيو هو. نظام شاهه پريل ڪچهريءَ ۾ سندس پتا جي هتيا ڪئي هئي. اُن جو ڏک هوءَ سهن نه ڪري سگهي هئي. جيجابائيءَ هينئر پڪو اِرادو ڪيو هو ته هن جو شواجي اَهڙي قسم جي غلامي نه ڪندو. هو پاڻ رعيت جي راڄ معنيٰ سوَراڄ جي اِستاپنا ڪندو. اَهڙي ويچار موجب هوءَ شواجيءَ کي لائق ٻڌائي رهي هئي. ماول جي هارين کي ماولا ڪري سڏجي ٿو. ماولا لوڪ ايماندار، محنتي ۽ چست هئا. هوُ سخت محنتي هئا. هو سلطان جي راڄ - ڪاروبار مان تنگ ٿي پيا هئا. سلطان جي فوج ڳوٺن ۾ لُٽ - مار ڪندي هئي.

اُن فوَج مان رعيت پريشان هئي. پرجا جو ڪوبه ڌڻي سائين ڪين هو. اَهڙن ڏکي پر محنتي ماڻهن لاءِ مونکي ڪجهه ڪرڻ گهرجي، اِئين شواجيءَ کي لڳو.

شواجي جڏهن گهر موٽيو، تڏهن ماتا جيجابائيءَ سان ان ڳالهه جو ذڪر ڪيائين. جيجابائيءَ کيس چيو، ”شوَبا، ڀونسلن جو شري رامچندر هو. رامچندر پاپي راوڻ کي ماري رعيت کي سُکي ڪيو. جاڌون جو وڏو شري ڪرشن هو، جنهن قهري ڪنس کي ماريو ۽ پرجا کي سکي ڪيو. شري رام ۽ شري ڪرشن جي ونش ۾ تنهنجو جنم ٿيو آهي. اَڙي، تون نه دشٽن جو ناسُ ڪري سگهندي. تون به غريب ماڻهن کي خوب سُکي ڪري سگهندي.



وير - ماتا جيجابائي

ماتا جون ڳالهيون ٻڌي شواجيءَ ۾ اُتساهه جاڳيو. رام، ڪرشن، ڀيم ۽ اَرجن جون وارتائون هن کي ياد هيون. اِهي وير سندس ڏيان، من ۽ سپنن ۾ به ڏسڻ ۾ ايندا هئا. جيئن هنن سوروِيرن اَنياءُ جو مقابلو ڪيو، تيئن مان به ڪيان. جيئن هنن دشٽن جو ناس ڪيو، تيئن آءٌ پڻ ڪريان. جيئن هنن پرجا کي سکي ڪيو، تيئن مونکي به ڪرڻ گهرجي. مونکي انصاف ڏيندڙ ٿيڻ گهرجي. همت وارو ٿيڻ گهرجي، پراڪرمي ٿيڻ گهرجي، اِئين شواجي لڳاتار سوچڻ لڳو.

**شواجيءَ جو نئون عمل :** پُڻي جي جاگير ۾ شواجيءَ پنهنجي ماتا جيجابائيءَ جي مارگ درشن سان هڪ نئون ورق ورائيندي نئين

عمل جي شروعات ڪئي. اِنهيءَ لاءِ پهرين تياري شهاجي راجي ڪري ڏني هئي. هن بنگلور مان شواجيءَ کي پڻي موڪلڻ وقت شامراوَ نيلڪنٺ پيشوي، بالڪرشن هنومنتي مجومدار ماڻڪو جي دهاتونڊي سرنوبت، رگهوناٿ، بلال، سبنيس، سوني پنت، دلير جهڙا آزمودگار ماڻهو موڪليا هئا. اِهي چئن آزاد راجا جا عملدار هئا. شواجي پنهنجي جاگير جو ڪاروبار بهترين نموني هلائي سگهي، اُن لاءِ شهاجي راجا اِهي عملدار شواجيءَ سان گڏ پڻي موڪليا هئا. اُنهن عملدارن جي مدد سان شواجي پڻي، جو ڪاروبار جو ڪم هلائڻ لڳو. هوُ ماڻهن جي سک - ڏک ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳو. رعيت تي اَنياءَ ڪندڙن کي سزائون ملڻ لڳيون. شاهاجي راجي جي جاگير ۾ رؤنق اَچڻ لڳي. اَڳتي هلي ايندڙ سوَراج جو نمونو ماولن کي ڏسڻ ۾ آيو. اِهو چئڻ سوَراج جي نئين سج جي اُڀرڻ مثل هو.

**شواجيءَ جي شادي :** شواجي جڏهن چوڏهين ورهين جو ٿيو، تڏهن جيجاٻائيءَ سندس شاديءَ جون ڳالهيون شروع ڪيون. اُنهن ڏينهن ۾ ننڍي هوندي شاديءَ جو رواج هو. اُن وقت جيجاماتا چوڻ لڳي، ”هاڻي اَسانجي شواجيءَ کي پرڻائڻ گهرجي.“ هن کي هڪ ڪنيا پسند آئي. اُن ڪنيا جو نالو سئيبائي هو. اُها ڪنيا ڦلٽڻ جي نائڪ نمبالڪر گهراڻي جي هئي. شواجيءَ جي سئيبائيءَ سان شادي ڌام - ڌوم سان ٿي.

## اڀياس

**سوال ١. ڏنگين مان مناسب لفظ چونڊي خال پريو .**

(الف) شهاجي راجي ....... ٻوليءَ جو وڏو پنڊت هو. (سنسڪرت، ڪنڙ، تمل)

(ب) ماول ۾ رهندڙ ماڻهن کي ....... چوندا آهن. (هاري، فوجي، ماولا)

**سوال ٢ . هرهڪ سوال جو جواب هڪ - هڪ جملي ۾ لکو.**

(اَلف) شواجيءَ کي تعليم ڏيندڙ اُستادن جي مقرري ڪنهن ۽ ڪٿي ڪئي؟

(ب) شواجيءَ کي ڪهڙيون وديائون اُستادن سکيارڻ شروع ڪيون؟

(ٿ) داداجي ڪونڊ ديوَ هارين کي ڍل ۾ ڇوٽ ڇو ڏني؟

**سوال ٣. ٻن - ٽن جملن ۾ جواب لکو.**

(اَلف) پڻي ۾ رؤنق ڪيئن آهي؟

(ب) شواجيءَ ڪهڙيون وديائون حاصل ڪيون؟

(ٿ) جيجاٻائيءَ ڪهڙو پڪو اِرادو ڪيو هو؟

**مشغولي**

(اَلف) جيجاٻائي ۽ شواجيءَ وچ ۾ ٿيل گفتگوءَ کي ناٽڪ جو روپ ڏيو.

(ب) ويرماتا جيجاٻائيءَ جو چرتر پڙهو.

❋❋❋

# ٦. سوَراج اِستاپن ڪرڻ جي پرتگيا

**رائريشور جو مندر :** ٻٽي جي ڏکڻ - اولهه ۾ رائريشور جو مندر اِهو هڪ رمڻيڪ (من موهيندڙ) آستان آهي. عيسوي سن ١٦٤٥ع ۾ اُتي هڪ عجيب گهٽنا ٿي گذري. هڪ ڏينهن شواجي ۽ پسگردائيءَ واري ماٿريءَ مان ڪجهه ماولا لوڪ سوچڻ - سمجهڻ لاءِ اُتي اَچي مڙيا هئا. اَهڙي هڪ ويران هنڌ وٽن جي جُهڳٽن واري جهنگل ۾ لڪل هن رائريشور مندر ۾ شواجيءَ سان گڏ اُهي ماولا ڪهڙا گهات گهڙڻ لاءِ اَچي گڏ ٿيا هئا؟ شري شنڪر ڀڳوان کان ڪهڙيون گهرجون هو گُهرڻ وارا هئا؟

**ننڍڙي شواجيءَ جي اُتساهه ڀريل**

**ٻولي :** شواجي عمر جي لحاظ کان برابر ننڍڙو هو. پر هن جي من جا ويچار وڏا هئا. هن هڪ وڏي ڳالهه سوچي هئي. اُن مندر ۾ گڏ ٿيل پنهنجن ساٿين کي اُتساهه سان پنهنجي اَندر جو حال اوريندي چيو، ”دوستو! مان اوهان کي پنهنجي من جو حال ٻڌايان ڇا؟ منهنجو پتا شهاجي راجي ويجاپور جو سردار آهي. هن ئي مونکي پنهنجي جاگير سؤنپي ڏني آهي. جاگير جو سچو ڪاروبار نيڪ نموني هلي رهيو آهي. پر مونکي اِنهيءَ مان خاص خوشي ڪانه ٿي ٿئي. سلطان جي وطنداريءَ تي ڇا اَسين خوش ٿي وڃون؟ ٻين جي هٿين جي وٽين مان اَسين پاٽي پئون ڇا؟ اَسانجي چؤطرف اَنيڪ ڌارين جون حڪومتون آهن. هو سارو وقت پاڻ ۾ جنگيون جوٽيندا رهن ٿا. جن ۾ ناحق اَسانجا ماڻهو مارجن پيا. بي سبب اَسانجا ڪٽنب برباد ٿين ٿا، اَسانجي علائقي جي بربادي ٿي رهي آهي ۽ اِهو سڀ سهندي اَسانکي هڙحاصل ڇا ٿو ٿئي؟ اِهائي غلامگري! ڪيترو وقت هيءَ حالت برداشت ڪجي؟ ٻڌايو، توهين ٻڌايو! وطن جي لالچ ۾ اَسين هيئن ڳهندا رهون؟ اِئين ئي ڪم ڪار هلڻ ڏيون ڇا؟

شواجي جوش ۾ ڳالهائي رهيو هو. غصي ۾ شواجيءَ جو منهن ٽپي لالُ ٿي ويو. ڳالهائيندي ڳالهائيندي هو رڪجي ويو. هوُ پنهنجن جوان دوستن ڏانهن نهارڻ لڳو. رائريشور جي پوتر آستان تي گڏ ٿيل اُنهن جوان ماولن ۾ شواجيءَ جا ٻول ٻڌي جوش آيل هو. اُنهن جوان ماولن مان هڪ جوان اُٿي چيو، ”ٻڌايو، ننڍڙا راجا، اَوهين ڇا ٿا ڪرڻ چاهيو؟ اَوهان پنهنجي من جي ڳالهه اَسانکي کولي ٻڌايو. اَوهين جيڪي چوندا تيئن اَسين ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اَسين پنهنجي جان به قربان ڪنداسين.“ هنن سڀني جوشيلي جوانن هڪ آواز ۾ اِئين چيو.

**سوَراج جو قسم (پرتگيا) :** ماولن جا لفظ ٻڌي شواجيءَ جو اُتساهه وڌيو. هرهڪ جي منهن ۾ چتائي، نهاريندي ۽ مرڪندي شواجيءَ چيو، ”اَسان فيصلو ڪري ورتو آهي ته اَسانکي پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پنوڙڻو پوندو. سڀني کي ڳهٽو پوندو ۽ پنهنجيءَ جان جي قرباني ڏيڻي پوندي. اَسانجو مارڳ ٿيندو هندوي سوَراج جي اِستاپنا ڪرڻ. توهانجو منهنجو اَسان سڀني جو هڪ ئي مقصد آهي. اَسين ٻئي ڪنهن جا غلام ٿي نه رهنداسين. اَچو ته رائريشور جي حاضريءَ ۾ اَهڙي پرتگيا ڪريون ته سوَراج جي اِستاپنا ڪرڻ لاءِ اَسين هرڪا قرباني ڪنداسين.“



سوراج اِستاپنا جي پرتگيا

سوَراج جي روپ ۾ اَسين آزاد راجيہ ٺاهينداسين. اِهائي پريوءِ جي منشا آهي. اَچو تہ پريوءِ منشا پوري ڪريون. شواجيءَ پڪي اِرادي سان اِهي لفظ چيا.

سڀ ماولا سوَراج هٿ ڪرڻ جي پرتگيا ڪري مندر مان ٻاهر نڪتا. جيئن شواجي پٽي پهتو تيئن سڌو لال محل ۾ پنهنجيءَ ماتا وٽ آيو. جيڪو مندر ۾ ٿي گذريو اُهو سلسليوار پنهنجيءَ ماتا جيجاٻائيءَ کي ٻڌايائين. ماتا بيحد خوش ٿي ويئي. هاڻي ماتا کي پڪ ٿي تہ جيڪا منشا هوءَ هيلتائين من ۾ سانديندي آئي هئي، سا منشا راجڪمار شواجي اَوس پوري ڪندو.

**ماول ماٿريءَ ۾ ميڙ :** شواجي پنهنجي نئين ڪاريہ ۾ جنبي ويو. هوُ ماول جي جوانن سان تلوار بازي، گهوڙيسواري، جبلن ۽ لڪن مان پيچرا رستا ڳولهڻ ۽ جاچڻ لڳو. اِهو سندس نِت - نيمُ ٿي ويو. جوان ماولا مٿس مست ٿي ويا. هوُ اِئين سمجهڻ لڳا تہ هاڻ ڪين جيئڻو يا جان ڏيڻي فقط شواجيءَ لاءِ آهي. هاڻ شواجيءَ جي هلچل ۾ اِئين تيزي آئي، جيئن سمنڊ ۾ وير چڙهندي آهي. شواجيءَ پٽي ۾ آيل سڀ قلعا پنهنجن دوستن سان گڏ پليءَ - پات جاچي ورتا. ڳجها رستا، سُرنگ جا رستا، ٻُهرا، باروُد، هٿيار ۽ دشمنن جي فوجن جا آستان باروُد جا هٿيار وغيره اِنهن سڀني جي خبرچار شواجيءَ چڱيءَ طرح ورتي.

**ماول جا شواجيءَ جا دوست :** ماول ايراضيءَ جا ديشمک پنهنجا وطن ۽ زمين سنڀالڻ ۾ ئي لڳا پيا هئا. سندس سچو ڌيان پنهنجين زمينن ۾ ئي هو. اِنهن زمينن تان هوُ پاڻ ۾ پيا وڙهندا هئا. شواجيءَ ڏٺو تہ هو پاڻ ۾ اَجايو لڙي پنهنجي مرهٽا طاقت وڃائي رهيا هئا. اِنهن جهڳڙن جهٽن کي بند ڪرائڻ جو خيال شواجيءَ ڪيو. شواجي ديشمکن واري ايراضي ۾ وڃڻ لڳو ۽ ڪين وڃي سمجهائڻ لڳو. پنهنجن منڙن ٻولن سان هو هنن کي پاڻ ڏانهن ڪرڻ لڳو. هوُ هنن کي سوَراج جي رٿا کي سمجهائڻ لڳو. هو پنهنجي زبان سان ڪين موهڻ لڳو. ڪيترا ديشمک شواجيءَ جي طرفداري پڻ ڪرڻ لڳا. پر ڪي جهڳڙا بہ ڪرڻ لڳا. جهڳڙو ڪندڙ ديشمکن کي بہ شواجيءَ پنهنجي نڪاٽي لڳايو. مرهٽن جو پاڻ ۾ وڙهڻ هن روڪيو. سيني شواجيءَ جا ٿورا مڃيا. ماول ماٿريءَ ۾ آيل جهنجهاراوَ مرل، حبيتراوَ شلمڪر، باجي پاسلڪر، وتوجي شتولي، جيڌي، پايگُڙي، باندل، وغيره ديشمک سماج شواجيءَ جي لفظن کي مڃڻ لڳا. ماول ۾ سوَراج لاءِ ڊُک - ڊوڙ شروع ٿي.

**شواجيءَ جي راج - مهر (نشاني) :**

شواجيءَ جي نالي سان جاگير جو ڪاروبار شروع ٿيو ۽ هو شهاجي راجا شواجيءَ لاءِ آزاد راج - مهُر تيار ڪئي. اُها راج - مُهر هن ريت هئي :

پرتي پدچندر ليکي و ورڌشڻو وشو وندتا
شاه سونوه شوَ سيئہ شا مُدرايہ ڀدرا راَج تي

اَرٿات پرتي پدا چندر جي ڪلائن مُوجب آهستي آهستي وڌندڙ هيءَ راج - مُهر لوڪ - ڪلياڻ لاءِ آهن. سڄي سنسار لاءِ هيءُ پوڄا لائق آهي. اَهڙو سنديش ڏيندڙ هيءَ راج مُهر معنيٰ سوَراج جي اِستاپنا جو اِشارو هو.

اُن زماني راج مهر ۾ راج - مُهر گهٽي ياڳي فارسي ٻوليءَ ۾ اُڪريل هوندي هئي. پر اِها راج - مُهر شواجيءَ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ لڳائي. سوَراج ۾ اَهڙي پنهنجي ٻولي هئڻ گهرجي. پنهنجو ڌرم هئڻ گهرجي. اُن بنسبت ٻين ڌرمن لاءِ نفرت نہ هئڻ گهرجي. شواجيءَ پنهنجو راج ڪاروبار لوڪ - ڪلياڻ لاءِ شروع ڪيو آهي. اِها ڳالهہ سڀني ماولن کي جلدي سمجهہ ۾ اَچي ويئي.



راج مُهر

سوال ١. ڏنگين مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو .

(الف) ڀٽي جي ڏکڻ - اولهه ۾ .........نالي وڏو من موهينڊڙ مندر آهي.

(ب) ماوَل ۾ هرهنڌ ......... ماڻهه پنهنجي - پنهنجي وطن ۽ زمين جي سنڀال ۾ رڌل هئا.

(ث) شهاجي راجي شواجيءَ لاءِ آزاد ......... تيارڪئي هئي.

سوال ٢. هرهڪ سوال جو جواب هڪ - هڪ جملي ۾ لکو.

(اَلف) رائريشور مندر ۾ شواجيءَ آخر ڪهڙي پڪي اِرادي جي باري ۾ چيو؟

(ب) جيجاٻائيءَ کي ڪهڙو وشواس اَچڻ لڳو؟

(ث) شواجيءَ ڪهڙين ڳالهين جي جلدي خبرچار حاصل ڪئي؟

(ڊ) شواجي ڪهڙيءَ ڳالهه کي روڪڻ لاءِ نهراءُ ڪيو؟

سوال ٣. ٻن - ٽن جملن ۾ جواب لکو.

(اَلف) شواجيءَ جو ڪهڙو مقصد هو؟

(ب) شواجيءَ جو ڪهڙو نِت - نيم شروع ٿيو؟

مشغولي

اُستاد جي مدد سان سوَراج - اِستاپنا جي نظاري جو چٽر تيار ڪيو.

❁❁❁

# ٧. سوَراج جو جهنڊو چاڙهڻ (لهرائڻ)

شواجيءَ ۾ سندس ساڻين رائرشيور مندر ۾ سوَراج اِستاپن ڪرڻ جو قسم کنيو هو پر اِهو ڪيڏو نہ مشڪل ڪم هئو! دهليءَ جو مغل شهنشاهہ، ويجاپور جو سلطان، گوئا جي پورچوگيزن ۽ جنجيرا جي شديءَ اِنهن چئني حاڪمن جو مهاراشٽر ۾ حڪومت جو زور هو. اِنهن حڪومتن جي دهشت زوردار هئي. ڪنهن ۾ بہ ڪين هنن جي خلاف هڪ لفظ ڪڍڻ جي همت ڪانہ هئي. اَهڙين ڏکين حالتن ۾ بہ شواجيءَ سوَراج جي منتر جو اُچارڻ ڪيو هو. ڪٿي دشمن جي فوَجن جي نهايت وڏي شڪتي ۽ ڪٿي شواجيءَ جي ننڍڙيءَ فوَج جو بل، پر شواجيءَ جو فيصلو اَٽل هو. اُن فيصلي سبب شواجيءَ جي ننڍڙيءَ فوج ۾ وڏو بَلُ ڦوڪجي ويو.

**تورڻ - ڳڙهہ (تورڻ جو قعلو) :**

شواجيءَ کي پُٽي، سُپي، چاڪڻ ۽ اِنداپور اِنهن ايراضين جي جاگير هئي. جاگير ۾ آيل قلعا ويجاپور جي عملدارن جي ئي هٿن ۾ هئا. قعلن جي قبضي ڪان سواءِ سوَراج کهڙو! جنهن جا قلعا اُنهن جو راڄ. قلعا قبضي ۾ اَچي ويا، تہ آس - پاس جي پرديش تي حڪومت هلي سگهي ٿي.

جابلوُ قلعو معنيٖ راجيہ جو هڪ مکيہ آڌارُ ننهنڪري هڪ مضبوط قلعو جلدي هٿ ڪرڻ گهرجي. تورڻا قعلو شواجيءَ جي نظر ۾ هو. پُٽي جي ڏکڻ اولهہ ۾ چوهٺ ڪلوميٽرن تي ڪانڊَ ماٿريءَ ۾ اِهو قلعو آهي. جابلو قلعن ۾ تورڻا قلعو هڪ وڏو مشڪل قلعو هو. اُن قلعي تي بہ برج هئا. هڪ جهونجهار برج ۽ ٻيو ٻُڌلا برج معنيٖ قلعي تي وڃڻ لاءِ چڙهندي وقت ايندڙ قدرتي بندي جهونجهار پنهنجي نالي موجب (جهونجهار معنيٖ لڙاڪو) آهي. جهونجهار قلعي ڪان هيٺ لهڻ لاءِ هڪڙو ئي



تورڻا قلعو (جُهونجهار بُرج)

رستو آهي. اِهو رستو تمام ڏکيو آهي، هلندي هلندي ڪٿي پير ترڪيو نہ آهي ۽ ماڻهو اوڙاهہ ۾ غرق ٿيو نہ آهي. مهاراشٽر جي مضبوط قلعن مان هڪ مضبوط قلعو تورڻا قلعي کي شمار ڪيو وڃي ٿو. اِنهيءَ قلعي تي تورڻا جائي ديويءَ جو مندر آهي. اُن سبب اِنهيءَ قلعي جو نالو ”تورڻا“ رکيو ويو هو. عادل شاهہ حاڪم هن شاهي عمدي قلعي جي بچاءُ جي بندوبست لاءِ ڪو خاص ڌيان ڪونہ ڏنو هو. اُتي پهري لاءِ ڪي خاص جهجها سپاهي رکيل نہ هئا. اُتي باروت بہ ايترو نہ رکيو ويو هو. شواجيءَ کي اِنهن ڳالهين جو پتو پئجي چڪو هو. شواجيءَ کي بہ اَهڙي ئي ڳالهہ کپندي هئي. تورڻا جيتي سوَراج جو جهنڊو جهولائجي، اِئين شواجيءَ پنهنجو اِرادو پختو ڪيو.

**سوَراج جو نغارو وڳو :** شواجي چونڊ ماولن جي فوجي دستن سان ڪاند ماٽريءَ ۾ لڙڻ لاءِ لٿو. سيني ماولن سپاهين سان گڏ هو شينهن وانگر ڇاتي ٺوڪي ۽ هرڻ جيان ٽڪڙو ڊوڙي تورڻا قلعي تي چڙهائي ڪري ويو. ماولن جلد مکيہ هنڌ وڃي هٿ ڪيا. تاناجي مالسري مرهٽي سورمي وڃي قلعي جي دروازي مرهٽن جو نشان ڪيو. يساجي ڪنڪ شواجيءَ جو پروسي مند ۽ ان ۾ شرڌا رکندڙ هو. اُن مکيہ جاين تي مرهٽا پهريدار بهاريا. اِن طرح اِهو قلعو هٿ ڪيو ويو. سيني ’شواجي - مهاراج جي جئہ‘ جا نعرا هنيا. هندوي سوَراج جا نعارا لڳايا ويا. توتارا وڄايا ويا. اُنهن توتارن جو پرلاءُ سهيادري جبلن ۾ اُن جي ماترين ۾ گونججي اُٿيو. شواجيءَ اُن قلعي جو نالو ’پرچنڊ ڳڙهہ‘ رکيو.

**ڀواني ماتا جي آشيرواد :** تورڻا قلعي تي شواجيءَ جو راڄ - ڪاروبار شروع ٿيو. هن قلعي کي باريڪيءَ سان نظر مان ڪڍيو. قلعي جون واڳون مرهٽي قلعيدار کي ڏنيون ويون. قلعي کي عمدي نموني هلائڻ لاءِ هن براهمڻ سبنيس، پربو ڪارخانيس وغيره عملدار مقرر ڪيا. قلعي جي بچاءَ لاءِ شنبديت ماولن، ڪوڙي، راموشي، مَهار، وغيره ذاتين جا بهادر ماڻهو رکيا. سوَراج جي فوڄ ۾ ذات - پات جي ڀيد بنا شواجيءَ سپاهي ڀرتي ڪيا. قلعي جي نئين سِر مرمت ڪئي ويئي. ڪهڙي نہ اَچرج جي ڳالهہ آهي جو قلعي جي مرمت هلندي مهرن سان ڀريل چار گهاگهرون لڌيون ويون. ڪم ڪندڙ کي تمام گهڻي خوشي ٿي. هرهڪ مرهٽو چوڻ لڳو، ”شواجيءَ تي ديوي ڀواني پرسن آهي. اُنهيءَ ديويءَ اِهو ڌن ڏنو آهي. ڪم ڪندڙ ماڻهو ان ساريءَ ڌن جون گهاگهريون خوشيءَ سان شواجيءَ وٽ کڻي آيا ۽ سپرد ڪيائون. ڪنهن بہ هڪ بہ مُهر کي بہ هٿ نہ لاتو. اِهو سوَراج لاءِ ڌن هو. سوَراج جي ڪم لاءِ ايڏي ملڪيت اَچانڪ ملي ويئي هئي. اُن سبب شواجيءَ جي همٿ ۽ حوصلو وڌي ويا. ”اَسانجي سوَراج جي ڪم تي ماتا ڀوانيءَ جي آشيرواد آهي“، اِئين شواجيءَ کي لڳو.

اِها ساري هٿ آيل ملڪيت سوَراج جي ڪم آئي. ”اِنهن پئسن مان شواجيءَ هٿيار خريد ڪيا، باروُت پڻ خريد ڪري جمع ڪيو ويو. باقي بچيل ڌن سان هڪ رٿ پورو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اِنهيءَ يوجنا جو خاڪو هن ريت هو. تورڻا کان پنڌرهان ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي مُرنب - ديوَ جي هڪ پهاڙي آهي اِها پهاڙي شواجيءَ جاچي رکي هئي. اِها پهاڙي ڪافي اوچي هئي ۽ چوٽيءَ تي پهچڻ ڏاڍو ڏکيو هو. اِها پهاڙي مکيہ هنڌ تي پڻ هئي. عادل شاهہ حاڪم اُن جي چوٽيءَ تي ڪوٽ اَڏائڻ جو ڪم اَڌ ۾ ئي ڇڏي ڏنو هو. اَن قلعي جو پهرو ڍلو هو. تنهنڪري سوَراج لاءِ راڄڌاني ٻڌائڻ لاءِ اِهو قلعو هٿ ڪجي، اَهڙو اِرادو شواجيءَ ڪيو.



راڄڳڙه - پالي دروازو

**سوَراج جي پهرين راڄڌاني :** هڪ ڏينهن شواجي پنهنجن چونڊ ساٿين سان اِنهيءَ قلعي تي حملو ڪيو ۽ جهٽ - پٽ اُهو قلعو پنهنجي ضابطي ۾ ڪيائين. تورڻا مان هٿ آيل ڌن جي بچيل رقم مان ڪجهه ڌن مُرنب ديو جي مرمت لاءِ خرچ ڪيائين. شواجيءَ اِنهيءَ قلعي تي راڄڳڙه جو نالو رکيو. رازا پٿر گهڙڻ ۾ لڳي ويا ۽ لوهار ڌمڻ ڦوڪڻ ۾ لڳي ويا. واڍا، ڪمي، مزور، پشتي هرهڪ پنهنجي پنهنجي ڪام - ڪرت ۾ جنبي ويو. اَهڙيءَ طرح سڀ مرهٽا ماڻهو پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ لڳي ويا. راڄ - واڙا، بارا محل، ارڙهان ڪارخانا ۽ راڄ - گدي جڙي راس ٿيا. راڄ - ڳڙهه، سوَراج جي پهرين راڄڌاني سڃائي ويئي.

**سوَراج جي گهوڙي جي رفتار وانگر اَڳتي قدم وڌائڻ :** شواجي گهوڙي جي رفتار جيان پنهنجا قدم شروع ڪيا. بارا ماول ۾ آيل قلعي جي پنيان قلعو هٿ ڪندو ويو. سڄي بارا ماول ايراضيءَ ۾ خوشيءَ ۽ اُتساهه جي لهر ڇانئجي ويئي. ساري ايراضيءَ جا پاٽل ۽ ديشمکه شواجيءَ جي صلاح تي آيا. پر جيئن ڇانورن ۾ ڪي پٿر به هوندا آهن، تيئن ماول ۾ به ڪي حاسد دشت ماڻهو هئا. شواجيءَ جي سوپ ڏسي هنن جي پيٽ ۾ سوُر ٿيڻ لڳو. شرول جي عادل شاهي حاڪم جي ٿاڻيدار وٽ شواجيءَ جي برخلاف دانهون ويوُن. ٿاڻيدار، ويڄاپور قاصد چاڙهي موڪليو. جنهن شواجيءَ جي بغاوت جي حقيقت عادل شاهه جي ڪن ۾ وڌي.

**شواجيءَ جي سياڻپ :** عادل شاهي حاڪم ڪي عجب وٺي ويو. هن شهاجيءَ کي اِنهيءَ حقيقت بنسبت سوال جواب ڪيا. شهاجي راجي ٻن باهين ۾ اَڇي ڦاٿو. آخر هن بهانو ڳولهي لڌو. هن وراڻيو، ''جاگير جي بچاءُ لاءِ اَسان وٽ هڪ به قلعو نه آهي. تنهنڪري شايد اِهي قلعا شواجي راجا پنهنجي قبضي هيٺ آندا آهن، اَهڙيءَ طرح شهاجي راجي عادل شاهه سلطان کي اُن قلعي بنسبت چاڻ ڏني. شواجيءَ پڻ عادل شاهه کي پنهنجو قاصد ڏياري موڪليو ۽ چوائي موڪليو، ''جاگير جي بهتر سنڀال خاطر اَسان قلعا والاريا آهن. اِنهيءَ ۾ عادل شاهه حاڪم جو ئي فائدو آهي. اِنهيءَ ۾ ٻيو ڪو به مطلب رکيل نه آهي.'' اَهڙي طرح چالاڪيءَ سان جواب شواجيءَ موڪليو.

ڪونڊاڻا ۽ پُرندر جا ٻئي قلعا مرڪزي هنڌن تي بيٺل هئا. اِهي به قلعا مؤقعي جا هئا. اُهي قلعا پڻ شواجيءَ رمز سان پنهنجي قبضي ۾ ڪيا. اُن ڪان پوءِ روهڙا (روهڊ) جو قلعو به شواجيءَ اَٽڪل سان هٿ ڪيو. اَهڙي نموني سوَراج جو ڪاريه تڪڙي زور - شور جي رفتار سان شروع ٿيو.

سوال ١. ڏنگين مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو .

(الف) شواجيءَ وٽ ڀِٽي، سُپي، چاڪڻ ۽ ............ پرڳڻن جي جاگير هئي.
(اِندراپور، ساس وڙ، ويلهي)

(ب) شواجيءَ ......... فتح ڪري سوَراج جي جهنڊي جهولائڻ جو اِرادو ڪيو.
(سينهنڳڙهه، شونيري، تورڻا)

(ٿ) سوَراج جي پهرين راڄڌاني ............ کي سجايو ويو.
(راڄ-ڳڙهه، راءِ ڳڙهه، پرتاپ ڳڙهه)

سوال ٢. سوالن جا جواب هڪ - هڪ جملي ۾ لکو.

(اَلف) مهاراشٽر ۾ ڪهڙين چئن حڪومتن جو زور هو؟

(ب) شواجيءَ تورڻا قلعي تي ڪهڙن عملدارن کي چونڊي رکيو؟

(ٿ) شواجيءَ عادل شاهه حاڪم کي ڪهڙو جواب ڏنو؟

سوال ٣. سبب لکو.

(اَلف) سوَراج جو جهنڊو جهولائڻ لاءِ شواجيءَ تورڻا قلعي کي چونڊيو.

(ب) تورڻا قلعي تي مليل ڌن جي گهاگهرين کي ڪم ڪندڙ ماڻهو شواجيءَ وٽ کڻي آيا.

مشغولي

اُستادن جي مدد سان پنهنجي آس - پاس آيل قلعي تي پڪنڪ جو بندوبست ڪريو.

❁❁❁

# ٨. گهروُ دشمنن جو مقابلو ڪرڻ

**ڏرُ (دهشت) ڄمائڻ :** شواجيءَ کي آس پاس وارا ماول جا لوڪ ساٿ ڏيڻ لاءِ گڏ ٿيندا هئا. شواجي چيو ٿي، ماول جا لوڪن ست وچن ڪري مڃيو ٿي ۽ اُن موجب ڪم ڪيو ٿي. هوُ سوَراج لاءِ جي رهيا هئا ۽ سوَراج خاطر پنهنجي جان ڏيڻ لاءِ بہ تيار هئا.هوُ سادا سوُدا مرهٽا - لوڪ هئا ۽ شواجي اُنهن جي جيون جو پراڻ هو. پر منجهن کي اَهڙا ماڻهو هئا جن جي اَندر ۾ شواجيءَ جي ڪمن بنسبت نفرت هئي. شواجيءَ کي اَهڙن ماڻهن جو بندوبست ڪرڻو پيو.

ڪندوجي ۽ باجي گهورپڙي اِهي سردار عادل شاهہ جي نوڪريءَ ۾ هئا. عادل شاهہ حاڪم هنن کي شواجيءَ برخلاف چيڙيو. هنن ڪونڌاڻا ايراضيءَ ۾ گوڙ - بکيڙو شروع ڪيو. پر شواجيءَ اُنهن ڏال ڳرڻ نہ ڏني. شواجيءَ اُنهن کي پڇائي ڪڍيو.

ساڳيءَ طرح قلنڌ جو بڄاجي نائڪ نمبالڪر جو شواجيءَ جو سالو هو، اُهو بہ عادل شاهي حاڪم سان ملي ويو. شواجي کي هن جي خلاف وڃي لڙايون ڪرڻيون پيون. ان کان پوءِ ان خاندان جا ماڻهو شواجيءَ سان گڏ ٿيا.

شواجيءَ جو ويجهو سڱو مائٽ سنياجي موهتي هو. هوُ شواجيءَ جي سُپي پرڳڻي ۾ هو. اُهو پڻ شواجيءَ خلاف گهاٽ گهڙڻ لڳو. شواجي سُپي چڙهي ويو ۽ موهتي کي پڪڙي ڪيس ڪرناٽڪ پرانت ڏانهن روانو ڪيو. شواجي پنهنجي مراد جي آڏو ايندڙن، پوءِ پل چو نہ ڪٽي سندس سڱا مائٽ هجن، اُنهن جي بہ پرواهہ ڪونہ ڪندو هو.

**جاوليءَ جو چندر راؤ موري :** شواجيءَ جي ڪمن جي سوپ سيني ماولن کي پسند آئي. شواجيءَ جو نالو هرهنڌ پکڙجي چڪو هو. هو لوڪن جو لوڪ - پريہ راجا بڻجي چڪو هو. پر هوُ ڪن ماڻهن جي اکين جو ڪنڊو بڻجي چڪو هو. جاوليءَ جو موري اُنهن مان هڪ هو. موري جاوليءَ جو جاگيردار هو. هن جي جاگير رائيگڙهہ کان ڪوئنا ماٿريءَ تائين ڦهليل هئي. هوُ ويڄاپور جي عادل شاهہ جو جاگيردار هو. عادل شاهہ حاڪم هن کي 'چندر - راوُ' جو خطاب ڏنو هو. جاوليءَ جو جهنگل تمام گهاٽو هو. اُتي ڏينهن جو بہ سج جي روشني پهچي ڪين سگهندي هئي. اِنهيءَ جهنگل ۾ چيتا، گدڙ ۽ رڇ وغيره جهنگلي جانور ريل - چيل پيا گهمندا ڦرندا هئا. موري جي جاگير جاولي لاشڪ چيتن جو اڏو هئي. اُن ڪري موري جو نالو ڪوبہ نہ وٺندو هو. پر اِها همت بهادر شواجيءَ ڪري ڏيکاري.

اُن جو سبب اِهو هو تہ عيسوي سنہ ١٦٤٥ع ۾ دولت راءُ موري گذاري ويو. اُن جي گاديءَ جي حق لاءِ اَچي جهيڙو شروع ٿيو. شواجيءَ يشونتراوَ موري کي اِنهيءَ ڪم ۾ مدد ڪئي. شواجيءَ جي مدد سبب يشونتراوَ موري جاوليءَ جي گاديءَ تي چندرراو بڻجي وينو. اُن وقت يشونتراوَ شواجيءَ کي ساليانو ڏن ڏيڻ قبول ڪيو هو. شواجيءَ جي ڪاريہ ۾ بہ مدد ڪرڻ جو اَنجام ڪيو هو. پر گاديءَ تي وهڻ کان پوءِ چا جو شواجي ۽ چا جو اَنجام. هوُ سڀ انجام پلجي ويو، بي پرواهہ ٿي وهنوار ڪرڻ لڳو. سوَراج جي پرديش تي ڌل مڙهڻ پرچا کي پريشان ڪرڻ، اَهڙا زور زبر وارا ڪم هو ڪرڻ لڳو. شواجيءَ ڏٺو تہ هن کي ترت شانت نہ ڪرائبو تہ سوَراج جي ڪاريہ کي نقصان رسندو.

**فساد مچائيندي تہ ماريو ويندي :** پهرين شواجيءَ يشونتراءِ موري کي هڪ سخت خط لکيو، ”تون پاڻ کي راجا ٿو سڏائين، راجا اَسين. مونکي شِو - شنڀوءَ راجا بڻايو آهي. تنهنڪري توکي راجا سڏائڻ نہ گهرجي.“

يشونتراوَ موري هينيون ڇتو جواب شواجي کي ڏياري موڪليو، ”تون تہ اَڄا ڪلهہ جو راجا آهين اَڄ جاوليءَ ۾ تہ سپاٽي ڳاوليءَ ۾ تنهنجو ٽاٽو نڪاٽوئي ڪونهي. مالڪ جي مهر سان عادل شاهي حاڪم اَسانکي راجا جو خطاب ڏنو آهي. هن اَسانکي راجائي ڇتري چنور ۽ راج - گدي بخشي آهي جيڪڏهن گوڙ ڪندين تہ پڇتائڻو پوندءُ.“

شواجيءَ بہ اُلٽو جواب لکيس، ”جاوليءَ جي جاگيرداري خالي ڪر. پاڻ کي راجا سڏائڻ ڇڏي ڏي. راجائي ڇتري ۽ چنور پاسيرا ڪري هٿ ٻڌي مون وٽ اَچي پيش پَوُ ۽ منهنجي چاڪري ڪرڻ سويڪار ڪر. جي گستاخي ڪدين تہ ماريو ويندين.“

جاوليءَ جي چؤطرف گهاٽو جهنگل هو. رائريءَ جو قلعو فتح ڪرڻ ناممڪن هو. موريءَ کي ساٿ ڏيڻ وارا بہ گهڻا هئا. جاولي فتح ڪرڻ سولو ڪم نہ هو. شواجي خوب تياري ڪري جاوليءَ تي ڪاهي ويو. اَٽڪل مهنو ڪن تہ يشونتراءِ شواجيءَ کي منهن ڏيندو رهيو، پر هن جي فؤج جا ڪافي سپاهي مارجي ويا آخر يشونتراءِ پنهنجي ٻارن سوڌو رائريءَ ڀڄي ويو. شواجيءَ جاولي پنهنجي قبضي ۾ ڪئي. شواجيءَ رائريءَ قلعي جو گهيرو ڪيو. يشونتراءِ سڄا سارا ٽي مهنا پوري طاقت سان لڙيو. پر آخر ۾ هن کي آڻ مڃڻي پيئي.

**رائيگڙھ جو قلعو :** جاوليءَ جي سوپ وڏي اَهميت واري هئي. اِنهيءَ سوپ سبب سوَراج جي ايراضي پهرين کان ٻيڻي ٿي ويئي. يشونتراوَ جي فؤج بہ شواجيءَ سان اَچي ملي. رائريءَ جو جبرو قلعو سوَراج جي اَندر اَچي ويو. هيءُ قلعو ڏسي شواجي گد - گد ٿي ويو. هن اِنهيءَ قلعي کي ’رائيگڙھہ‘ جو نالو ڏنو. اُن کان پوءِ هن اُن قلعي جي ويجهو نئون قلعو اَڏايو. اُن نئين قلعي جو نالو ’پرتاپ ڳڙهہ‘ رکيو ويو. اِهو قلعو پوريپا جبل تي ٺاهيو ويو.



قلعو رائيگڙھ

**سوال ١. غلط جوڙو سُڌارو.**

| ’اَلف‘ | ’ب‘ |
|---|---|
| (اَلف) قلتڻ | (١) نمبالڪر |
| (ب) جاولي | (٢) موري |
| (ث) سُپي | (٣) جاڙو |

**سوال ٢. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب هڪ سٽ ۾ لکو.**

(اَلف) جاوليءَ جي موريءَ کي عادل شاهه جي حاڪم ڪهڙو خطاب ڏنو؟

(ب) جاوليءَ جي فتح وڏي اَهميت واري ڇو هئي؟

**سوال ٣. ٻن - ٽن جملن ۾ جواب لکو.**

(اَلف) جاوليءَ جي موريءَ ڏانهن ڪير ڇو نہ ويندو هو؟

(ب) شواجيءَ، يشونتراءِ موري کي خط ۾ ڇا لکي موڪليو؟

**مشغولي**

(اَلف) رائگڙه قلعي جون تصويرون گڏ ڪيو.

(ب) ڏياريءَ جي موڪلن ۾ توهين پنهنجن دوستن سان گڏ رائگڙه قلعي جوهوبهو چٽر ڪيو.

❋❋❋

# ٩. پرتاپڳڙهہ جو پراڪرم

**عادل شاهيءَ ڪي چوٽ :** ويڃاپور جي ڪڇهريءَ جي هيءَ ڳالهہ آهي. شواجيءَ جي وڌندڙ زور ڪي ڏسي عادل - شاهي دربار ۾ مانڌاڻ مچي ويو. ناميارا سردار اُن دربار ۾ اَچي گڏ ٿيا هئا. مشهور تلوار باز ۾ اُن دربار ۾ حاضر هئا. عادل شاهي ڪاروبار تي نظرداري رکندڙ ٻڙي صاحبا پڻ پاڻ اُن دربار ۾ حاضر هئي. دربار اَڳيان وڏو سوال اِهو هو تہ شواجيءَ جون پاڙون ڪيئن پٽجن؟

ٻڙي صاحبا دربار ۾ آيل سردارن کان سِڌو سوال ڪيو. ''ٻڌايو تہ توهان مان شواجيءَ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ ڪير تيار آهي؟''

دربار ۾ سناٽو ڇائنجي ويو. هرهڪ پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي چُپ ٿي ويو. 'شواجيءَ سان ڪير مقابلو ڪندو؟' هرڪو هڪٻئي جو منهن تڪڻ لڳو. ايتري ۾ هڪ رشت - پشت بلوان جسم وارو سردار لڏندو - لمندو سلام ڪندو اَڳيان آيو، اُن جو نالو اَفضل خان هو.

**اَفضل خان قسم ڪنيو :** ٿالهيءَ مان پان سوپاري کڻندي اَفضل خان چيو، ''شواجي؟ ڪير آهي شواجي؟ اُن کي مان جيئرو قيد ڪري هِت کڻي ايندس ۽ جيڪڏهن اِئين نہ ڪري سگهيس تہ اُن کي ماري، اُن جو سِر ويڃاپور ۾ کڻي ايندس.''

اَفضل خان ويڃاپور جو وڏو سردار هو. هوُ بيحد طاقتور هو. هن جا هٿ فؤلادي هئا. هوُ پلي يا ٻُري رستي پنهنجو ڪم ڪيئن بہ ڪري ايندو هو. اَهڙي اَفضل خان شواجيءَ کي جيئرو پڪڙي يا هن کي ماري آڻڻ جو اِقرار پريل دربار ۾ ڪيو. ساري دربار ۾ سرهائي ڦهلجي ويئي. سڀ درباري خوش ٿي ويا. دربار ۾ حاضرين سڀ اِئين سوچڻ لڳا تہ هاڻي شواجي جيئرو ڪيئن رهي سگهندو! ٿورن ئي ڏينهن ۾ زنجيرن ۾ جڪڙيل شواجي هن دربار ۾ آندو ويندو يا سندس سِرُ پيش ڪيو ويندو.

اَفضل خان ڏاڍي مجاز مان ويڃاپور مان روانو ٿيو. هن پاڻ سان گڏ هڪ شاهي لشڪر ۽ اَڪت لڙائيءَ جو سامان کنيو. هن کان اَڳِ اَفضل خان ٻارهان سال وائيءَ جو صوبيدار ٿي رهيو هو. هُن کي هن پرديش جي سُني ڄاڻ هئي. اِنهيءَ ڪري هوُ گهمنڊ سان مهاراشٽر جي رستي ڏانهن وڃڻ لڳو.

**سوَراج ۾ سنڪٽ :** شواجي اُن وقت راڄڳڙهہ ۾ هو. اَفضل خان جي اَچڻ جي خبر ڪيس اُتي ملي. سوَراج کي وڏو خطرو آهي، اِها ڳالهہ هوُ سمجهي ويو. پر هوُ نہ منجهيو. هن ويچار ڪيو تہ خان ڪپتي آهي ۽ سندس لشڪر بہ وڏو آهي. اَسانجو راڄيہ ننڍو آهي ۽ لشڪر بہ ٿورو آهي. ٽنهنڪري کلئي ميدان ۾ خان سان پڄي نہ سگهبو، ٽنهنڪري اُن سان اَٽڪل سان جنگ جوٽڻي پوندي. اَهڙو اِرادو شواجيءَ ڪيو. هن راڄڳڙهہ کان ماتا جيڃاٻائيءَ وٽ اَچي صلاح مصلحت ڪئي. ماتا جي آشيرواد وٺي نڪتو ۽ پرتاپڳڙهہ ڏانهن ويو.

**اَفضل خان جون رمزون :** شواجي پرتاپڳڙهہ ڏانهن ويو، اِها خبر ٻڌي اَفضل خان کي چڙ اَچي ويئي. هن کي اِها ڄاڻ هئي تہ اِهو قلعو جبل تي هو ۽ اُتي وڃڻ سؤلو ڪم نہ هو. اُن قلعي هيٺ گهاٽو جهنگل آيل هو. اُن جي رستي ۾ ڏکيا پهاڙ آيل هئا. لشڪر کي مٿي چاڙهڻ لاءِ سِڌو - سنواٽو رستو نہ هو. اُن کان سواءِ اُتي پيانڪ جانور بہ چڱي تعداد ۾ هئا.

شواجي ڪنهن بہ نموني پرتاپڳڙه قلعي ڪان هيٺ لهي اَچي، اُن لاءِ خان پنهنجيون حرڪتون ڪرڻ شروع ڪيون. هن تلجاپور ۽ پنڊرپور جي ڌرمي آستانن ۾ وڳوڙ ڪاهي وڌا. هن پرجا کي پريشان ڪرڻ شروع ڪيو. هن سمجهيو تہ هيءَ گوڙ گهمسان جي خبر ٻڌي شواجي پرتاپڳڙه ڇڏي ٻاهر نڪرندو. پر شواجي خان جي حرڪت جو مطلب سمجهي ويو. تنهنڪري شواجيءَ پرتاپڳڙه نہ ڇڏيو. خان ٻي اٽڪل ڪئي. هن پريم - پيار جو ڍونگ ڪري شواجيءَ کي سڪ پريو سنيهو موڪليو، ”تون مونکي پٽ سمان آهين. مون سان اَچي مل. هٽ ڪيل قلعا اَسانکي موٽائي ڏي تہ مان توکي عادل شاهي حاڪم ڪان سرداري وٺي ڏيندس.“

سير جو سوا سيرُ : خان اَسان سان اَٽڪل بازي ٿو ڪري. اِها ڳالهہ شواجي جهٽ - پٽ سمجهي ويو. هوُ سنڀالي قدم کڻڻ چاهي پيو. هُن خان کي پرتاپڳڙه قلعي جي تري وٽ آٽڻ جو فيصلو ڪيو. هن خان کي نياپو موڪليو، ”مون توهانجا قلعا برابر والاريا آهن. مان اُن ڪري ڏوهاري آهيان. مونکي معاف ڪريو. مان توهان وٽ اَچڻ ڪان ڊڄان ٿو. سو اَوهين جيڪڏهن پرتاپڳڙه جي تري وٽ اَچو تہ مان اَوهان سان اَچي گڏبس.“

شواجيءَ جو نياپو ٻڌي خان ڪلڻ لڳو. ”واهم! ڏاڍو سُنو“، ائين پنهنجيءَ ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريندي چوڻ لڳو. هن کي ائين لڳو تہ هن اَفضل خان جي اَڳيان شواجيءَ جي ڪهڙي مجال! هيءُ ڊرپوڪ مون سان ڇا لڙي سگهندو؟ مونکي ئي وڃڻ گهرجي ۽ هن کي چيپاٽي نپوڙي ڇڏڻ گهرجي. بس! خان شواجيءَ کي ملڻ لاءِ پرتاپڳڙه قلعي جي تري وٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو.

ملاقات مقرر ٿي : پرتاپڳڙه هيٺ آيل هڪ سڌي پٽ تي ملاقاتطئہ ٿي. ڏينهن ۽ وقت پڻ مقرر ڪيو ويو. اِهو پڻ فيصلو ڪيو ويو تہ هرهڪ اَڳوان سان صرف هڪ - هڪ شيوڪ هجي ۽ ڏهہ سپاهي بچاءُ لاءِ هجن. اِهي سپاهي گڏجڻ واري هنڌ ڪان ڪجهہ مفاصلو پري تي بيهندا. شواجيءَ، خان جي سهوليت لاءِ سنو رستو پڻ تيار



قلعو پرتاپڳڙه




ڪرائي ورتو. ملاقات لاءِ هڪ سهڻو شاميانو کوڙيو ويو.

شواجي خاص خبردار ٿي ويو. هن پنهنجا سپاهي ننڍن جٿن ۾ ورهايا. هرهڪ جٿي کي پنهنجي جاءِ جهنگل ۾ مقرر ڪري ڏني ويئي. ڪين جيڪي ڪجهه ڪڏهن ڪرڻو هو، اُن بنسبت پليءَ - پٽ سوچنائون ڏنيون ويئون. تمام سخت بندوبست ڪيو ويو. شواجيءَ کي سندن صلاحڪارن گهڻو ٿي سمجهايو ته خان ڪپٽي آهي. اُن سان گڏ شواجيءَ جو گڏجڻ ٺيڪ نه آهي. تنهن هوندي به شواجيءَ خان سان گڏجڻ جو فيصلو ڪيو.

**ملاقات لاءِ تياري :** ملاقات جو مقرر ڏينهن اَچي ويو. شواجيءَ صبوح جو پهرين ڀواني ديويءَ جو درشن ڪيو. پهريون پيرن ۾ سلوار پاتائين. پوءِ زره پهريائين. اُن جي مٿان زره پريل ڪڙتو اوڊيائين. مٿي تي روهي ٽوپ پائي، اُن مٿان پٽڪو پاتائين. ڪابي هٿ جي آڱرين ۾ چيتي جا ننهن پاتائين. ڪوٽ جي ٻانهن اَندر خنجر لڪايائين. پاڻسان گڏ ڪمر پٽو ڪنيائين. اَهڙيءَ طرح شواجي خان جي ملاقات لاءِ تيار ٿيو.

ٻاهر سردار بينا شواجيءَ اُنهن کي چيو، ”ساٿيو! هرهڪ پنهنجو ڪم ٺيڪ سان وڃي سنڀالي. ڀواني ماتا جيت آسانکي ئي ڏياريندي، پر سمجهو ڪٽي آسانجو ڪجهه خراب ٿئي ٿو ته همٿ اَصل نه هارجو. سمڀاجيءَ کي راڄ گديءَ تي وهارجو ۽ ماتا صاحب جي آگيا ۾ رهجو. سوَراج کي وڌائجو. رعيت کي سکي رکجو. چڱو مان هلان ٿو.“ شواجيءَ وڪه وڌائي. اُن سان گڏ وڪيل پنتاجي گوپينات، ڪرشناجي گايڪواڙ جيوا مهالا، سنڀاجي ڪاوجي، يساجي ڪنڪ، سدي ابراهيم، وغيره ڏهه ٻچاءَ لاءِ سپاهي هئا.

خان ته اڳيئي شاميانيءَ ۾ اَندر اَچي وينو هو. هوُ هوائي قلعا اَڏي رهيو هو. پاسي ۾ سندس هٿياربند سپاهي. بڙا سيدُ بينو هو. هوُ ڪمر - پٽو هلائڻ ۾ تکو هو. شواجي شاميانيءَ جي در وٽ اَچي بينو. بڙا سيد کي ڏسي خان مهاراج جي وڪيل ڪان پڇيو، ”شواجي راجي اَندر ڇو ڪين ٿو اَچي؟“

اِنهيءَ تي وڪيل وراڻيو، ”هن کي بڙا سيدَ ڪان ڊپُ ٿو لڳي. بڙا سيدَ کي پري ڪيو. بڙا سيدَ کي اُتان هٽايو ويو. شواجي شاميانيءَ اَندر آيو. خان اُٿي ڪري چيو، ”اَچو راجا! اَسان سان ملو.“

**اَفضل خان سان چڪري :** شواجي مهاراج خبرداريءَ سان اَڳتي وڌيو. خان ڪيس ڀاڪر پاتو. قداور خان جي ڀيٽ ۾ شواجي ڇامڙو پئي لڳو. شواجيءَ جو مستڪ خان جي ڇاتيءَ تائين مس ٿي پهتو. خان شواجيءَ کي مارڻ لاءِ هڪ طرف ٻانهن سان سندس گلو گهٽيو ۽ ساڄي



شواجي - افضل خان جي ملاقات

هٿ سان شواجيءَ جي جسم جي پاسي ۾ خنجر سان وار ڪيو. شواجيءَ جو چوغي چيرجي پيو. چوغو هيٺان زرھ هئڻ سبب شواجيءَ جي جان بچي ويئي. شواجيءَ ڦڙتائيءَ سان پنهنجي هٿ ۾ پاتل چيتي جا ننهن (واگھ - نکہ) ڪڍي خان جي پيٽ ۾ کپايائين. کابي هٿ جي آستين ۾ لڪايل خنجر ساڄي هٿ سان خان جي پيٽ ۾ کُپايو. اُن سبب خان جا آنڊا اَچي ٻاهر پيا. خان ڦان ٿي هيٺ ڪري پيو. هو مري ويو. ايتري ۾ خان جو وڪيل ڪرشنا پاسڪر اَڳيان وڌي آيو. هن شواجيءَ تي تلوار سان اُلر ڪئي. پر شواجيءَ هن کي پنهنجي ڪمر - پٽي سان وارُ ڪيو. هوُ بہ مارجي ويو. اِهو گوڙ ٻڌي ٻڙا سيدُ شاميانيءَ ۾ گھسي آيو. هن جيئن شواجيءَ تي ڌڪ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيوا مهلا پڻ ڊڪندو آيو. اِهو ڌڪ جيوا مهلا پاڻ جهلي ورتو. جيوا مهلا هڪ ئي ڌڪ ۾ ٻڙا سيدَ کي ماري ڇڏيو. ”هوتا جيوا. مهڻون واچلا شِوا“ معنيٰ جيوا هئو تہ شواجي بچيو اِها چوڻي اِنهيءَ پرسنگ تان ٺهي آهي. اِنهيءَ سنگهرش ۾ سنڀاجي ڪاوجيءَ جو بہ وڏو پراڪرم نوٽ ڪرڻ جهڙو آهي.

افضل خان جي فوَج ۾ ڌاڪوڙو : سوپارو شواجي قلعي ۾ موٽي آيو. توب ڇوڙي مقرر اِشارو ڏنو ويو. شواجيءَ جي فوَج اِنهيءَ اِشاري لاءِ ترسي ويٺي هئي. توب جي آواز تي شواجيءَ جا فوَجي سپاهي جيڪي گھاٽي جهنگ ۾ چپ ڪري ويٺا هئا، سي خان جي فوَجي سپاهين تہ وڃي ڪڙڪيا. خان جي فوَجي سپاهين بي - خبر هئا. خان جي فوَجي سپاهين کي پڇي وڃڻ جو رستو بہ هٿ نہ آيو. مرهٽن خان جي فوَجي سپاهين تي زوردار حملو ڪيو ۽ پيڇو ڪيو. خان جي فوَج جي ستياناس ٿي ويئي. اَفضل خان جو پٽ فاضل خان جيئن - تيئن ڪري پڇي نڪتو ۽ ويجاپور وڃي پهتو. هن جون ڳالهيون ٻڌي ويجاپور ۾ هاهاڪار مچي ويو.

ويجاپور مان آيل سڀ کان سوُرمو سردار هاءِ هاءِ ڪندو مٽيءَ ۾ ملي ويو. شواجيءَ جي ساراهہ جو نالو هرهنڌ گونججي اُٿيو. هن جي پراڪرم جا گيت سهياديءَ جبلن جي ماٿرين ۾ گونججڻ لڳا.

سوال ١. ڏنل اَکرن مان مناسب لفظ تيار ڪيو.

(الف) تا، ٻ، پر، ڙ، ه، پ

(ب) وا، شِ، ج، ي

(ث) کا، اَ، ن، ل، ف، ض

سوال ٢. هرهڪ سوال جو هڪ - هڪ جملي ۾ جواب لکو.

(اَلف) اَفضل خان ڪهڙو اِقرار ڪيو؟

(ب) پريم - پيار جو ڏيکاءُ ڪري اَفضل خان شواجيءَ کي ڪهڙو نياپو موڪليو؟

سوال ٣. ٻن - ٽن جملن ۾ جواب لکو.

(اَلف) شواجيءَ اَفضل خان جو مقابلو چالاڪيءَ سان ڪرڻ جو اِرادو ڇو ڪيو؟

(ب) اَفضل خان سان ملاقات ڪرڻ لاءِ وڃڻ وقت شواجيءَ پنهنجن سردارن کي ڇا چيو؟

سوال ۴. سبب لکو.

(اَلف) شواجي پرتاپڳڙه ويو، اِها خبر ٻڌي اَفضل خان چڙي ويو.

(ب) ويجاپور ۾ ها - ها - ڪار مچي ويو.

مشغولي

اَتهاس بنسبت آيل پهاڪن (چوڻين) کي گڏ ڪيو. مثال طور ”هوتا جيوا، جيوا مهٽو ن واچلا شِوا“.
(جيوا هُئو، ته شواجي بچيو)

❁❁❁

# ١٠. پهاڙ تي آيل پرديش جنگ ڪري جيتڻ

**پنهالا جيتڻ ۽ عادل شاهه جو چڙڻ :**
افضل خان جي هٿيا سبب ويجاپور ۾ هاهاڪار مچي ويو. تمام جلد پوءِ شواجيءَ ويجاپور جي ضابطي ۾ آيل پنهالا ڳڙهه جيتيو. اُن سبب عادل - شاهه کي تمام گهڻي چڙ لڳي. ڪيس ڪاڌو - پاڻي به منو نه لڳندو هو. هن شواجيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ شيدي جوهر سردار کي موڪليو. وڏي فوج شيدي جوهر شواجيءَ خلاف نڪتو. فاضل خان به پنهنجي پيءُ جي موت جو بدلو چڪائڻ لاءِ شيدي جوهر سان گڏجي ويو.

**پنهالا جو گهيرو :** شيدي جوهر بهادر هو پر بيحد قهري هو. هو انتظام جو سخت پابند هو. هو پنهالا ڳڙهه کي چوطرف گهيرو ڪري ويو. چوماسو ويجهو هو. شواجيءَ سمجهيو ته جيئن چوماسي جا ڏينهن ايندا، شيدي جوهر گهيرو ڪٽي ڇڏيندو. پر جيئن چوماسو شروع ٿيو، تيئن هن پاڻ گهيرو تڪو ڪيو. قلعي جي کاڌ - خوراڪ اَچي ختم ٿيڻ تي بيني. هاڻي ڇا ڪجي؟ شڪتيءَ جو ڪم نه آهي. تنهنڪري اَٽڪل سان ڪم وٺجي، ائين شواجيءَ سوچيو. ’’اَسين جلد قلعو توهانکي سؤنپي ڏينداسين.‘‘ اَهڙو نياپو شواجي شيديءَ ڏانهن موڪليو. هو خوش ٿيو ۽ شواجيءَ جو نياپو قبول ڪيائين. شيديءَ جا سپاهي گهيرو قائم رکي تنگ تي پيا هئا. جڏهن ٻڌائون ته شواجي پيش ٿو پوي، ته هوُ خوش ٿي ويا. هو کائڻ، پيئڻ، ڳائڻ، وڄائڻ ۾ لڳي ويا.

**شواجي گهيري کان ٻاهر :** شواجيءَ گهيري کان ٻاهر وڃڻ لاءِ هڪ اَٽڪل ٻڌائي. هُن به پالڪيون تيار ڪرايون. هڪ پالڪيءَ ۾ شواجي ويهي هڪ پيچري رستي کان ٻاهر وڃڻ لاءِ، ٻيءَ پالڪيءَ ۾ شواجيءَ جو ڊونگ ٻڌائي ويٺل ماڻهو دهل وڄائيندي ٻاهر نڪرڻ لاءِ. ٻي پالڪي دشمنن جي فوجن کي سؤلائيءَ سان ڏسڻ ۾ ايندي. اُها پالڪي پڪڙي ويندي. دشمن اِئين سمجهندا ته شواجي راجا کي پڪڙيو ويو آهي. اِئين سمجهي هو جشن ملهائيندا. ايتري ۾ شواجي پيچري رستي مان نڪري پار پوندو. اَهڙيءَ طرح اِها اٽڪل هئي، پر شواجيءَ جو ڊونگ ڪندو ڪير؟ اَهڙو ڊونگ ڪرڻ معنيٰ موت جي منهن ۾ وڃڻ. پر هڪ بهادر جوان تيار ٿيو ۽ اُن جو نالو به شواجي هو. شواجيءَ جي شيوا ۾ هُو وارن کي سينگارڻ جو ڪم ڪندڙ شيوڪ هو. هُو وڏيءَ همت وارو ۽ چالاڪ هو.

ڪيل فيصلي موجب شواجي مهاراج جو ڊونگ رچيندڙ شواجيءَ جي پالڪي دهل دماما وڄائيندي ٻاهر نڪتي. رات جو وقت هو. سخت برسات پيئي رهي هئي. اُن هوندي به دشمن جا سپاهي پهرو ڏيئي رهيا هئا. اُنهن اِها پالڪي پڪڙي. ’شواجي راجا کي ئي اَسان پڪڙيو آهي‘ اِئين سمجهي هُو پالڪيءَ کي شيدي - جوهر جي ڇاوڻي (لشڪر - گاهه) ۾ وٺي ويا. اُتي جشن شروع ٿي ويو. اُن وچ ۾ سچو شِواجي ٻئي پيچري رستي کان قلعي کان ٻاهر نڪتو. اُن سان گڏ باجي پربو ديشپانڊي، باندل، ديشمک جا چونڊيل سپاهي به هئا. ٿوريءَ دير ۾ ڊونگي شواجيءَ جو ڊونگ پڌرو ٿي پيو. شيديءَ غصي ۾ اَچي اُن کي ماري ڇڏيو. شِواجي جي سوراج لاءِ هن جوان آتم - بليدان ڏنو. هُو اَمر شهيد ٿي ويو.

اَصلي شواجي هٿ تي ڪنبي رکي ڪسڪي ويو. اِها ڳالهه ڌيان تي اَچڻ سان شيدي

جوهر تمام غصي ۾ آيو. هن جلد شيڏي مسوُد نالي سردار کي شاهي فوج سان گڏ شواجيءَ جو پيڇو ڪرڻ لاءِ موڪليو. پيڇو تيزيءَ سان ڪيو ويو. صبوح ٿيندي ئي پاند - پاٽيءَ وٽ هوُ شواجيءَ وٽ پهتا. شواجي مشڪلات ۾ اَچي ويو. پر جيئن تيئن ڪري شواجي گهوڙ کنڊ ماٽري پار ڪري ويو.

**باجي پربوءَ جي سوُرهياٽي :** کار باز شيڏيءَ جا سپاهي تکڙا وڌندا رهيا. شواجيءَ کي لڳو تہ هاٽي وشال ڳڙهہ پهچڻ مشڪل هو. هن باجي پربوءَ کي چيو باجي! وقت نازڪ اَچي بڻيو آهي. اَسانکي جبل چڙهڻو آهي. دشمن اَسانجي پٺيان لڳو آهي. وشال ڳڙهہ هاٽي هٿ اَچڻو نہ آهي. هاٽي اَچو تہ منهن ڦيرائي دشمن کي منهن ڏيون. باجي پربو شواجيءَ جي من جو مونجهارو جهٽ - پٽ سهي ڪري ويو. دشمن جا سپاهي لڪ طرف وڌي رهيا هئا. شواجيءَ جي جان سخت خطري ۾ هئي. سوَراج خطري ۾ هو. باجي پربوءَ شواجيءَ کي وينتي ڪئي، ”مهاراج! اوهين ٿورا سپاهي ساڻ ڪٽي وشال ڳڙهہ وڃو. باقي سپاهين سان مان هٽ ترسان ٿو. مان مرندس پر دشمنن کي لڪ چڙهڻ نہ ڏيندس. هي باجي ويو تہ توهانکي پيو باجي ملندو. پر سوَراج کي شواجي مهاراج جي ضرورت آهي. دشمن جو تعداد وڌو آهي. اَسين گهٽ تعداد ۾ آهيون. اَسين ساڻن پڇي ڪين سگهنداسين. توهانکي هتي اَصل ترسڻ نہ گهرجي. اَسين لڪ کي روڪي رکنداسين. توهين بنا چنتا جي تکڙي وڃو.“ باجي پربوءَ جي وفاداريءَ ڏسي شواجيءَ جو من پرجي آيو. باجي پربوءَ جهڙو بهادر مُهرو هو وڃائڻ نہ پيو چاهي. پر هن کي سوَراج جو مقصد حاصل ڪرڻو هو. شواجيءَ جو من پرجي آيو. هوُ ياڪر پائي پريم سان باجيءَ پربوءَ سان مليو ۽ ڪيس چيائين، ”چڱو اَسين ڳڙهہ ڏانهن وڃون ٿا. جيئن ئي اَسين قلعي تي پهچنداسين. تيئن توپ چوڙي ويندي. توپ جو آواز ٻڌي توهين جلدي لڪ ڇڏي اَسان وٽ هليا اَچجو.“

**باجيءَ جو دشمن کي روڪي بيهارڻ :** شِواجي باجي پربوءَ کي لڪ ۾ ڇڏي پاڻ وشال ڳڙهہ ڏانهن وڌيو. جيئن شواجيءَ وڃ ڪنئين تہ باجيءَ پربوءَ نئڙي ڪيس نمسڪار ڪيو. پوءِ هن پنهنجي هٿ ۾ تلوار ڪنئي ۽ لڪ جي منهن وٽ اَچي بيٺو. هن ماولن کي جٿن ۾ ورهايو ۽ هرهڪ کي جاءِ مقرر ڪري ڏني. ماولا پنهنجي - پنهنجي مقرر ڪيل جڳهين تي تيار ٿي بيٺا. لڪ جي منهن وٽ ماولن جي فولادي قطار لڳي بيٺي هئي. ايتري ۾ دشمن جي جنگ جون گرجنائون ٻڌڻ ۾ آيون دشمن لڪ هيٺ اَچي چڪا هئا. باجيءَ ماولن کي هي فرمان ڏنو ”وير سپاهيو! خبردار ٿي وڃو. پنهنجي جاءِ، جان ڏيندي بہ نہ ڇڏجو. دشمن کي لڪ مان مٿي چڙهڻ نہ ڏجو.“ باجي پربو ۽ سندس ماولا لڪ جي منهن وٽ ڪپ ڪوڙي تيار ٿي بيٺا هئا. لڪ جو پيچڙو ور - وڪڙ وارو هو. هڪ وقت ۾ ٽي يا چار ماڻهو مس ٿي لنگهي سگهيا.

هوڏانهن وري شواجي هوا وانگر وشال ڳڙهہ طرف اُڏامندو ٿي ويو. قلعي تي پهچڻ لاءِ اَجا ڏيڍ بہ ڪلاڪ تہ لڳڻا ئي هئا. وشال ڳڙهہ جو رستو اَجا پري هو. ايترو وقت جيڪڏهن باجي دشمن کي لڪ ۾ روڪي بيهاري سگهي ٿو ۽ شواجي پنهنجي ڪاريہ ۾ سوپارو ٿيڻ وارو ئي هو.

**لڪ ۾ لڙائي :** لڪ ۾ سخت چڪري لڳي. دشمن لڪ چڙهڻ لڳا. دشمن جي پهرئين جٿي لڪ جي چڙهائيءَ تي پير رکيا. ماولن دشمنن جي مٿان پٿرن جي برسات وسائڻ شروع ڪئي. ماولا پٿر اُڇلائڻ ۾ تيز ۽ تکا هئا. ماولن



گھوڙکنڊ ۾ شواجي مھاراج ۽ باجي پربھو ديشپانڊي

دشمن جي ڪيترن سپاهين کي ٽڪرا ٽڪرا پٿرن سان چٿي ڇڏيو. گهايل ۽ زخمي ڪري ڇڏيو. شواجيءَ کي ماولن ڪيترن دشمن جي سپاهين کي ماري ڇڏيو. ڪيترن دشمن سپاهين مٿا پچي ڇڏيا. پهرئين جٿي شڪست کاڌي. هو واپس موٽيا. وري ٻيو جٿو لڪ جي چڙهائيءَ تي اَڳتي وڌيو. باجي پربو رڙ ڪري چيو، ”هڻو ماريو.“ ماولن ۾ ڦرتي اَچي ويئي. هو ”هَر - هَر مهاديوَ“ ڪندا وچي دشمن تي ڪڙڪيا. پٿرن جو وسڪارو وري شروع ٿي ويو. دشمن وري بہ پٺتي هٽايا ويا. باجي پربوءَ پنهنجي ماڻهن ۾ جوش ڦوڪڻ لاءِ چيو، ”واهہ! شير مڙس! دشمن تي اَچا پٿر ورسايو. دشمن کي هارڻ ڏيو. شاباس! توهانکي شاباس!“ دشمن جو ٻيو جٿو بہ بيڪار ويو.

هوڏانهن شواجي سرتوڙ رفتار سان وشال ﮘڙهہ ڏانهن وڃي رهيو هو. هن لاءِ هر پل اَهميت وارو هو. وشالﮘڙهہ جي چوگرد دشمن جا سپاهي پهچي چڪا هئا. شواجيءَ ڪن چونڊ ساٿين سميت دشمن سپاهين مٿان حملو ڪيو، دشمن سان جنگہ ڪندي شواجي قلعي ڏانهن پڻ اَڳتي وڌڻ لڳو. هوُ پنهنجن ماولن سان گڏ دشمن سپاهين کي ماري ۽ شڪست ڏيندي هو قلعي جي مٿئين ڀاڱي ڏانهن وڃڻ لڳو.

**باجيءَ جو پراڪرم :** هتي گهوڙ کنڊ ۾ چڪري اَجا چالو رهي. شيڏي مسوُد سخت غصي ۾ هو. سندس ٽيون جٿو اَڳيان وڌي آيو. هن گهٽي سورهيائيءَ سان دشمن کي منهن ڏنو. دشمن جا سپاهي باجي پربوءَ تي اُپڙي آيا. باجي پربو ڦڙتيءَ سان ڌڪ ڦهڪائيندو رهيو. دشمن باجي پربوءَ تي حملا ڪيا. پر هن شير مڙس واهہ جي مڙسي ڏيکاري. هن سورهيائيءَ سان دشمن جو مقابلو ڪيو. باجيءَ جي جسم کي ڇڳا زخم رسيا. هن جي جسم مان رت وهڻ لڳو، تہ بہ هوُ پنهنجيءَ جاءِ تي پختو رهيو ۽ لڪ جو منهن نہ ڇڏيائين، هوُ رت سان رڱجي ويو هو. پر هوُ پٺتي نہ هٽيو. هوُ پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي پائڻ لاءِ وڏي آواز ۾ ماولن کي مقابلو ڪرڻ لاءِ سوچنائون ڏيئي رهيو هو. ماولن دشمن تي خوب مارو ڪيو. دشمن پٺتي هٽيا. باجي پربو خوب زخمي ٿي پيو هو، تہ بہ هو ماولن کي جنگہ جي چڪري چالو رکڻ لاءِ هاڪاريندو رهيو. هن جو سڄو ڌيان توب ڇٽڻ جي آواز ۾ هو.

**اِهو پاون کِنڊو :** ايتري ۾ توب ڇٽڻ جو سخت پڙلاءُ پيو. توب جو آواز پٽ تي پيل باجي پربوءَ جي ڪنن تي بہ پيو. ”مهاراج قلعي تي پهتو. مون پنهنجي وفادار نوڪريءَ جو فرض پورو ڪيو. هاڻي مان سُکہ سان پنهنجا پراڻ ڇڏيان ٿو“، اِئين چئي سوامي ڀڳت بهادر باجي پربوءَ پنهنجا پراڻ ڇڏيا.

باجي پربوءَ جي سرﮔواس ٿيڻ جي خبر وشالﮘڙهہ ۾ وينل شواجي مهاراج کي پيئي. مهاراج کي ڏاڍو ڏکہ ٿيو. مهاراج چيو، ”باجي پربو ديشپانڊي سوَراج لاءِ سرﮔواس ٿيو. باندل جي لوڪن سُني جنگہ جي چڪري ڪئي.“

باجي پربو ديشپانڊي جهڙن ديش ڀڳتن سبب سوَراج جا قدم اَڳتي وڌيا. اَهڙن سوامي ڀڳتن جي رت سان گهوڙ کنڊ پوتر ٿي ويئي. اُها زمين ’پاون - کنڊ‘ جي نالي سان اِتهاس ۾ اَمر ٿي. ڌنيہ آهن اَهڙا وير پُرش ۽ ڌنيہ آهي باجي پربو!

**سوال ١.هيٺ ڏنل خالن ۾ مناسب لفظو جهي خال پريو .**

(الف) شيڏي - جوهر چئني طرفن کان ......... قلعي کي گهيرو وڌو.

(ب) باجي پريوءَ جي ......... ڏسي شواجيءَ جو من پرجي آيو.

(ث) گهوڙکنڊ..... نالي سان اِتهاس ۾ اَمر آهي.

**سوال ٢. هرهڪ سوال جو جواب هڪ - هڪ جملي ۾ لکو.**

(اَلف) شواجيءَ پنهال - ڳڙهه جي گهيري مان نڪرڻ لاءِ شيڏيءَ کي ڪهڙو نياپو موڪليو؟

(ب) شيڏي جوهر تمام غصي ۾ ڇو اَچي ويو؟

(ث) وشالڳڙه وڃڻ وقت شواجيءَ باجي پريوءَ کي ڇا چيو؟

**سوال ٣. ٻن - ٽن جملن ۾ جواب لکو.**

(اَلف) پنهالا ڳڙه جي گهيري مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ شواجيءَ ڪهڙي اَٽڪل بازي ڪئي؟

(ب) باجي پريوءَ دشمن جي فوَج کي گهوڙکنڊ وٽ روڪڻ لاءِ ڪهڙي يوجنا ڪئي؟

**سوال ۴. سبب لکو.**

(اَلف) عادل شاهه تمام گهڻو چڙي ويو.

(ب) شواجيءَ جي شيوا ڪندڙ شواجي - شيوڪ اَمر ٿي ويو.

(ث) پاون - کنڊ اِتهاس ۾ اَمر ٿي.

**سوال ۵. اُهي ڪير؟ لکو.**

(اَلف) بهادر پر ظالم هو. .................

(ب) گهوڙ کنڊ وٽ آرپار جي لڙائي لڙندر. .......

(ث) گهيري کان ٻاهر نڪري ايندڙ. ............

**مشغولي**

شواجيءَ جي شيوڪن جي سوامي ڀڳتن جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ اُستاد کان حاصل ڪيو.

❁❁❁

# ١١. شائسته خان جو شرمسار ٿيڻ

**شائسته خان جو ڪاهي اَچڻ :** ويجاپورجي عادل شاهي حاڪم گهڻيون جنگيون ڪيون. پر هُو شواجيءَ کي ڪجهه بہ نہ ڪري سگهيو. شواجيءَ سندس هرهڪ سردار کي خوب ٽوٽا چٻايا. آخر عادل شاهہ حاڪم ڍرو ٿيو. شواجيءَ سان هن صلح ڪيو ۽ هن جي آزاد راجيہ کي قبوليت ڏنائين. تنهنڪري في اِلحال شواجيءَ کي دکن ڪان بچاءُ ٿيو.

هاڻي شواجي اُتر ۾ آيل مغلن ڏانهن وريو. مغلن حملن، فسادن مهاراشٽر ۾ رڻ ٻاري ڏنو هو. اُن وقت دهليءَ جو مغل شهنشاهہ اؤرنگزيب هو. اُن جي ملڪ تي شواجيءَ حملا ڪيا. اُن سبب مغل شهنشاهہ ڪاوڙيل هو. هن پنهنجي مامي شائستہ - خان کي شواجيءَ خلاف ڏياري موڪليو. هُوفوجي سپاهي وٺي پُڻي آيو. هن سان گڏ منو لک سُوريہ سپاهي هئا. ساڻس سَون جي تعداد ۾ هاٿي، اُٺ ۽ توبون هيون. رستي ۾ شائستہ - خان شرول، شواپور، ساسوَڙ جهڙا ڳوٺ هٿ ڪندو آيو. شائستہ - خان اَچي پرندر قلعي کي گهيرو ڪيو. هُو بنا رڪاوٽ اَڳتي وڌي آيو. پر هڪ دفعي جابلوڪ ۾ مرهٽي لوڪن هن کي روڪيو. مرهٽا سپاهي تمام تيز، تکا، پيمرتري گٽيءَ جيان وهندڙ هُئا. هُو ڊوڊو چٽٽي ڪائيندڙ لوڪ هئا. هُوبدن تي ڪٽر - لوئي ويڙهيندا هئا. هُو جبلن تي ۽ ماٿرين ۾ هوا وانگر اُڏامندا هئا. هُو چالاڪ بہ هئا. مرهٽا اوچتو حملو ڪندڙ هئا. اُن سبب شائستہ خان جا سپاهي پريشان ٿي چڪا هئا. تنگ ٿي شائستہ خان پُرندر جو گهيرو ڇڏي ڏنو.

**فرنگوجي نرسالا :** شائستہ - خان پُڻي طرف رخ رکيو. پهرين هن چاڪڻ جو قلعو جيتيو. چاڪڻ جي قلعي وٽ فرنگوجي نرسالا شائستہ خان سان خوب چڪري ڪاڏي ۽ مقابلو ڪيو. سچا سارا ہہ مهنا هو شائستہ خان خلاف لڙندو رهيو. پر شائستہ خان جي توبخاني اَڳيان هوُ بهي نہ سگهيو. شائستہ خان هن جي سورهيائي مڃي. اُن جو قدر ڪندي ڪيس مغل بادشاه جي پاسي اَچي نؤڪري ڪرڻ جي آڇ ڏني، پر فرنگوجي نرسالا نہ بدليو.

**لال - محل ۾ شائستہ خان :** شائستہ خان پُڻي ۾ آيو. هن شواجيءَ جي لال - محل کي اَچي والاريو. سندس فوُج لال - محل جي چوُگرد پنهنجا تنبو کٽي کوڙيا. سڄو سالُ گذري ويو. ٻيو سال بہ گذري ويو. پر خان لال - محل نہ ڇڏيو. هن مورڳو هتان رکي - رکي ٻين هنڌن تي حملا ڪندو رهيو. هن جا سپاهي رعيت جو چوُپايو مال گهلي کڻي ايندا هئا. هوُماڻهن جا فصل جلائي ناس ڪندا هئا. اَهڙيءَ طرح پُڻي جي آس - پاس آيل ڳوٺ اُجڙ ڪري ڇڏيا.

**هڪ جريت ڀري رِٿ :** شواجيءَ شائستہ خان کي سبق سيکارڻ جو فيصلو ڪيو. شائستہ خان لال - محل ۾ رهيو پيو هو. اِهو شواجيءَ لاءِ فائدي وارو هو. چاڪاڻ تہ اُن محل جي درين، چترشالا، دروازا، ننڍڙا رستا ۽ چور رستن کان شواجي پليءَ پِٽ واقف هو. تنهن کان سواءِ شواجيءَ جا جاسوس، خان جي ماڻهن سان گڏجي مسجي ويا هئا. شواجيءَ اڌ رات جو شائستہ خان جي ڪمري ۾ گهڙي ڪيس ختم ڪرڻ جو ويچار ڪيو. اها شواجيءَ جي رٿ هئي. هيءَ تہ وڏي جُريت واري رٿ هئي. لال محل ۾ ڪئلي بہ اَندر وڃي نہ سگهندي هئي. منو لک فوُج پهري سجاڳ لال - محل جي آس -



شواجيءَ جو شائسته خان تي حملو

پاس بيٺل هئي. ڪنهن به هٿيار بند مرهٽي جي ڳوٺ ۾ اَچڻ تي سخت بندش وڌي ويئي هئي. پر شواجيءَ هڪ دفعو فيصلو ڪيو سو ڪيو. اُهو فيصلو ڦرڻو اَصل ڪين هو.

اِنهيءَ جريت ڀريي ڪارنامي لاءِ ڏينهن ۽ تاريخ مقرر ڪيا ويا. اُها تاريخ هئي عيسوي سنه ١٦٦٣ع جي رات ٥ اَپريل. اُن وقت رات هڪ شاديءَ جي بارات ٻئنڊ ۽ باجن سان اَچي اُتان لنگهي. اَڳيان آتش بازي پيئي ٻري. جڃ ۾ سوين ماڻهو، مرد توڙي زالون سهڻن لباس ۾ سينگارجي وڃي رهيا هئا. شواجي پنهنجن ساٿين سان گڏ اِنهيءَ جڃ ۾ شامل هو. ڪي پالڪين ۾ ته ڪي پيري پنڌ اِنهيءَ جڃ ۾ وڃي رهيا هئا. جڃ اَڳتي نڪري ويئي. هرهنڌ سانت ٿي ويئي. شواجي ۽ اُن جا ساٿي لال محل جي ديوار طرف سرڪندا رهيا. اُن وقت شائسته خان ننڊ ۾ سمهيو پيو هو.

**شائسته خان کي سبق سيکارڻ :** محل جي پٺ ۾ ڪاٺ هٽي شواجي اَندر گهڙيو. ڀلا، هيءُ محل سندس ئي ته هو! هوُ اُن محل جي ڪنڊ - ڪڙڇ کان بخوبي واقف هو. خان جا پهريدار ننڊ ۾ سُتل هئا. شواجيءَ جي ماڻهن ڪين ٻڌي سوگهو ڪيو هو. شواجي اَجا محل جي اَندر ويو ته اوچتو ڪنهن اَچي مٿس تلوار سان وار ڪيو. شواجيءَ اُن کي ختم ڪري ڇڏيو. شواجيءَ سمجهيو ته اِهو خود شائسته خان هوندو، پر اِهو شائسته خان جو پُٽ هو، اِنهيءَ ڇرڀر سبب محل جا ماڻهو جاڳي اُٿيا.

شواجي شائسته خان جي ڪمري ۾ گهڙي پيو. هن پنهنجي تلوار ڪڍي، شائسته

خان ڊڄي ويو. ’شيطان، شيطان‘ چوندو هو دريءَ طرف ڀڄڻ لڳو. شواجي به هن جي پنيان ڊڪيو. جيئن شائسته خان دريءَ مان ٽپو ٽي ڏنو ته شواجيءَ مٿس وار ڪيو. خان جي هٿ جون آڱريون ڪپجي ويون. خان دريءَ مان ٽپو ڏيئي ڀڄي ويو. شواجيءَ، ساٿين آواز اُٿاريا. ”شواجي اَچي ويو، ڊڪو ڊُڪو پڪڙيوس، ڙي، پڪڙيوس.“ ڊپ وچان شائسته خان جا ماڻهو ڀڄڻ لڳا. شواجي ۽ سندس ساٿي سينهنگڙهه قلعي ڏانهن نڪري ويا. خان ۽ سندس ساٿين سڄي رات شواجيءَ کي ڳولهڻ جي ناڪامياب ڪوشش ڪئي.

شائسته خان ته هاءِ، هاءِ ڪرڻ لڳو. ”اَچ آڱريون وڃيون اَٿائين. سپاٽي منهنجو سِر ڪٽڻ ۾ شواجي دير نه ڪندو.“ هن کي ڊپ ويڙهي ويو.

شائسته خان سان ٿيل اِنهيءَ جُٺ جي خبر ٻڌي اؤرنگزيب کي سخت غصو وٺي ويو. هوُ شائسته خان کان سخت ناراض ٿيو. هن فرمان ڪڍي شائسته خان کي بنگال طرف ڏياري موڪليو.

مغل حڪومت کي هيءُ پهريون سخت ڌڪُ لڳو هو. اِهو ڌڪ زبردست هو. شواجيءَ جي فتح ٿي. سڄي مهاراشٽر ۾ خوشيءَ ۽ آنند جي لهر ڦهلجي ويئي.

## اپياس

سوال ۱. ڏنگين مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو .

(الف) شائسته خان ......... قعلي کي گهيرو ڪيو. (پرندر، پنهالا، شونيري)

(ب) شائسته خان ٺٽي ۾ ....... ۾ ناٽو نڪاٽو ڪيو. (شنيوارواڙا، لال محل، پاروتي)

(ٿ) اؤرنگزيب شائسته خان کي ......... ڏانهن روانو ڪيو. (آسام، ڪرناٽڪ، بنگال)

سوال ۲. هرهڪ سوال جو جواب هڪ - هڪ جملي ۾ لکو.

(اَلف) شائسته خان ڪهڙا ڳوٺ فتح ڪندي ٺٽي ۾ آيو؟

(ب) شائسته خان جي فؤج پريشان ڇو ٿي ويئي؟

(ٿ) شائسته خان کي ڪهڙو ڊپ ورائي ويو؟

سوال ۳. سبب لکو.

(اَلف) اؤرنگزيب بادشاهه شواجيءَ تي ڪاوڙ جي ويو.

(ب) شائسته خان دريءَ رستي ڀڄڻ لڳو.

سوال ۴. هيٺ ڄاڻايل گهٽنائون (واقعا) سلسليوار (وقت موجب) لکو.

(اَلف) شواجي ۽ اُن جا ساٿي سينهنگڙهه قلعي ڏانهن هليا ويا.

(ب) شائسته خان لال محل ۾ پنهنجو ٺاٽو نڪاٽو ڪيو.

(ٿ) شائسته خان چاڪڻ قلعو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو.

(ڊ) شواجيءَ شائسته خان کي زخمي ڪيو.

مشغولي

لال محل جي ملاقات ڪرڻ لاءِ پڪنڪ جو آيوجن ڪيو.

❁❁❁

# ١٢. پرندر جو گهيرو ۽ ٺاهه

**سورت تي اوچتو حملو :** هنن سوين ڪان پوءِ شواجي سانت ڪري نہ ويٺو. اؤرنگزيب جي فؤجي سپاهين مهاراشٽر پرديش ۾ لوُٽ - مار ڪئي هئي. بادشاهہ جي انهن ڳالهين کي روڪڻ لاءِ شواجي پنهنجن ساٿين سان گڏ سورت شهر تي اوچتو اَچي ڪڙڪيو. ڪٿي پُٽي ڪٿي سورت. اُن سمي سورت شهر مغل سلطنن جو وڏو ڀاڳيو واپاري مرڪز هو. اِنهيءَ شاهوڪار شهر تي اوچتو حملو ڪري شواجيءَ لکين رپيا لُٽيا. سورت شهر جي لُٽ - ڦٽ ۾ شواجيءَ پنهنجي نيتي نہ ڇڏي.

هن عورتن کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نہ ڏني. اُن سبب اؤرنگزيب تپي باهہ ٿي ويو. هُن مراٺا راڄ کي ختم ڪرڻ جو اِرادو ڪيو. هن پنهنجي ٻلوان سئناپتي مِرزا راجا جئسنگهہ کي شواجيءَ تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ موڪليو. هن سان گڏ پنهنجي خاص ايماندار سردار دلير خان کي بہ موڪليو. هنن کي بادشاهہ جهجهو ناڻو ۽ بيحد گهڻو بارود بہ ڏنو. راجا جئسنگهہ ۽ سردار دلير خان جبري فؤج سان گڏ ڏکڻ ۾ اَچي سهڙيا. سوَراج جي مٿان وڏي مصيبت اَچي ڪڙڪي.

سوُرت تي حملي کان شواجي موٽيا مَس هُئا تہ کين ١٦٦۴ ۾ ڪرناٽڪ مان ڏک ڀري خبر ملي. شهاجي راجي شڪار ڪرڻ وقت ٿيل حادثي ۾ گذاري ويا. شواجي راجا ۽ جيجاماتا تي ڏُک جو پهاڙ ٽُٽي پيو. شواجيءَ ماتا کي هِن ڏُک ۾ همٿ ڏني.



پُرندر قلعو

**پُرندر تي مغلن جو گهيرو :** پرندر شواجيءَ جو زبردست ۽ شاهي قلعو هو. اِنهيءَ قلعي کي هٿ ڪرڻ ڪانسواءِ شواجيءَ کي جيتڻ ناممڪن هو. اِها ڳالهه دلير خان اڳي ئي سوچي وينو هو. اُن سبب دلير خان پرندر قلعي کي گهيرو ڪيو هو. سندس فوڄ اَڪيچار هئي. سامهون پرندر جو قلعدار مُراراباجي سوروير هُئو. سيني سوروير سپاهين کي ميڙي مُراراباجي لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ويو هو.

دلير خان جون توبون نرانڪاءُ هٽڻ لڳيون. توبن جا لعل چمڪندڙ گولا قعلي تي لڳڻ شروع ٿيا. اُن سبب قلعو پڇڻ - پُرڪڻ شروع ٿيو. پر مُراراباجي ۽ اُن جا ماولا پنهنجيءَ جاءِ تان اصل نه هٽيا. هوُ وڏيڪ زور شور سان لڙائيءَ ۾ جنبي ويا. مغلن جون توبون وڏيڪ توب جا گولا ڇوڙيندڙيون رهيون. برج ۾ خال پيو. مغل برج ۾ گهسي ويا. دلير خان برج جيتي ورتو. مرهٽن قلعي جي مٿئين حصي ۾ آسرو ورتو. مرهٽا لڙندا ئي رهيا. دليرخان هيءُ سارو نظارو پنهنجي چانوٽيءَ مان ڏسي رهيو هو. مُراراباجي غضي ۾ لال ٿي ويو. هُن پنهنجا پنج سؤ ماولا چونڊيا. اُنهن ماولن کي وٺي هن مغلن تي حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن قلعي جو دروازو کوليو. ’هَر هَر مهاديو‘ جي گرجنا ڪندي مُراراباجي ۽ سندس ماولا مغلن تي ڪاهي پيا. ٿورو وقت سخت لڙائي لڳي. مغل فوڄ اَڪيچار هئي. آخر مغل فوڄ پٺتي هٽي ۽ دلير خان جي چانوٽيءَ طرف پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڀڳي.

مراراباجي اُنهن جو پيڇو ڪيو. مراراباجيءَ جا ساٿي دلير خان جي چانوٽيءَ ۾ گهڙي پيا. چانوٽيءَ ۾ مانڌاڙ مچي ويو. اُتي ڊڪ-ڊوڙ، رڙيون، واقعا ۽ ٻاڪرڪتو شروع ٿي ويو. تڪڙ - تڪڙ ۾ دلير خان هاٿيءَ تي سوار ٿي نڪتو. هن سامهون ڏٺو ته هن کي مُراراباجي ڏسڻ ۾ آيو. مُراراباجيءَ جي تلوار ڪنهن جي ڇاتيءَ ۾ ته ڪنهن جي سِر تي ۽ ڪنهن جي گردن ۾ ڪڙڪي رهي هئي. مُراراباجي ڪنهن کي به نه پيو ڇڏي. مُراراباجيءَ جي جريت ۽ همت ڏسي دلير خان دنگ رهجي ويو.

**مُراراباجيءَ جو بي-مثل مقابلو :**

دليرخان کي ڏسي مارباجي ڇڙڪيو. ’ڪتيو ٿوڙيو، لاش ڪيرايو‘ اهڙا واڪا ڪندي مراراباجي دشمنن ڏانهن ڊُڪيو. هن جي تلوار چؤطرف زور سان قرڻ لڳي. هن سوروير کي چئني طرفن کان مغل سپاهي گهيري ويا. ايتري ۾ واقعو ڪندي هاٿي اُتان دلير خان چيو، ”ترسو.“ مغل سپاهي رڪجي ويا. هوُ ٿوريءَ دير لاءِ پٺتي هٽيا. دلير خان مُراراباجيءَ کي چيو، ”مرار باجي! تو جهڙو تلوارباز مون اَڄ ڏينهن تائين نه ڏٺو آهي. تون اَسانجي پاسي اَچ. قسم ڪڻ. بادشاهه توکي سردار بڻائيندو، جاگير به ڏيندو ۽ بخشيش به عطا ڪندو!“ مراراباجيءَ دليرخان جا دلبا ٻڌا. هوُ غصي ۾ اَچي ويو ۽ سندس اکيون لعل ٿي ويون. هن رڙ ڪندي چيو، ”اَڙي، اَسين شواجيءَ جا ماڻهو آهيون. تنهنجي قسم کي اَسانکي ڇا ڪرڻو آهي؟ اَسان وٽ کهڙي ڪمي آهي. تنهنجي بادشاهه جي جاگير ڪهڙي ڪنهنکي؟“ هوُ دلير خان طرف اُپڙي آيو. هوُ طوفان جيان مغلن جو قتل ڪندو ويو. دلير خان هاٿيءَ تان ئي تيز تيرُ ڇوڙيو. اهو تير سِڌو اَچي مُراراباجيءَ جي ڳلي ۾ کُتو. هوُ زمين تي ڪري پيو. ماولن هن جو جسم کنيو ۽ قلعي ۾ اَندر هلي ويا. قلعدار گذاري ويو، اُن سبب سڀ ماولا سخت دکي ٿيا. پر هڪ ماراباجي گذاري ويو ته ڇا ٿيو. اَسين به اُن وانگر بهادر آهيون. اَسين همت ٻڌي لڙنداسين. اِئين



مُرارباجي ديشپانڊي - دليرخان يڌ جو نظارو

چئي، مرهٽا بنا گهٻرائڻ جي وري اچي بهادريءَ سان مغل دشمنن سان دوبدو ٿيا. هُو همت سان لڙڻ لڳا.

شواجيءَ جڏهن اِها خبر ٻڌي تڏهن کيس سخت صدمو رسيو. هن سوچيو ته هڪ - هڪ قلعي لاءِ اَسين سالن جا سال لڙي سگهون ٿا. پر بي سبب اَسانجا ماڻهو پيا مارجن. اِها ڳالهه شواجيءَ کي قبول نه هئي.

**پرندر جو ٺاهُه (عهدنامو) :** هاڻي ڇا ڪجي؟ سورهيائي هلي نه ٿي، چترائي سان به ڪجهه ورڻو نه هو. بهتر اِئين آهي ته ڪجهه وقت ترسجي. اُن سبب مغلن سان صلح ڪرڻ جو فيصلو شواجيءَ ڪيو. شواجي خود پاڻ مرزا راجا جئسنگهه وٽ لنگهي ويو. هن وڏيءَ همت سان راجا سان ڳالهيو. هن چيو، ”مرزا راجا، توهين ۾ اَسين راجپوت آهيون . اَسانجي ڏڪ جي خبر توهان کي آهي. بادشاهه جي حملن سبب مهاراشٽر برباد ٿيو آهي. ماڻهن جي دردشا ٿي آهي. پرجا کي سکي رکڻ لاءِ اَسان سوَراج جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي! توهانکي به اَسانجي ڪم ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. مان ۽ ماولا توهانکي ساٿ ڏينداسين.“ راجا جئسنگهه ڏاڍو سياڻو هو. هن شواجيءَ کي صلح ڪرڻ جي صلاح ڏني. اُن سبب شواجيءَ کي ٺاهه ڪرڻو پيو. ان ٺاهه جي شرطن موجب شواجيءَ کي ٽيويهه قلعا ۽ اُن هيٺ آيل زمين ۽ چار لک سونيون مهرون مغلن کي ڏيڻيون پيون. شواجيءَ اِهو ٺاهه قبول ڪيو. اِهو ٺاهُه عيسوي سنه ١٦٦٥ع ۾ ڪيو ويو.

پرندر جو ٺاهه ٿيو. اُن وقت راجا جئسنگهه شواجيءَ کي اِها به صلاح ڏني ته هُو آگري وڃي بادشاهه سان ملاقات ڪري. هن شواجيءَ کي سنڌس سلامتيءَ جي خاطري ڏني.



شواجي - مرزا راجا جئسنگهہ مُلاقات

جئسنگهہ جي ڏنل هدايت تي شواجيءَ ويچار ڪيو. بادشاهہ ڪپٽي آهي. بادشاهہ پنهنجي سڳي پيءُ سان دغابازي ڪئي هئي. اُن ڳالهہ جي شواجيءَ کي خبر هئي، تنهن هوندي بہ هن معاملي کي خبرداريءَ سان منهن ڏيڻ گهرجي - اِهو فيصلو ۽ اِرادو شواجيءَ ڪيو. هن راجا جئسنگهہ کي چوائي موڪليو تہ هوُ (شواجي) آگري وڃي بادشاهہ سان گڏجڻ لاءِ تيار آهي.

## اڀياس

**سوال ١. ڏنگين مان مناسب لفظ چوندي خال پريو .**

(الف) اُن وقت مغل ملڪ ۾ وڏو واپاري مرڪز ......... شهر هو.

(پٽڻي، صورت، دهلي)

(ب) پرندر جو قلعدار ......... وڏو بهادر هو.

(باجي پربهو، تاناجي، مُرارباجي)

**سوال ٢. هيٺ ڄاڻايل سوالن مان هرهڪ سوال جو جواب هڪ - هڪ جملي ۾ لکو.**

(اَلف) شواجيءَ سورت شهر تي اوچتو حملو ڇو ڪيو؟

(ب) دليرخان پرندر قلعي جو گهيرو ڇو ڪيو؟

(ث) مغلن سان ٺاهہ ڪرڻ جو فيصلو شواجيءَ ڇو ڪيو؟

(ڊ) پرندر جي ٺاهہ موجب شواجيءَ مغلن کي ڪيترا قلعا ڏيڻ قبول ڪئي؟

**سوال ٣. ٻن يا ٽن جملن ۾ جواب لکو.**

(اَلف) مُرارباجيءَ جي بهادري ڏسي دليرخان هن کي ڇا چيو؟

(ب) مرارباجيءَ دليرخان کي ڪهڙو جواب ڏنو؟

**سوال ٤. سبق ۾ آيل نالا هيٺ ڄاڻايل شروعاتي اَکرن جي مدد سان پورا ڪيو.**

(اَلف) اَو .........

(ب) پُ .........

(ث) مُ .........

(ڊ) ج .........

(ڪ) دِ .........

**مشغولي**

توهانجي ايراضيءَ ۾ آيل قلعي تي وڃو. اُن قلعي بنسب وڌيڪ خبرچار پنهنجي اُستاد / داديءَ جي مدد سان هٿ ڪيو.

❁❁❁

# ١٣. بادشاهه جي چنبي مان پاڻ ڇڏائڻ

جئسنگهه جي خاطريءَ تي اَعتبار ڪري شواجي بادشاهه سان ڳڌجڻ لاءِ آگري ڏانهن روانو ٿيو. وڃڻ کان اَڳ شواجيءَ راڄ - ڪاروبار جو ڪم جيجاماتا جي هٿن ۾ سؤنپيو ۽ ماتا کان آشيرواد ورتائين. هن پاڻ سان ڳڏ پنهنجو پٽ سمڀاجي راجي، چونڊ سردار، ڪي ويساهه جوڳا پروسي مند ماڻهو ۽ ڳچ ناڻو ڪنيو. منزلون هڻندو شواجي آخر آگري اَچي پهتو.

مغل دربار ۾ بي - عزتيءَ وارو

**وهنوار :** ٿيل فيصلي موجب شواجي بادشاهه جي دربار ۾ ويو. هُن سان ڳڏ سمڀاجي راجي پڻ هو. اُن ڏينهن اؤرنگزيب جو پنجاهون جنمدن هو. بادشاهه عام دربار ختم ڪري صلاح - مصلحت ڪرڻ واري محل ۾ آيو. اُتي سندس چونڊ سردار عهدي اَنوسار صِفون ٻڌي بيٺا هئا. شواجيءَ کي پنين قطار ۾ بيهاريو ويو. مرهٽن سان اَنيڪ دفعا لڙائي ڪندي، هار کائيندي، پٺ پائي ڀڄندڙ جسونتسنگهه راٺوڙ، شواجيءَ کان اَڳ واري قطار ۾ بيٺل هو. شواجي سوچڻ لڳو، ''مان مهاراشٽر جو راڄا، مونکي ته پهرين جاءِ ملڻ گهرجي. تنهن هوندي به بادشاهه مونکي پنيان بيهڻ لاءِ چيو آهي، جوش ۾ شواجيءَ جون اکيون لال ٿي ويون. هيءُ اَپمان سندس سهڻ کان ٻاهر هو. شواجي غصي ۾ محل



بادشاهه جي دربار ۾ شواجي

ڪان ٻاهر نڪري آيو. هوُ جلدي پنهنجي رهڻ جي جاءِ تي ويو. هن اِهو پڪو اِرادو ڪيو تہ هوُ هن ڪان پوءِ بادشاهہ جي شڪل بہ نہ ڏسندو.

اَهڙيءَ طرح هيءَ گڏجاڻي ناڪامياب ويئي ۽ اِنهيءَ جي خبر هرهنڌ ڦهلجي ويئي.

**بادشاهہ جي دغابازي :** اؤرنگزيب شواجيءَ جي رهڻ واري جاءِ تي سپاهين جو تمام سخت پهرو بيهاري ڇڏيو هو. شواجي راجي ۽ سندس پٽ سمڀاجي راجي بادشاهہ جا قيدي بڻيا. بادشاهہ ساڻن دوهہ ڪيو هو. اِها ڳالهہ شواجي سمجهي ويو هو. هاڻي بادشاهہ هنن کي ڇڏڻ وارو نہ هو. اِئين ڏينهن گذارندا رهيا. هڪ ڏينهن شواجيءَ بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ مونکي مهاراشٽر وڃڻ ڏيو. پر بادشاهہ ٻڌو اَڻ-ٻڌو ڪري ڇڏيو. شواجيءَ گهڻا ئي هيلا هلايا، پر بادشاهہ هن جي هڪ بہ نہ ٻڌي. نيٺ شواجيءَ بادشاهہ جي بنديخاني مان ڪيئن بہ ڇٽي نڪرڻ جي سِٽ سٽي. هُن بادشاهہ جي موڪل سان پاڻ سان آندل ماڻهو ڏکڻ ڏانهن واپس ڏياري موڪليا. بادشاهہ کي لڳو، ”هيءُ تہ سنو ٿيو. هاڻي شواجيءَ جو ٻل گهٽيو.“ هاڻي شواجيءَ سان گڏ رڳو سمڀاجي راجي، هِروجي فرزند ۽ مداري مهتر رهيا. اِهي شواجيءَ جا شيوڪ هئا.

اَڳتي هلي هڪ ڏينهن شواجي بيماريءَ جو بهانو ڪري ليٽي پيو. اِهو هن جو ڍونگ هو. هُن پيٽ جي سوُر جي سخت شڪايت ڪئي. ويڄ-طبيب اَچي ويا. دوا، درمل شروع ڪئي ويئي. بيماريءَ مان ڇوٽڪارو ملي، اُن لاءِ شواجيءَ ساڌن ۽ مؤلوين کي مناين جا وڏا - وڏا ٽوڪرا موڪلڻ شروع ڪيا.

**ٽوڪرن رستي رفوچڪر :** شروع ۾ پهريدار اِهي ٽوڪرا چڱيءَ طرح جاچيندا هئا. پر پوءِ هوُ اِنهيءَ ڪم مان ڪڪ ٿي پيا. اِهي ٽوڪرا روز روز جاچڻ هنن سپاهين ضروري نہ سمجهيو. هڪ ڏينهن شام جو شواجيءَ هِروجيءَ کي پنهنجي هنڌ تي سمهاري ڇڏيو ۽ مداري مهتر کي ڪيس ٽنگڻ تي زور ڏيڻ لاءِ وهاريو. شواجيءَ پاڻ، کي سمڀاجيءَ کي جدا جدا ٽوڪرن ۾ لڪائي ڇڏيو. ٽوڪرا ٻاهر نڪتا. اَهڙي طرح شواجي ۽ سمڀاجي ڀڄي نڪتا. هوُ مقرر ٿيل جاءِ تي سک سان اَچي پهتا. اُن جاءِ تي شواجيءَ جا سوامي ڀڳت، وفادار ماڻهو گهوڙا تيار ڪري ترسيا بيٺا هئا. هيڏانهن هيروجي ۽ مداري مهتر 'مهاراج لاءِ دوائون وٺڻ وڃون ٿا' اَهڙو بهانو ڪري نڪري آيا.

ٻئي ڏينهن بادشاهہ کي اِنهيءَ ڳالهہ جو پتو پيو. 'شواجي ڀڄي ويو' بادشاهہ جوش ۾ پرڪي اُٿيو. سندس سڀ سردار ٿڙٿڙ ڪنبڻ لڳا. بادشاهہ شواجيءَ جو پتو ڪڍڻ لاءِ هرهنڌ پنهنجا جاسوس موڪليا. پر بادشاهہ جي سڄي محنت اجائي ويئي. بادشاهہ جي قيد مان مرهٽي شيرُ قائم لاءِ نڪري ويو. شواجي جي ويس بدلائي، دشمن کي گوهيون ڪارائي پنهنجي ديس ڏانهن نڪتو. شواجي مهاراج کي بادشاهہ جي چنبي مان ڇڏائڻ ۾ هيروجي فرزند ۽ مداري مهتر جو اَهميت ڀريو يوگدان آهي. شواجيءَ پنهنجي پٽ سمڀاجيءَ کي مٿرا ۾ ڪنهن سلامتيءَ واري ۾ ڇڏيو. شواجي پنهنجيءَ منزل ڏانهن اَڳتي وڌيو. راجگڙهہ ۾ شواجي سُک سان اَچي پهتو. شواجيءَ کي سلامت آيل ڏسي جيجاماتا بيحد خوش ٿي. ٻن مهنن کان پوءِ سمڀاجي راجي پڻ سک سلامتيءَ سان راجگڙهہ اَچي پهتو. اَهڙيءَ طرح وڏي اَٽڪل ويڙهائي بادشاهہ جي هٿن ۾ ڪنبي ڏيئي شواجيءَ بادشاهہ جي چنبي مان پاڻ کي ڇڏايو. هوُ آزاد ٿيو. هيءَ ڳالهہ عيسوي سنہ ١٦٦٦ع ۾ ٿي گذري.



شواجي مهاراج جو آگرا مان ڇوٽڪارو

## اڀياس

سوال ۱. ڏنگين مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو .

(الف) شواجي بادشاهه جي دربار ۾ ويو، اُن ڏينهن اؤرنگزيب بادشاهه جو ......... جنم ڏينهن هو.

(پنجاهون، چاليهون، سٺ)

(ب) آگرا مان اچڻ وقت شواجيءَ سمياجي راجي کي ......... شهر ۾ هڪ سلامتيءَ واري جاءِ تي ڇڏيو.

(جهانسي، متران دهلي)

سوال ۲. هيٺ ڄاڻايل سوالن مان هرهڪ سوال جو جواب هڪ - هڪ جملي ۾ لکو.

(اَلف) آگري ۾ وڃڻ کان اَڳ شواجي راجي سوَراج جو ڪاروبار ڪنهن جي هٿن ۾ سؤنپيو هو؟

(ب) آگرا جي قيد ۾ شواجيءَ سان گڏ ڪير - ڪير رهيا هئا؟

(ٿ) بيماريءَ مان ڇوٽڪارو ملي ان لاءِ شواجيءَ ڇا ڪيو؟

سوال ۳. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ٻن - ٽن جملن ۾ لکو.

(اَلف) شواجي مهاراج اؤرنگزيب جي دربار مان غصي ۾ ٻاهر ڇو نڪتا؟

(ب) شواجي مهاراج بادشاهه جي قيد مان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ ڪهڙي اَٽڪل بازي ڪئي؟

مشغولي

شواجي مهاراج آگرا جي قيد مان ڇوٽڪارو پاتو. اُن بنسبت هڪ تصوير تيار ڪيو.

❁❁❁

# ١٤. قلعو هٿ آيو، پر سورهيه هليو ويو

**ماتا صاحب جي اِڇا :** شواجيءَ جا ڄئسنگهه کي ڏنل ٺيڪيءَ قلعا اَڃا مغلن جي هٿ ۾ هئا. ڪونڍاڻا قلعو به اُنهن مان هڪ قلعو هو. هڪ ڏينهن جيجاماتا شواجيءَ کي چيو، ”شِوبا! ڪونڍاڻا جهڙو شڪتيشالي قلعو مغلن جي هٿن ۾ سونهين نٿو. اِهو قلعو واپس هٿ ڪر. پٽي جي پرسان آيل ڪونڍاڻا قلعو سوَراج ۾ ئي هئڻ گهرجي. اُن لاءِ شواجي به تڙقيو پئي. ڪونڍاڻا جو قلعو مغلن جي هٿ هئڻ معنيٰ سوراج ۾ ٿيل زخم. اِنهيءَ زخم جيجاماتا ۽ شواجي ٻنهي جي من کي هلاڪ ڪيو هو. ٻئي چاهين پيا ته ڪونڍاڻا قلعو سوراج ۾ هئڻ گهرجي. ڪونڍاڻا قلعو جيتڻ بيحد ڏکيو ڪم هو. شواجي سوچڻ لڳو ته هيءُ ڪم ڪيئن ڪجي؟ اِهو ويچاريندي هن کي تاناجي مالسري جو نالو ترت آيو.

**تاناجي مالُسري :** تاناجي شروعات کان وٺي شواجيءَ جو ساٿ ڏيندو آيو هو. ڪونڪن ۾ مهاڊجي و يجهو اُمرٺي نالي ڳوٺ آهي. تاناجي مالسري اُن ڳوٺ ۾ رهندو هو. شواجي جيڪو به ڪم تاناجيءَ کي چوندو هو، ته اُن ڪم ۾ تاناجي آناڪاني نه ڪندو هو. تاناجي مالسري شواجيءَ جو هرهڪ ڪم ڪرڻ لاءِ هميشه تيار هوندو هو. هُو وڏي همٿ وارو مڙس هو. هُو جسم جو پڻ ڄاڻو هو. هُو نه صرف جسماني طور طاقتور هو، پر دماغي طور به چست هو. هُو شواجي مهاراج جو پرم ڀڳت هو. شواجي مهاراج ۾ هن جي اَتوٽ شرڌا هئي.

**پهريون ڪونڍاڻا جو وواهه :** اُن



تاناجيءَ جي پرتگيا

وقت تاناجي مالسري پنهنجي پٽ جي شاديءَ جي تيارين ۾ رڌل هو. هن کي رائبا نالي هڪڙي سڪيلڌو پٽ هو. تاناجي مالسري جي گهر ۾ ساٽ-سڳڻ زور شور سان ٿي رهيا هئا. ڇڻ ڏينهن ڪانپوءِ هن جي سپٽر جي شادي ٿيڻ واري هئي.تاناجيءَ جي مرضي هئي تہ مهاراج ۽ ماتا صاحب اِنهيءَ شاديءَ ۾ حاضر رهي جوڙي کي آسيس ڪن. تنهنڪري تاناجي مالسري شيلار ماما سان گڏ رائبا جي شاديءَ جو نوٽو ڏيڻ لاءِ شواجي مهاراج وٽ آيا. شيلار ماما شواجي مهاراج کي شاديءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ نيندڊ ڏني. شواجيءَ ڪين ڇيو، ”شيلار ماما!

اوهين رائبا جي شادي اُڪلائي ڇڏيو. مان پاڻ شاديءَ ۾ شريڪ ڪونہ ٿي سگهندس. ڇاڪاڻ تہ مان خود ڪونڊاڻا قلعو جيتڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان.“

شواجيءَ جا اِهي لفظ ٻڌي تاناجيءَ ڇيو، ”تاناجيءَ جي هوندي، اوهين هن خطري ڀريل ڪم ۾ ڪيئن وڃي رهيا آهيو؟ باقي اَسين ڇا جي لاءِ آهيون؟ فڪر ڪونهي. ڀهرين شادي ڪونڊاڻا جي پوءِ رائبا جي ملهائبي. ڪونڊاڻا جي قلعي کي هٿ ڪرڻ لاءِ مان پاڻ ويندس. مونکي آسيس ڪريو. **تاناجيءَ جي تجويز :** تاناجي ڪونڊاڻا قلعي کي جيتڻ لاءِ تيار ٿي نڪتو. ڪونڊاڻا قلعي تي راجا جئسنگهہ جو مقرر ڪيل اُديان راجپوت قعلدار هو. هوُ ڏاڍو سخت ماڻهو هو. قلعي کي ٻہ دروازا هئا. ٻنهي دروازن تي اُديان سخت پهرو بيهاريو هو. قلعي ۾ ڪيئن داخل ٿجي؟ تاناجي قلعي جي چوڌاري چڪر هڻي سڀ ڪجهہ نظر مان ڪڍي آيو. اولهہ طرف اِهو قلعو بلڪل اُڀو ۽



تاناجيءَ جي ڪونڊاڻا تي چڙهائي

اوچو هو. اِنهيءَ پاسي ڪوبہ پهريدار ڪونہ بيهاريو ويو هو. تاناجيءَ سوچيو تہ اُتان ئي چڙهي قلعي جي اَندر وڃڻو پوندو. تاناجيءَ پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي چيو، ”سورياجي! تون پنج سؤ سپاهي ساڻ ڪري ڪلياڻ واري دروازي وٽ چپ ماري ويهہ. مان ٽي سؤ ماولا سپاهي وٺي قلعي تي چڙهي ٿو وڃان. اَسين قلعي تي چڙهي ڪلياڻ وارو دروازو کولي ڇڏينداسين. پوءِ توهين قلعي جي اَندر اچجو. اَسين مغل سپاهين جو دونهون اُڏائينداسين. هاڻي هلو.“ سورياجي ۽ تاناجي پنهنجي پنهنجي واٽ وٺي هليا.

## اُتاهين پار ڪري قلعي ۾ گهڙڻ :

رات جو وقت هو. تاناجي ۽ سندس ماولا سپاهي جبل جي پيرانديءَ ۾ اوندهہ ۾ اَچي مڙيا. رات جي جيتن جو آواز اَچي رهيو هو. تاناجيءَ جا پنج - ڇهہ ماولا جوان جبل تي چڙهڻ لاءِ اَڳيان وڌي آيا. جبل ڪيڏو نہ اوچو ۽ اُڀو هو. پر جوان ڪمر (ڇيلهہ) سان پختا نوڙ ٻڌي وڌي همت سان جبل تي چڙهي ويا. مٿي پهچندي هنن ڪمر وارا نوڙ وڻن جي ٿڙن سان سوگها ٻڌا. پوءِ ڇا؟ تاناجي ۽ سندس ماولا پولڙن جيان نوڙن تي تڪڙو چڙهي قلعي جي اَندر پهچي ويا.

## تاناجيءَ جي ڪونڍاڻا تي چڙهائي:

هوڏانهن سورياجي پڻ پنهنجن ماولن سپاهين سان ڪلياڻ واري دروازي وٽ پهچي چڪو هو. هوُ دروازي کلڻ جي راهہ ڏسي رهيو هو. لڙائي شروع ٿي ويئي. اُديڀان کي خبر ملي. نغارو وڳو. اُديڀان جا سئنڪ ماولن تي اُلڙ ڪري آيا. دوبدو لڙائي شروع ٿي ويئي. تلوار سان تلوار ٽڪرائڻ لڳي. ٽولوارن جا وارا زور-شور سان ٿيڻ لڳا. ڍالون کڙڪڻ لڳيون. مشعالون نچڻ لڳيون. ماولن وڃي ڪلياڻ دروازو کوليو. تاناجي اُديڀان اَچي سندس سامهون ٿيو. ٻنهي جي چڪري لڳي.

ٻئي بهادر شير هئا! ڪوبہ پنتي ڪين پيو هتي. ايتري ۾ تاناجيءَ جي ڍال ٽٽي پيئي. هوُ هٿ تي پٽڪو ٻڌي دشمن جي وار کي ٽاڙيندي لڙڻ لڳو. آخر ٻئي هڪ - ٻئي تي حملي ڪرڻ سبب زخمي ٿي زمين تي ڪري پيا. ٻئي ڍهي پيا.

## ڳڙهہ آيو، پر سورهيہ هليو ويو! :

تاناجي ليٽي پيو تہ ماولن جي همت هارجي ويئي. هوُ ڀڄڻ لڳا. ايتري ۾ سورياجي ۽ سندس گڏ آيل ماولا ڪلياڻ دروازي کان قلعي اَندر اَچي پهتا هئا. ڀاءُ کي زمين تي ليٽيل ڏسي سورياجيءَ کي سخت ڏکہ ٿيو. پر اُهو وقت ڏکہ ڪرڻ جو نہ هو. اُهو وقت دشمن سان لڙڻ جو هو. سورياجيءَ قلعي ٻاهران جيڪي نوڙ لٽڪي رهيا هئا، سي هڪدم ڪٽي ڇڏيا. هُن چيو، ”اَڙي اوهان جي پيءُ مثل اَڳوان پنهنجي جان هتي ڏني آهي ۽ اَهين ڊرپوڪن وانگر ڀڄي رهيا آهيو. واپس اَچو. مون سڀ نوڙ ڪٽي ڇڏيا آهن. يا تہ ٽپو ڏيئي پنهنجي جان وڃايو يا تہ دشمن تي وڃي ڪڙڪو.“

ماولا اِنهن لفظن کي ٻڌي واپس موٽي آيا. جبري جنگہ لڳي. آخر ماولن قلعو فتح ڪيو. تاناجيءَ جهڙي سوروير کي اُن لاءِ پنهنجي جان قربان ڪرڻي پيئي. جڏهن هيءَ خبر جيجاماتا ۽ شواجيءَ کي پيئي تہ کين ڏاڍو اَچي ويو. هنن کي ڏاڍو ڏکہ ٿيو. قلعو تہ قبضي ۾ اَچي ويو، پر شير وانگر بهادر تاناجي هليو ويو. شواجيءَ ڳوڙها ڳاريندي چيو، ”ڳڙهہ آلا، پڻ سنهہ گيلا.“ قلعو تہ مليو پر شينهن جهڙو سورهيہ هليو ويو.

ڪونڍاڻا تي سينهنڳڙهہ جو نالو مطلب پريو ٿيو. هيءُ واقعو عيسوي سنہ ١٦٧٠ع ۾ ٿيو. اَڳتي هلي اُمرني ڳوٺ ۾ وڃي شواجيءَ رائبا جي شادي پاڻ ڪرائي.

**سوال ١. بنا چوڪ واري صحيح معنيٰ واري لفظ کي رنگين گول ڪيو.**

(الف) تاناجي ڪونڪن جي هِن ڳوٺ جو رهاڪو هو.

(١) مهاڊ ◯ (٢) چپلوڻ ◯
(٣) اُمرني ◯ (۴) رتناگري ◯

(ب) جئسنگهه طرفان مقرر ڊيل اُديڀان هن قلعي جو قلعدار هو.

(١) پرندر ◯ (٢) ڪونڊاڻا ◯
(٣) رائگڙهه ◯ (۴) پرتاپگڙهه ◯

(ث) تاناجيءَ جي پاءُ جو نالو هيءُ هو.

(١) رائبا ◯ (٢) سورياجي ◯
(٣) مراراباجي ◯ (۴) فرنگوجي ◯

**سوال ٢. هيٺين سوالن جا جواب هڪ - هڪ جملي ۾ لکو.**

(اَلف) ڪونڊاڻا قلعو ڪنهنجي ضابطي هيٺ هو؟

(ب) ڪونڊاڻا قلعي جي باري ۾ جيجاماتا شواجيءَ کي ڇا چيو؟

(ث) 'پهرين شادي ڪونڊاڻاجي، پوءِ رائباجي'، اِئين ڪنهن چيو؟

**سوال ٣. ٻن - ٽن جملن ۾ جواب لکو.**

(اَلف) شيلار ماما شواجي مهاراج کي رائبا جي شاديءَ بنسبت جڏهن نيند پتر ڏنو، تڏهن شواجي مهاراج ڪهڙو جواب ڏنو؟

(ب) سينهنگڙهه تي سورياجيءَ ماولن کي ڇا چيو؟

**مشغولي**

توهانجي آس - پاس آيل تواريخي (اِتهاسڪ) شين جي ياداشت تيار ڪيو.

❋❋❋

# ١٥. حيرت پريو اُتسو

**راج تلڪ جو ڪيو ويو :** رائريشور جي مندر ۾ شواجيءَ سوراج اِستاپن ڪرڻ جو قسم کنيو هو. سوراج اِستاپن ڪرڻ جي ڪم ۾ هن کي سخت مشڪلاتون پيش آيون. هوُ اُنهن مشڪلاتن مان پنهنجيءَ سورهيائيءَ ۽ جريت سان سوپارو ٿيو. باجي پريو، مرارباجي، تاناجي، وغيره ويرن سوراج لاءِ لڙندي، لڙندي پنهنجي جيون جو بليدان ڏنو هو. آخر سوراج اِستاپن ٿيو هو ۽ دشمن اُن کان ڏڪي رهيا هئا. دشمن تي هڪ لغام آيو.

پاسي وارن راجائن ۽ راجين ۾ انهيءَ سوراج کي مڃيو وڃي، اُن لاءِ شواجي مهاراج تاجپوشي رسم جي رٿا تيار ڪئي. سوين سالن کانپوءِ سيني ڏرمن سان هڪ جهڙو ورتاءُ ڪندڙ، رعيت کي اِنصاف ڏيندڙ، پرجا کي سکي رکندڙ راجا مهاراشٽر ۾ ساموهُن آيو هو. سوراج اِستاپنا جي واقفيت ڏجي. اِنهيءَ سبب ڪري شواجي مهاراج راج تلڪ ڪرڻ جو اِهو اِرادو ڪيو. اِهو ارادو هن پنهنجيءَ خوشيءَ يا ڏيکاءُ لاءِ ڪين ڪيو هو. پر اِهو اِرادو هن سوراج کي وڌيڪ پختو ڪرڻ لاءِ ڪيو هو.

**سوراج جي راجڌاني :** شواجي مهاراج راجڌانيءَ لاءِ رائگڙهہ قلعو چونڊيو هو. رائگڙهہ قلعو هڪ مضبوط قلعو هو. رائگڙهہ قلعي تان سڄي سوراج تي نظر رکجي ٿي سگهجي. اُن قلعي تان دشمن جي پرديش تي بہ نظر رکجي سگهجي ٿي.

شواجي چپلوڻ ويو. اُتي لشڪر نظر مان ڪڍيائين. هُن ڀواني ديويءَ جو درشن بہ پرتاپ ڳڙهہ ۾ ڪيو. شرڌا سان هن ديوي ماتا جي مورتيءَ مٿان سونو چنور اِستاپن ڪيو.

**اُتسو لاءِ تياريون :** هن هڪ سونو سنگهاسن جوڙايو. اُن سنگهاسن تي هن قيمتي رتن جوڙايا. اُن مٿان هن هڪ اَڇي رنگہ جي ڇٽي ٽنگائي. سيني راجائن، ودوانن، براهمڻن ۽ سندس هٿ هيٺ ڪم ڪندڙ سردارن ۽ ڪامدارن ڏانهن اُتسو ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نينڊ پتر موڪليا ويا. ڪاشيءَ مان گاگا ڀٽ براهمڻ کي اُتسو ۾ مکيہ پنڊت تي ڪم ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو. گاگا ڀٽ اَصل پئٺڻ جو وينل هو. پر پوءِ هوُوچي ڪاشيءَ ۾ قائم - دائم ٿيو هو. هوشيار ۽ وڏو پنڊت هو. ڪاشي ڪيتر ۾ هن جو ناماچار پکڙجي چڪو هو. هرهنڌ هن جي مشهوري پکڙيل هئي.

ستن ندين ۽ سمنڊ جو جل آڻڻ لاءِ ماڻهو موڪليا ويا هئا. شواجيءَ راج تلڪ جي اُتسو جي هرڪا تياري ڪري ڇڏي هئي. هن شيِ اُتسو ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اَٽڪل پنجاهہ هزار ماڻهو اَچي رائگڙهہ ۾ سهڙيا هئا. اُنهن لاءِ هرهنڌ تنبو، ڏيرا ۽ شاميانا لڳي ويا هئا.

**راج تلڪ اُتسو جا ساٿ سڳڻ :** آخر راج تلڪ وارو سڀاڳو ڏينهن آيو. اِهو ڪلياڻ ڪندڙ ڏينهن هو. راڳہ گانا شروع ٿي ويا. راڳيندڙ ڳائڻ لڳا. شواجي مهاراج سونيءَ منجيءَ تي وينو. هن جي مٿان راج ڇٽي جهلي ويئي. براهمڻ برتن، گيهہ، ڏهي ۽ ماکي کڻي اَچي بينا. گاگاڀٽ جي هٿن ۾ سون جي گهاگهر هئي. اُن گهاگهر ۾ گنگا، جمنا، سنڌو، گوداوري، ڪرشنا، نرمدا ۽ ڪاويري اِنهن ستن ندين جو جل ڀريل هو. گاگاڀٽ اُها سوني جي گهاگهر شواجي مهاراج جي مٿي تي رکي ۽ منتر پڙهڻ لڳو. گهاگهر جي سؤ سوراخن مان جل شواجيءَ مٿان ڇٽڪايو ويو. شواجي مهاراج پوءِ اُٺي بينو ۽ جيجاماتا جي پيرن تي پنهنجو



شواجي مهاراج جي راڄ تلڪ جو اُتسوَ

سيسُ نوايائين. جيجاماتا کيس پاڪر پاتو. سندس اَکين مان خوشيءَ جا ڳوڙها وهڻ لڳا. سندس ٽيهن سالن جي سڪيا پوري ٿي هئي. شواجيءَ جي جنم کان اَڳ جيڪا منشا جيجاماتا من ۾ سانڍي رکي هئي، سا اَڄ پوري ٿي هئي. هن جو سپنو ساڪار ٿيو هو. جيجاماتا جي خوشي ڳوڙهن رستي ٻاهر ظاهر ٿي هئي. شواجي بہ روئڻ هارڪو ٿيو هو. ڌنيہ هئي جيجاماتا صاحب! ڌنيہ هو شواجي مهاراج!

ماتا صاحب جي ملاقات ڪانپوءِ مقرر ٿيل سڀاڳي وقت تي شڀ مهورت تي شواجي مهاراج راڄگديءَ تي وينو. سندس پاسن کان مهاراڻي سويراٻائي ۽ راڄڪمار سمڀاجي راڄي ويٺا. اَشٽ پرڌان جا منتري بہ سندس ٻنهي پاسن کان اَچي بيٺا. ڳاڳاڀٽ سون ۽ موتين سان جهنجهيل ڇٽري شواجي مهاراج مٿان جهوليندي وڏي واقعي سان چيو، ”ڪتري ڪل جو شان مان اوچو رکندڙ، راڄگديءَ تي ويٺل شري شِو ڇترپتيءَ جي سدائين جئہ - وڃيہ رهي.“ سڀني جئہ - جئہ ڪار ڪئي. هرهڪ قلعي تان توبون ڇوڙيون ويئون. سڄي مهاراشٽر ۾ شواجيءَ جي جئہ - جئہ ڪار ٿي. اَهڙيءَ طرح عيسوي سنہ ۱۶۷۴ع ۾ شواجي مهاراج جو راڄ تلڪ ڌام ڌوم سان ٿي گذريو. اُن ڏينهن هڪ شڪ‘راڄ - تلڪ’ نالي سان شواجي مهاراج شروع ڪيو. اِنهيءَ جشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اَلڳ - اَلڳ ديشن جا وڪيل (راڄ دوت) بہ حاضر هئا. اَنگريزن آڪسينڊين نالي راڄدوت نظراني سان گڏ موڪليو هو. اِهو اُتسو ڏسڻ لاءِ پريان - پريان ديشن جا ماڻهو اَچي گڏ ٿيا هئا. ساري جڳہ ۾ شواجيءَ جي راڄتلڪ جي حقيقت ڦهلجي ويئي. شواجيءَ جو ناماچار هرهنڌ ڦهلجي ويو.

## اڀياس

سوال ۱. ڏنگين مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.

(الف) شواجي مهاراج راڄڌانيءَ لاءِ ........ قلعي جي چونڊ ڪئي.

(سينهنگڙهہ، رائگڙهہ جي، پنهالا جي)

(ب) شواجي مهاراج جو راڄ تلڪ عيسوي سنہ ......... ۾ ٿيو.

(۱۶۷۴ع، ۱۶۷۵ع، ۱۶۴۷ع)

سوال ۲. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب هڪ - هڪ جملي ۾ لکو.

(اَلف) سون جي نهيل ڳاڳهر ۾ ڪهڙين ندين جو پاڻي گڏ ڪيو ويو هو؟

(ب) شواجي مهاراج راڄ تلڪ کان وٺي ڪهڙو شڪ (سال) شروع ڪيو؟

سوال ۳. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ٻن - ٽن جملن ۾ لکو.

(اَلف) شواجي مهاراج راڄ تلڪ جو اِرادو ڇو ڪيو؟

(ب) شواجي مهاراج راڄڌانيءَ لاءِ رائگڙهہ جي چونڊ ڇو ڪئي؟

(ٿ) ماتا صاحب جي اَکين مان خوشيءَ جا ڳوڙها ڇو وهڻ لڳا؟

مشغولي

(اَلف) راڄ تلڪ مؤقعي تي شواجي مهاراج جيڪو نئون ناڻو شروع ڪيو، اُن بنسبت وڌيڪ ڄاڻ اُستادن / دادين جي مدد سان هٿ ڪيو.

(ب) اَلڳ - اَلڳ قسمن جون ٽپال ٽڪليون گڏ ڪيو. دوست / ساهيڙيءَ جي مدد سان اُنهن ٽڪلين جي نمائش پنهنجي ڪلاس ۾ رکو.

❋❋❋

# ١٦. دکن تي چڙهائي

**ڪاهه جو ويچار :** تاڃپوشي تي گذري. پر اِنهيءَ خوشيءَ گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪيو. تاڃپوشيءَ کان پوءِ ١٧ جون عيسوي سن ١٦٧٤ع ۾ ماتا صاحبا گذاري ويئي. شواجي مهاراج جو وڏو آڌار هليو ويو. سوراج ۾ پرجا جو آڌار شواجي مهاراج هو. پر شواجي مهاراج جو آڌار ماتا صاحب هئي. هوءُ هن جي جيون جي سچي مارگ درشڪ گرو هئي. ماتا جي ديهانت سبب شواجي مهاراج کي ڌاڍو ڌڪ ٿيو. پر ڌڪ کي وٺي وهڻ واجب نہ هو. هن کي سوراج جو گاڏو تہ هلائڻو ئي هو.

شواجي مهاراج ڪرناٽڪ تي چڙهائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هاڻي هن کي عادل شاهيءَ مان بلڪل ڊپ نہ هو. ڇو تہ عادل شاهي حاڪمن جو راڄ پوئين پساهن تي هو. پر مغل بادشاهہ اؤرنگزيب ڪڏهن بہ اَچي مرهٽن تي ڪڙڪندو. مغلن طرفان سنڪٽ جي سوراج مٿان اَچي تہ مرهٽن کي ڏکن ۾ ڪو مضبوط اَڏو ضرور هئڻ گهرجي. اَهڙو ويچار شواجي مهاراج جي من ۾ آيو. اِنهيءَ ڪارڻ هن دکن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ جو اِرادو ڪيو. اِنهيءَ ڪم لاءِ شواجي مهاراج گولڪنڊي جي قطب شاهي حاڪم کان مدد گهري. هن وڏيءَ خوشيءَ سان شواجي مهاراج کي مدد ڪرڻ قبوليو.

دکن تي چڙهائي ڪرڻ ۾ شواجي مهاراج جو ٻيو بہ مطلب هو. هن جو سؤٽ وينڪوجي راڄي دکن ۾ تنجاور جي جاگير سنڀاليندو هو. اُها جاگير شواجي مهاراج جي پٽا شهاجيءَ جي هئي. اُن جاگير مان ڪجهہ بہ حصو وينڪوجي راڄي شواجي مهاراج کي نہ ڏنو هو. نہ رڳو ايترو پر وينڪوجي راڄي کي سوراج لاءِ ڪا بہ عزت ڪونہ هئي. هوءُ شواجيءَ کان هميشه پري، پري ٿيو پڇندو هو. شواجي مهاراج جي اِها بہ مراد هئي تہ هن سان گڏجي سوراج لاءِ مدد وٺجي.

**گولڪنڊا جي ملاقات :** شواجي ڪرناٽڪ ڏانهن وڌيو. گولڪنڊي جي حاڪم اَبل حسن قتب شاهہ کيس گولڪنڊي اَچڻ لاءِ نوتو ڏنو هو. اُن ڪري شواجيءَ پهرين قطب شاهہ جي راڄڌانيءَ کي ملاقات ڏني. پوءِ ڏکڻ ڏانهن پرديش جيتڻ لاءِ هوءُ نڪتو. شواجي مهاراج پنهنجيءَ يوجنا موجب اَڳتي وڌندو رهيو.

گولڪنڊا قطب شاهہ جي راڄڌانيءَ جو شهر هو. راجا قطب شاهہ شواجي مهاراج جي سواگت لاءِ وڏي پئماني تي تياري ڪئي هئي. ملاقات لاءِ هن خاص تنبوءُ تيار ڪرايو هو. شواجي مهاراج جو درشن ڪرڻ لاءِ ماڻهو رستي جي ٻنهي پاسي بيٺا هئا. ماڻهو گهڻي تعداد ۾ اَچي ٿيا هئا. شواجي مهاراج جي پراڪرم جون ڳالهيون ديش جي چؤطرف ڦهلجي چڪيون هيون. اَفضل خان جو خاتمو، شائستہ خان جي شرمساري، شواجي مهاراج جو آگري جي قيد مان ڇٽي اَچڻ وغيره ساراهہ جوڳيون ڳالهيون ساري ديش ۾ پکڙجي ويون هيون. اُن سبب اُتي شواجي مهاراج جو تمام عمدو بهترين سواگت ٿيو. هرهڪ گهرجائو ماڻهو شواجي مهاراج تي گلن جي ورکا ڪرڻ لڳا. ماڻهن جو سواگت قبول ڪندي شواجي مهاراج قطب شاهہ جي درٻار ۾ اَچي پهتو. هوءُ قطب شاهہ جي سامهون آيو. هُن خاص تيار ٿيل هڪ جهڙي سنگهاسن تي شواجي مهاراج کي مان - سنمان سان وهاريو. قطب شاهہ حاڪم



شواجي راجا جي گولڪنڊا کي ڏنل اتهاسڪ مُلاقات

شواجي مهاراج جي سواگت ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي. شواجي مهاراج آدر ستڪار ماڻي پوءِ ڪرناٽڪ ڏانهن چڙهائيءَ لاءِ وڌيو.

**جنجي جيتڻ :** شواجي مهاراج اوپر ڪناري تي اَچي پهتو. چنئيءَ جي ڏکڻ ۾ جنجيءَ جو قعلو آهي. هيءُ قلعو رائيگڙه وانگر ڪشادو ۽ مضبوط هو. اُن قلعي کي گهيرو ڪري آخر شواجي مهاراج اُهو قلعو جيتيو. اَهڙيءَ طرح ڏکڻ ۾ سوراج لاءِ هڪ مضبوط قلعو ۽ اَڏو تيار ٿي ويو. اُن ڪان پوءِ شواجي مهاراج ويلور جي قلعي کي گهيرو ڪيو. ڪيترا ئي مهنا اِهو گهيرو هليو. پر اِهو قلعو ضابطي ۾ نہ پيو اَچي. تنهنڪري شواجي مهاراج ويلورجي پاسي وارن جبلن تي وجي اِنهيءَ قلعي ڏانهن توبون ڇوڙايون. آخر اِهو قلعو فتح ڪيو ويو. شواجي مهاراج ڪرناٽڪ جي آس پاس وارا پرديش بہ جيتيا. اِنهن جيتيل پرديشن مان شواجي مهاراج کي ويهہ لکہ ساليانی اُپت ٿيندي هئي.

**وينڪوجي راجا سان ملاقات :** شواجي مهاراج پنهنجي سؤٽ وينڪوجي راجي کي ساڻس اَچي گڏجڻ لاءِ گهرايو. هوُ شواجي مهاراج سان گڏجڻ نہ پيو چاهي. پر نہ چاهيندي بہ هوُ آيو. شواجي مهاراج هن جو جوڳو ستڪار ڪيو. شواجي مهاراج کيس سمجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ هوُ سوراج کي وڌائڻ ۾ سهڪار ڪري. وينڪوجي ڪجهہ ڏينهن شواجي



شواجي راجا ۽ وينڪوجي راجي جي مُلاقات

مهاراج وٽ رهيو. پر هڪ رات، شواجي مهاراج کي بنا ٻڌائڻ جي هوُ تنجاور ڏانهن نڪري آيو. اُتان هوُ مورڳو شواجي مهاراج جي فوَج تي هلان ڪرڻ آيو. شواجي مهاراج جي فوَجي سپاهين هن جي سپاهين سان پورو مقابلو ڪيو. وينڪوجي راجي جي هار ٿي. پنهنجي سڳي سوَٽ جي هن ورتاءُ تي شواجي مهاراج کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هُن وينڪوجي راجي کي وري به سمجهائڻ لاءِ خط لکيا. جنجيءَ جي ڏکڻ پاسي آيل ڪجهه پرديش وينڪوجي راجي کي ڏيئي ڇڏيائين. هن جي زال ديپاٻائيءَ کي ڪپڙن ۽ زيورن جي خرچ بلي ڪرناٽڪ جو ٿورو حصو ڏنائين. شواجي مهاراج وينڪوجي راجي کي خط ۾ لکيو، ”ڏارين تي اَعتبار نه ڪرڻ گهرجي. پنهنجي ٻهاردي ڪجي.“

ڪرناٽڪ تي وجيہ پائي، شواجي مهاراج رائيگڙهه موٽي آيو. هن حملي سبب جيڪا ڪيس جاڪوڙ ڪرڻي پيئي، سا هوُ سهي نه سگهيو. اُن تڪليف جي سمي ئي شواجي مهاراج کي جنجيرا جي شيڌيءَ خلاف آرماڙ سان چڙهائي ڪرڻي پيئي. ٽيهه - پنجٽيهه سال لڳاتار شواجي مهاراج ڪشالو ڪڍيو هو.

اُن وقت شواجي مهاراج جي عمر پنجاهه ورهين جي هئي. پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ شواجي مهاراج ڪيتريون وڏيون ڳالهيون ڪيون. زبردست دشمنن کي هُن نيچو نوايو. شواجي مهاراج هندوي سوراج جي اِستاپنا ڪئي. سڄي ڀارت ۾ شواجي مهاراج سان ڪوبه برابري نه ڪري سگهيو. شواجي مهاراج وڏو راشٽرپُرش ٿي گذريو.

**رعيت جو والي، ٿيو روانو :** تاريخ ٣ اَپريل عيسوي سنه ١٦٨٠ع ۾ منجهند جو ٻارهين بجي سپني کي دکہ جي ساگر ۾ وجهي شواجي مهاراج هن فاني جڳہ کان موڪلائي هميشه لاءِ سرڳڏام هليو ويو. رعيت جو رَکِپال روانو ٿي ويو. هوُ هڪ يگہ پرش راشٽرپُرش ٿي گذريو.

**سوال ١. ڏنگين مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو .**

(الف) وينڪوجي راجي ڏکڻ ۾ ................ جاگير سنڀاليندو هو.
(ويلوُر جي، تنجاورجي، بئنگلور جي)

(ب) قطب شاھ جي ......... راڄڌاني هئي.
(دهلي، جنجي، گولڪنڊا)

**سوال ٢. هرهڪ سوال جو جواب هڪ - هڪ جملي ۾ لکو.**

(اَلف) شواجي مهاراج ۽ وينڪوجي راجي جي ملاقات جي پٺيان شواجي مهاراج جو ڪهڙو مقصد هو؟

(ب) شواجي مهاراج، وينڪوجي راجي کي ڪهڙي ڳالھ سمجهائي؟

(ت) شواجي مهاراج، وينڪوجي راجي کي خط ۾ ڇا لکيو؟

**سوال ٣. سبب لکو.**

(اَلف) شواجي مهاراج دکن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ چاهيو.

(ب) شواجي مهاراج، وينڪوجي راجي کي سمجهاڻي ڀريل خط لکيو.

**مشغولي**

شواجي مهاراج ۽ وينڪوجي راجي جي ملاقات کي گفتگوءَ جي روپ ۾ هڪ ننڍڙو ناٽڪ ڪيو.

❋❋❋



شواجي مهاراج جي سماڌي - رائگڙھ

# ١٧. قلعن ۽ آرماڙ جو بندوبست

شواجي مهاراج انيڪ دشمنن کي هارائي سؤراج استاپن ڪيو هو. پڻ هجي يا راڄ ڪاروبار، شواجي مهاراج جو بندوبستي هنر هرهنڌ نظر اچي ٿو. هن باب ۾ اسين شواجي مهاراج جي بندوبست جي هنر بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

- بندوبست جو هنر معنيٰ ڇا؟

بندوبست هنر مطلب مقرر مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ ۾ ڪنيل ڪم مُناسب طريقي ڪرڻ.

شواجيءَ مهاراج جو بندوبست جو هنر جيئن سندن ڪيل لڙاين مان ڏسجي ٿو، تيئن سندن راڄ ڪاروبار ۾ به ڏسجي ٿو. انجا ڪُجهه مثال هيٺئين ريت آهن.

## قلعا ٺاهڻ

ڳڙهن - قلعن وسيلي شواجي مهاراج سؤراج جي رکيا ڪئي. سڄي راڄ جو تت قلعا آهن انهن لفظن ۾ آگيا پتر اُن شواجي ڪال جي گرنٿ ۾ قلعن جي اهميت پڌايل آهي. شواجي جوانيءَ ۾ سهياڍريءَ جي جبلن ۾ گهميو هو. جُدا جُدا جڳهين تي اڏيل قلعا هُن ويجهو ڏٺا هئا. سؤراج جي رکيا لاءِ قلعن جي اهميت جي کين ڄاڻ هُئي.

شواجي مهاراج بيلائي قلعا، جابلو قلعا ۽ ساموندي قلعا انهن ٽنهي قسمن جا قلعا اڏايا. ساموندي قلعن ’جنجيرا‘ به چئجي ٿو.

هن هروجي اِندُلڪر ۽ ارجو جي يادو انهن ماهرن ڪان راجڳڙهه، پرتاب ڳڙهه، سنڌوُ درگ وغيره نوان قلعا اڏايا. ان ڪانسواءِ راجڳڙهه قلعي کي نئين طريقي اڏايو ۽ وجيه درگ، تورڻا رانگڻا وغيره جهونن قلعن جي مرمت ڪرائي.

شواجي مهاراج وٽ اندازن ٣٠٠ قلعا هئا.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

- شواجي مهاراج جي نندي پٽ ڇترپتي راجا رام جي آگيا سان رامچندر پنت اماتيه ’آگياپتر‘ لکيو ائين مڃيو ويندو آهي. ان ڪتاب ۾ شو ڇترپتيءَ جي راجنيتيءَ کي چٽيءَ طرح ظاهر ڪيل آهي.



**ڪري ڏسو.**

- ڏياريءَ جي موڪلن ۾ دوستن سان گڏجي ڪنهن قلعي جو نمونو ٺاهيو.
  - قلعو ٺاهڻ لاءِ گهربل سامان جي ياداشت ٺاهيو.
  - قلعي لاءِ جڳهه چونڊيو.
  - قلعي تي گهرن ۽ پاڻيءَ جو بندوبست ڪيئن هُجي انجو نقشو تيار ڪريو.



**پڌايو ڏسان**

- توهانجي پسگردائيءَ ۾ هوندڙ قلعن غفائن جا نالا پڌايو.
- انهن قلعن تي ڇا ڇا آهي؟
- قلعي جو قسم ڪهڙو آهي؟



قلعو اڏڻ

## قلعن جو بندوبست

قلعن جي بچاءُ لاءِ مهاراج خاص بندوبست ڪيو هو.

هرهڪ قلعي تي قلعدار، سبنيس، ڪارخانيس اهي عملدار مقرر ٿيل هئا.

قلعدار جي نظرداريءَ ۾ سبنيس ۽ ڪارخانيس ڪم ڪندا هُئا.

انهن عملدارن جا ڪم هيٺيئن ريت هُئا.

### قلعدار (حوالدار)

- قلعي جي حفاظت ۽ ڪاروبار ڏسڻ.
- سبنيس، ڪارخانيس کي آگيا ڏيڻ.
- سرڪاري خط، حڪمن جو پالن ڪرڻ

### سبنيس

- قلعي تي خرچ - اُپت جو حساب رکڻ.
- قلعي تي ۽ قلعي جي آس پاس پرجا کان ڍل اُڳاڙڻ.
- ٽپالي ڪم سنڀالڻ

### ڪارخانيس

- قلعي تي رهندڙ ماڻهن لاءِ اناج ۽ ٻيون شيون ميسر ڪرڻ.
- لڙائيءَ وقت توبن ۽ بند ڪن لاءِ گهربل بارود انتظام ڪرڻ.
- قلعي ۽ انجي عمارتن جي سنڀال ۽ مرمت ڪرائڻ.

## توبون - بارود

شواجيءَ جي وقت ۾ دشمن کان قلعن جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ ننڍين وڏين توبن جو استعمال ٿيندو هو. اهي توبون قلعن جي پٽين ۽ گنبذن تي رکيل هونديون هيون. پرندر، پيم ڳڙهه جهڙن ڪُجهه قلعن تي توبون ٺاهڻ جا به ڪارخانا هئا. لوهه، پتل، ٽامي وغيره ڌاتن مان توبون ٺاهيون وينديون هيون. چؤماسي ۾ توبن تي جنگ نه لڳي، ان لاءِ انهن تي ميڻ جو ليپ لڳايو ويندو هو. دشمن تي حملي لاءِ توبن ۾ لوهي، پٿرائين ۽ بمن جا (جن ۾ ڪانچ جون گوليون هونديون هون) گولا واپرائبا هئا. گولا اُڇلائڻ لاءِ ڪوئلي، شيهي ۽ سرب نالي خاص مٽيءَ مان ٺهيل بارود واپرايو ويندو هو.

### ڳالهه ٻولهه ڪريو

- قلعن تي توبن تي جنگ نه لڳي ان لاءِ انهن تي ميڻ جو ليپ لڳايو ويندو هو.

### ٻڌايو ڏسان

- شواجي مهاراج جي آرماڙ جي جهازن جا قسم ٻڌايو.
مثال - گُراب، گلبت، پال، مڇوا، ٻيڙي، ڪشتي.
- آزاد پارت جي آرماڙ جي جهازن جا نالا ٻڌايو.

## آرماڙ

آرماڙ مطلب جنگي جهاز. انگريز، پورچوگيز، شيدي، ڊچ انهن وٽ مضبوط آرماڙي جٿا هئا. انهن مان ڪي ساموُنڊي ڪناري تي وسيل ڳوٺن ۾ لُٽ



آرماڙي تي نظرداري ڪندي شواجي مهاراج

قرڪندا هئا اُتان جي ماڻهن کي ستائيندا هئا. شواجيءَ انهن سامونڊي دشمن کي نڪاڻي تي لڳائڻ لاءِ الڳ آرماڙ ڪڙي ڪئي.

شواجي مهاراج ننڍا وڏا جهاز ۽ ٻيڙيون ناهڻ جا ڪارخانا کڙا ڪيا. جهونا سامونڊي قلعا ڪٽي ورتا. سِوَرڻ درگ، وجيه درگ، وغيره آبي قلعا درست ڪرايا.

شواجي مهاراج مالوڻ ويجهو ڪُرتي ٻيٽ تي سندوُ درگ نالي نئون سامونڊي قلعو اڏايو. ان ڪانسواءِ ممبئيءَ ويجهو کانديري قلعو به اڏايو.

سؤراج جي آرماڙ ۾ مُهاڻا، ڀنڊاري، آگري وغيره الڳ الڳ خلاصي جاتي - ڌرم جا سئنڪ هئا. دؤلت خان، مائناڪ ڀنڊاري، لاءِ پاٽيل، دريا سارنگ، تڪوجي آنگري جهڙا ناميارا آرماڙي سئنڪ سامهون آيا.

مرهٽن جي آرماڙ جو انگريز، پورچوگيز، شيدي ۽ ڊچ جهڙن سامونڊي دشمن ۾ دٻ پيدا ٿيڻ لڳو. ان سبب انهن دشمن جي پريشاني گهٽ ٿي، شواجي آرماڙ جي زور تي پنهنجون سامونڊي حدوُن طيءِ ڪري ڪناري واري پاڻُن تي پنهنجو راڄ قائم ڪيو. پنهنجو سامونڊي ڪنارو محفوُظ ڪيو. وچولي زماني ۾ شواجي مهاراج جي اسٿاپن ڪيل اها پهرين آرماڙ هئي. انڪري شواجيءَ کي ڀارتي آرماڙ جو جنڪ، چئي هنجو مناسب گؤرو ڪيو ويندو آهي.

**شواجيءَ جو جاسوُسي کاتو:** شواجيءَ جي لشڪر ۾ جاسوسي کاتو هو، بَهرجي نائڪ ان کاتي جو پرمک هو. مهاراج جي سوُرت چڙهائيءَ جهڙا حملا ڪامياب ٿيڻ ۾، هُنجي آندل تز ڄاڻ مددگار ثابت ٿي. شواجيءَ جا جاسوس دشمن جي ايراضيءَ ۾ وڃي تفصيلوار ڄاڻ هٿ ڪري ايندا هئا. ڪوبه حملو ڪرڻ کان اڳ شواجي جاسوسن کان ڄاڻ ڪيڏائي پوءِ ئي حملو ڪندو هو.

**گوريلا تڪنيڪ:** شواجي مهاراج جي يڌ نيتيءَ ۾ گوريلا لڙائيءَ جي تڪنيڪ کي خاص اهميت هئي. گوريلا لڙائيءَ ۾ پنهنجي سهوليت واري هنڌ ۽ مناسب وقت تي دشمن تي اچانڪ حملو ڪري، دشمن جي سنڀلڻ تائين پنهنجو لشڪر محفوظ هنڌ پهچي ويندو آهي. ان تڪنيڪ ۾ مهاراج کي سهيادري جابلو قطارن جي گهاٽن جهنگلن، پهاڙي قلعن ۽ پرجا جي مدد ملي.



**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

- شواجيءَ جو لشڪر انتظام وارو هو. سندن سئنڪ استرين جو آدر ڪندا هئا. ان ڪري ’استرين جو بچاءُ ڪندڙ‘ اهڙي شواجيءَ جو نالو هرهنڌ پکڙجي ويو. شواجيءَ جي سئنڪن کي سخت هدايت هئي ته هوُ داروُ نه پين، رعيت کي تنگ نه ڪن ۽ کين نه لوٽن.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

- شواجيءَ جا ڪجهه سهڪاري - ڪانهوجي جيڌي، ويرباجي پاسلڪر، فرنگوجي نرساڙا، پرتاپ راو گُجر، سِدوجي نِمبالڪر ۽ سيدي حلال.

**١. ٻڌايو ڏسان.**

(الف) قلعن جي اهميت ٻڌائيندڙ ڳرنٿ ..........................

(ب) ساموندي قلعن جو ٻيو نالو ..................

**٢. توهانکي ڇا ٿو لڳي؟**

(الف) شواجي مهاراج جو 'پارتيہ آرماڙ جو جنڪ' ڪري ڳؤرو ڪيو ويندو آهي.

(ب) شواجي مهاراج جو بندوبست ڪهڙن ڪيترن ۾ نظر اچي ٿو؟

**٣. قلعي جي هينين عملدارن جا ٻہ ٻہ ڪم لکو.**

(الف) قلعدار ١. ................ ٢.................

(ب) سبنيس - ١. ................ ٢.................

(پ) ڪارخانيس ١. ................ ٢.................

**٤. مهاراشٽر جي نقشي ۾ هينيان هنڌ ڏيکاريو.**

(الف) سنڌو درگ قلعو (ب) وجيہ درگ

(ب) ممبئي (پ) پرتاب ڳڙهہ.

**٥. ڇترپتي شواجي مهاراج جي بندوبست جي هنر جي ڪهڙي ڳالھہ توهانکي وڌ ۾ وڌ وڻي؟ انجو توهان روزاني زندگيءَ ۾ ڪيئن استعمال ڪري سگهندا؟**

مشغوُلي:

(الف) 'شواجي مهاراج سان مُلاقات' اهو ملاقاتي ناٽڪ ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

(ب) پارتي آبي جٿي جي جنگي جهازن جي چاڻ هٿ ڪريو.

(پ) جُدا جُدا قسمن جي قلعن جو دؤرو ڪريو ۽ قلعن جي الڳہ الڳہ ڀاڱن جي نالن جي چاڻ وٺو.

# ١٨. لوڪ ڪلياڻڪاري سوراج جو بندوبست



**پڙهيو ڄاڻان!**

- شواجي مهاراج ڪهڙين ڪهڙين حڪومتن سان لڙائي ڪئي؟

شواجيءَ عادل شاهي، مغل، پورچوگيز ۽ ڄنجيرا جي شيدي انهن انيائي. حڪومتن سان گهڻي وقت تائين لڙائي ڪئي. جنهن سبب آزاد هندوي سوراج جو نرماڻ ٿيو.

راڄ ڪاروبار جو ڪم صحيح نموني هلي ان لاءِ شواجي انکي اٺن ڪاتن ۾ ورهايو، انکي شواجيءَ جو اشٽ پرڌان منڊل چئجي ٿو. هرهڪ ڪاتي جو هڪ پرمک مقرر ڪيو. ان مان مهاراج جو اشٽ پرڌان منڊل ٺهيو. اشٽ پرڌان منڊل ذريعي هلندڙ شواجيءَ جو سؤراج صحيح معنيٰ ۾ لوڪ جي ڪلياڻ وارو راڄ هو. انهن اٺن مکيه عملدارن ۾ ٻين اهميت وارن عملدارن جي مقرري، سندن قابليت ڏسي مهاراج پاڻ ڪندا هئا. سندن ڪم ڪار تي مهاراج جي نظر هوندي هئي.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

لوڪ ڪلياڻڪاري راڄ ۾ ماڻهن جون بنيادي گهرجون اٽو، لٽو ۽ اجهو پوريون ٿينديون آهن. استرين جي عزت ٿيندي آهي. عام جنتا، ڪڙمين سان ڌوڪو نہ ٿيندو آهي. ڪنهن تي بہ انياءُ نہ ٿيندو آهي. جنتا کي جلد نياءُ ملندو آهي. ڪيتي ۽ ڌنڌن جو واڌارو ٿيندو آهي. لوڪ ڪلائن کي هٿي ملندي آهي. رعيت سُکي هوندي آهي.

شو ڇترپتيءَ جي اسٿاپت ڪيل سؤراج ۾ پرجا سُک سان رهڻ لڳي، انکري مهاراشٽر جي لوڪن ۾ آتم وشواس، سواڀمان ۽ ديش پريم جي ڀاونا پيدا ٿي.

## اشٽ پرڌان منڊل

| | پرڌان (پرمک) جو نالو | پد | ڪم |
|---|---|---|---|
| ١. | مورو ترنبڪ پنگلي | پرڌان | راڄ ڪاروبار هلائڻ |
| ٢. | رامچندر نيلڪنٺ مُجمدار | اماتيہ | راڄ جو اُپت ۽ خرچ ڏسڻ |
| ٣. | هنبيرراو موهتي | سيناپتي | سينا جو پرمک |
| ٤. | موريشور پنڊتراو | پنڊت راو | ڌرمي ڳالهيون ڏسڻ |
| ٥. | نراجي رواجي | نياءِڌيش | نياءُ ڪرڻ |
| ٦. | اڻاجي دتو | سچيو | سرڪاري آديش ڪيڙڻ |
| ٧. | دَتاجي ترنبڪ واڪنيس | منتري | لکپڙهہ ڏسڻ |
| ٨. | رامچندر ترنبڪ ڊبير | سُمنت | ٻين راڄين سان وهنوار ڏسڻ. |



**شواجي مهاراج ڪڙمين کي ٻيل ۽ ٻيو ضروري سامان ڏيندي.**

**ڪري ڏسو:**

- درسي ڪتاب جو 'آگياپتر ۾ پرياورڻ جو بچاءُ' اهو صفحو وڏن اکرن ۾ لکي انجو چارٽ ٺاهيو. انکي ڪلاس ۾ بلند آواز ۾ پڙهو.

## پرياورڻ جو بچاءُ:

الڳ الڳ ياڱن ۾ قدرتي طؤر نهيل زمين، هوا، برسات، نديون، سمنڊ، وهڪرا، جهنگل، ننڍا وڏا ساهوارا، پکي، سج جي روشني، چانڊوڪي روشني وغيره جزن سبب انسان جي چوگرد جيڪو ماحول تيار ٿيندو آهي انکي 'قدرتي پرياورڻ (پسگردائي) چئجي ٿو. ان پرياورڻ مناسب انداز ۾ استعمال ڪرڻ انسان لاءِ فائديمند آهي.

پرياورڻ جي الڳ الڳ جزن جو ناس نہ ٿئي، انجو خيال شواجي مهاراج رکيو هو.

راڄ جي جهنگلن کي ماڻهو ختم ڪن ان ڏانهن شواجي مهاراج خاص ڌيان ڏنو. آرماڙ لاءِ ننڍيون وڏيون ٻيڙيون، جهاز، وَنجهہ (چَپا)، ڏنڊا وغيره تيار ڪرڻا پوندا هئا. ان لاءِ لڪڙي کپندي هئي. ان لاءِ فقط ساڳوان جا وڻ توڙيا وڃن. وڏيڪ ساڳوان گهرجي تہ ٻين راڄين مان گهرايو وڃي. پر ڪنهن بہ حالت ۾ انب، ڪٿهڙي، جا وڻ نہ توڙيا وڃن. اهي وڻ سال - ٻن ۾ نہ وڌندا آهن. پرجا اهي وڻ پنهنجن ٻارن وانگر وڏا ڪيا آهن. اهي توڙي پرجا کي ڏک نہ ڏيو. ڪو وڻ چڱو جهونو هجي تہ اُنجي مالڪ کي روڪ ڏيئي



پرياورڻ جو بچاءُ

پوءِ ئي اهو ٽوڙيو وڃي. اهڙا ڪيترائي حڪم شواجي مهاراج ڏنا هئا، ائين آڳياپتر مان خبر پوي ٿي.

**هميشه ياد رکو**

پرياورڻ بچاءَ جي اهميت ٻڌائڻ لاءِ پرياورڻ جو نقصان روڪڻ لاءِ هرسال ۵ جون جو ڏينهن 'دنيا جو پرياورڻ ڏينهن' ڪري ملهايو ويندو آهي.

## پاڻيءَ جو بندوبست

شواجي مهاراج سوراڄ جي ڳوٺن ۾ ننڍا وڏا بند ٻڌائي ماڻهن کي پاڻي ميسر ڪري ڏنو. انهن بندن مان واهه کوٽائي کيتيءَ لاءِ به پاڻي ميسر ڪرايو.

ان سان سوراڄ جي اُپت وڌي. سوراڄ ۾ جنتا کي ڪڏهن به ڏڪار جي گهٽي تڪليف نه ٿي. شواجيءَ جي وقت ۾ قلعن تي پرجا بستي ڪري رهندي هئي. اُتي پاڻيءَ جو بندوبست ڪرڻ ڏانهن مهاراج جو ڌيان هوندو هو. قلعو اڏڻ کان اڳ اُتي جهجهو پاڻي آهي ڇا اهو ڏٺو ويندو هو. ڪنهن هنڌ پاڻي نه هوندو هو ته برسات کان اڳ تلاوَ ٽانڪيون ٺهرائي برسات جو پاڻي سانڍيو ويندو هو.

اهو سانڍيل پاڻي سنڀالي واپرائبو هو. ان پاڻيءَ جي بندوبست سبب قلعي جي ماڻهن کي ڏڪار ۾ به پاڻيءَ جي ڪمي نه ٿيندي هئي.



شواجي مهاراج کوهه کوٽائي ڪيتي ۽ پيئڻ جو پاڻي ميسر ڪري ڏنو.

**پڙايو ڏسان!**

- پاڻيءَ کي ڪفايت سان ڇو واپرائڻ گهرجي؟
- توهانجي شهر/ پسگردائيءَ ۾ ڪهڙا بنڌ/ تلاو آهن؟
- آبي بندوبست مطلب ڇا؟
- آبي بندوبست لاءِ سرڪار جوُن ڪهڙيون يوجنائون آهن؟

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

- اسانجي راڄيه کي دائمي طوُر ڏڪار کان آزاد ڪرائڻ لاءِ سرڪار ’جل يُڪت شِوار‘ يوجنا شروع ڪئي آهي.

## ڏڪار دور ڪرڻ

ڏڪار جي وقت ۾ شواجي مهاراج ڪڙمين کي سهوليتوُن ڏيندو هو. جنتا جي ڍل معاف ڪندو هو. ان سبب ڏڪار جي تڪليف گهٽ محسوس ٿيندي هئي.

ڪنهن سال ڏڪار ٿيڻ تي شواجي مهاراج سرڪاري گدامن ۾ سانڍيل اناج رعيت کي مفت ورهائي ڇڏيندا هئا. هوُ ان سال الڳ الڳ قلعن تي مرمت جو ڪم ڪرائيندا هئا. ان سان ڳڏ بندن، واهن جو ڪم ڪرائيندا هئا. انهن ڪمن ڪري ڪڙمين سان ڳڏ ٻين مزورن کي به روزگار ملندو هو. روزگار ملڻ سبب سؤراج جي جنتا کي ڏڪار جي گهڻي تڪليف نه ٿيندي هئي.

ڪڙمي سکي ٿيڻ سبب ڪالهه تائين جنجي پيرن ۾ چمپل نه هئي، تن چمپل ورتي، نوان ڪپڙا نه هئا، تن ڪپڙا ورتا. ان سبب ڪورين کي ڪم مليا. ٻي گهر ماڻهن، گهر ٺهرايا. ان رازن، واڍن، لوهارن ۽

ڪُنيرن ڪي ڪم مليا. اهڙيءَ ريت سؤراج ۾ ڪڙمين سان گڏ ٻيا مزور بہ سُکي ۽ پريا پاڳيا ٿيا.



**ٻڌايو ڏسان**

- توهانجي ڳوٺ/ شهر جي بازار جو نالو ٻڌايو.
- بازار تي اهو نالو ڪيئن پيو، انجي ڄاڻ ٻڌايو.

## سامونڊي واپار ۽ ٻيا واپاري مرڪز

سوراج جي حفاظت برابر ٿئي ان لاءِ سؤراج سان لاڳيتي سمنڊ تي پنهنجي حڪومت هئڻ گهرجي ان مقصد سان شواجيءَ الڳہ آرماڙ ڪڙي ڪئي. ان سان گڏ هن مال ڍوئڻ لاءِ خاص جهاز بہ ٺهرايا. راڄاپور جهڙا واپاري بندر وسايا. رائگڙهہ ڪي خاص واپاري مرڪز بڻايو. پڻي ويجهو ڪيڙ شواپور ۾ نيون بازارون ٺهرايون. وڏن ڳوٺن ۽ رستن ويجهو ڳوٺن ۾ بازارون شروع ڪرايون. ويرماتا جيجابائيءَ جي حڪم موجب پڻي ويجهو. پاشاڻ ۾ هڪ نئين بازار شروع ڪئي ويئي جيڪا 'جيجاپور' نالي ڄاتي ويندي هئي.

سؤراج ۾ واپار وڌي ان لاءِ شواجي مهاراج ٻاهران ايندڙ شين تي وڌيڪ ڍل لڳائي پورچوگيز ايراضيءَ مان ايندڙ لوڻ تي هن وڌيڪ ڍل مڙهي. جنهن سبب ان لوڻ جي قيمت وڌي ويئي. انجي ابتڙ سؤراج ۾ تيار ٿيندڙ لوڻ تي ڍل گهٽ ڪئي. ان سان ماڻهن ڪي سؤراج جو لوڻ سستو ملڻ لڳو ۽ ان لوڻ جو واپار وڌيو. جنهن سان مڪاني واپار وڌيو.

سوراج ۾ واپار - ڌنڌن جي واڌ ٿيڻ لاءِ شواجي مهاراج ڪوشش ڪندا هئا. ساڳئي وقت واپاري ماڻهن کي نہ ٺڳين ان ڌانهن بہ هو ڌيان ڏيندا هئا. ڪونڪڻ ۾ ناريل، سوپاريءَ جي واپار ۾ ماڻهن کي ڦاسايو وڃي ٿو اهو ڏسي شواجي مهاراج اُتان جي صوبيدار کي تاڪيد ڪئي هئي.

## استرين جو سنمان

لڙائيءَ ۾ دشمن پاسي جي استرين ۽ ٻارن کي ڪنهن بہ قسم جي چوٽ نہ رسي الٽو تن سان عزت ڀريو وهنوار ڪرڻ جو حڪم مهاراج ڏنو هو. ڪُن ڀاڻ ڪيترن موقعن تي پنهنجي وهنوار مان اهو ڏيکاريو تہ استرين کي ڪيئن عزت ڏجي.

ڪرناٽڪ جي بيليوازيءَ جو قلعو جيتڻ لاءِ مرهٽي سئنا ويئي هو. اهو قلعو بچائڻ لاءِ مَلَها ديسائيءَ نالي وير استريءَ چڱو سنگهرش ڪيو. هنجي بهادريءَ جي ڳالهہ مهاراج تائين پهتي. مهاراج هنکي پنهنجي نندي پيڻ مڃي قلعو ۽ راڄ واپس ڪيو ۽ هُنکي 'ساوتري' لقب ڏنو.

## صفائيءَ بابت خيال

گهر ۽ عام جڳهين ۾ وڏ صاف ڪيئن رکي سگهبيون، ان بابت بہ شواجيءَ اُپاءَ ورتا هئا. گهرجي چوڏاري سَنيل جي وڻ جو لوڙهو ڏيئي گهرن ۾ ڪوئا، وڃون، جيت جڻيا نہ اچن انجي خبرداري وٺو. گهر ۾ ڏونئون ڪري نقصانڪار سوڪيم ساهوارا ناس ڪريو، اهڙيون هدايتون شواجي مهاراج ڏنيون هيوُن.



بيليواڙيءَ جي ملما ديسائيءَ جو سنمان ڪندي شواجي مهاراج

قلعي جي بازار ۾، رستن تي ڪچرو نہ رهي، اهڙيون هدايتون ڏنل هيون. ان ڪانپوءِ بہ جيڪڏهن ڪچرو ڏسڻ اچي تہ اهو قلعي هيٺان نہ ڦٽي ڪري اُتي ئي ساڙجي ۽ اُنجي رک پاڻ طوڙ ڪم آڻجي اهڙيون هدايتون بہ ڏسجن ٿيون.

شواجي مهاراج، قلعن جي اڏاوت، توبون، بارود، آرماڙ، پرياورڻ جو بچاءُ، آبي، بندوبست، ساموندي واپار ۽ بازارون، صفائيءَ بابت خبرداري وغيره بابت جيڪو بندوبست ڪيو هو اهو اڄ بہ راهہ ڏيکاريندڙ آهي.

## هندوي سوَراج

هندوي سوَراج شواجي مهاراج جو سپنو هو. هندوي يعني هندستان ۾ رهندڙ، پوءِ اهي ڪنهن بہ ڌرم يا جاتيءَ جا هجن. سندن راڄ معنيٰ هندوي سوَراج.

## اُدار ڌرمي نيتي

شواجي مهاراج جي ڌرمي نيتي اُدار هئي. چڙهاين وقت شواجي مهاراج مسجدن کي نقصان نہ پهچايو. قران شريف جو ڪتاب ملڻ تي اهو عزت سان ڪنهن مسلمان کي ڏيندا هئا. ڪو ماڻهو فقط مسلمان

آهي انکري ان سان وير نہ رکندا هئا. کنهن ڌرم بدلايو پر هوُ پنهنجي ڌرم ۾ واپس اچڻ چاهيندو هو تہ اُنکي پري نہ کندا هئا. بجاجي نائڪ نمبالکر شواجي مهاراج جو سالو هو، اُهو بيجاپور جي عادل شاهہ وٽ نوڪري کندو هو، عادل شاهہ هُنکي پنهنجي ڌرم ۾ کنيو. بجاجي بيجاپور ۾ رهڻ لڳو. هُنکي کا کمي نہ هئي پر ڌرم بدلجڻ جي ڳالهہ من ۾ چُڀندي هئس. هُن پنهنجي ڌرم ۾ واپس اچڻ جو فيصلو کيو ۽ شواجيءَ هُنکي خود جي ڌرم ۾ کنيو. نيتوجي پالکرجي بہ ساڳي ڳالهہ آهي. نيتو جي پالکر ڌرم بدلايو، پر هُنکي بہ خود جي ڌرم ۾ اچڻ جي اجا تي ۽ شواجي ۽ هُنکي پنهنجي ڌرم ۾ کنيو.

### چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

شواجي مهاراج ساڌوُ - سنتن کي ڏاڍي عزت ڏيندا هئا. کين مندر پريہ هئا. انهن مسجدن جي بہ رکيا کئي. کين ڀڳوت گيتا پوڄنيہ هئي ۽ هن قران شريف جو بہ مان رکيو. عيسائي ڌرم جي چرچن کي بہ هوُمحفوظ رکندا هئا. پرمانند، ڳاڳايت، ڏُنڊيراڄ، پوشڻ وغيره ودوانن جو هن ستکار کيو. ساڳئي وقت سنت تکارام، سمرٿ رامداس، بابا ياقوت، موئني بابا جو بہ هن سنمان کيو.



شواجيءَ کي ياد کريو.

**شواجيءَ کي ياد ڪريو:** اوندهه مان پنهنجي وات ڪيڻ، مصيبتن ڪان نه ڊري انهن تي مات ڪري اڳتي وڌڻ، طاقتور دشمن سان پنهنجي ننڍڙي سئنا وسيلي مقابلو ڪري پنهنجو پل وڌائڻ، ساٿين کي اتساهه ڏياري ۽ دشمن کي ساندهه گوهي ڏيئي ڪاميابي حاصل ڪرڻ اهي سڀ گڻ شواجي مهاراج ۾ هئا. آدرشي پيت، سُڄاڳ نيتا، هوشيار سنگهڻ ناهيندڙ، لوڪ ڪلياڻڪاري ڪاروباري، بهادر ويڙهاڪ. ڏنگن کي متائيندڙ، سُنن جو رکيا ڪندڙ ۽ نئين يگ جو نرماتا اهڙا شواجي مهاراج جي شخصيت جا ڪيترائي پاسا آهن. اهو سڀ سوچي محسوس ٿيندو آهي.

شواجيءَ مهاراج جو ياد ڪريو روُپ،

مهاراج جو ياد ڪريو پرتاب،

مهاراج جهڙو بيو ڪو. ڪٿي!

## اڀياس

**۱. ٻڌايو ڏسان!**

(الف) الڳ هندوي راڄ جو نرماڻ ٿيو.

(ب) سوُراڄ جي جنتا کي ڏڪار جي گهڻي تڪليف محسوس نه ٿي.

(ب) شواجي مهاراج جو ملما ديسائيءَ کي ڏنل لقب.

**۳. ڳالهه ٻولهه ڪريو.**

پرياورڻ جي بچاءَ لاءِ شواجي مهاراج ڪهڙيون خبرداريون ورتيوُن. ان باري ۾ توهان ڇا ڪري سگهندا؟

**۴. پڙهو ۽ پنهنجن لفظن ۾ جاڻ ٻڌايو.**

’آبي بندوبست‘ وشيہ جي جاڻ پڙهو ۽ اها جاڻ پنهنجن لفظن ۾ پيش ڪريو.

**۲. خالن ۾ مناسب لفظ لکي خاڪو پورو ڪريو.**

| | پرمکہ جو نالو | پد | ڪم |
|---|---|---|---|
| ۱. | مورو ترنبڪ پنگلي | ----- | راڄ ڪاروبار هلائڻ |
| ۲. | ----------- | اَماتيہ | راڄ جي اُپت خرچ ڏسڻ |
| ۳. | هنبيرراو موهتي | سيناپتي | ----- |
| ۴. | موريشور پنڊتراو | ---- | ڌرمي ڪم ڏسڻ |
| ۵. | ----------- | نياءِ ڏيش | ---- |
| ۶. | اَڻاجي دتو | ---- | --- |
| ۷. | ---------- | ---- | ٽپالي ڪم ڏسڻ |
| ۸. | رامچندر ترنبڪ دبير | سُمنت | ---- |

**مشغوُلي**

(الف) پنهنجي ڪلاس طرفان اسڪوُل جي آس پاس بازار ٺاهيو. الڳ الڳ شين ۽ انهنجي قيمت جي يادداشت ٺاهيو. ان لاءِ پرواري بازار جو دؤرو ڪريو.

(ب) توهانجي اسڪوُل جي پسگردائيءَ ۾ توهان ڪهڙا وڻ لڳايا آهن، انهنجو خيال توهان ڪيئن رکندا آهيو؟

# ”آگيا پتر“ ۾ پرياورڻ جو بچاءُ

رامچندر پنت اَماتيہ ”آگيا پتر“ لکيو. اُن ۾ شواجي مهاراج جي نيتيءَ جو عڪس نظر اَچي ٿو. هيٺ ڏنل ٽڪر مان مهاراج جو پرياورڻ بابت نظريو سمجهہ ۾ اَچي ٿو.

لشڪر لاءِ تختا، ڏنڊا، پالڪيءَ لاءِ ڪاٺيون، وغيره لاءِ ڪاٺ جو اِستعمال هئڻ گهرجي. اَسانجي راجيہ جي جهنگل ۾ ساڳوان وغيره جا وڻ آهن، اُن مان جيڪي ڪم اَچن اُهي مهاراج جي منظوري سان ٽوري ڪٽي وجو. اِن ڪانسواءِ جيڪو وڏيڪ ڪاٺ گهرجي اُهو ٻاهران خريد ڪيو وڃي. سوراج ۾ اَنب، ڪٿهري، وغيره جا وڻ پڻ لشڪر جون شيون ٺاهڻ لاءِ اُپيوگي آهن، پر اُنهن کي هٿ نہ لڳايو وڃي. ڇو جو اِهي وڻ سال ٻن ۾ نہ ايندا آهن. پرجا هي وڻ لڳائي ٻارن وانگر چڱي سنڀال ڪري وڏا ڪيا آهن. اُهي وڻ ٽوڙڻ ڪانپوءِ اِنهن کي گهڻو دکہ پهچندو اُن جو فائدو ڇا؟ هڪ کي دکہ ڏيئي ڪيل ڪم ڪڏهن بہ سڦل نہ ٿيندو آهي. اُلٽو پرجا کي پيڙڻ جو ڏوه مٿان ايندو آهي. وڻن جو پڻ نقصان ٿيندو آهي، ان ڪري اهڙي ڳالهہ بلڪل نہ ٿيڻ ڏيو. ڪو وڻ جيڪو اُپيوگي هجيءَ ڪم ڪان ويو هُجي اُن جي مالڪ کي راضي ڪري اُجورو ڏيئي خوشي سان ٽوڙيو وڃي.







جنجي قلعو هاڻي تامل ناڊو راجيہ ۾ آهي. شواجي مهاراج ڏکڻ تي چڙهائي وقت اُهو جيتيو. هي قلعو پهريائين ڪان ئي پري هو اُن هوندي بہ مهاراج اُن جون پٽيون ٽورائي ۽ نيون پٽيون ۽ منارا وڌيڪ مضبوط ٺهرايا. قلعو پري هو. اِهو ڪيئن ٺاراهجي اُن جي سکيا شهاجي راجا اُن کي ننڍپڻ ۾ ئي ڏني هئي. شواجي مهاراج اُن گيان جو اُپيوگہ هن وقت ڪيو. اڳتي هلي راجارام مهاراج هن قلعي ۾ پنهنجي راڄڌاني جي اِستاپنا ڪئي. اُهي هن قلعي ۾ هوندي مغلن اُن تي گهيرو وڌو. اُن گهيري هوندي بہ راجارام مهاراج اٽڪل ست سال لڙيو. شواجي مهاراج آئيندهہ جو ويچار ڪري هن قلعي کي مضبوط بڻائڻ سبب راجارام مهاراج ايترو عرصو اُن قلعي ۾ محفوظ رهي سگهيو.



ڀواني ديوي - پرتاپڳڙه

نمستي ٻارو!

جيڪڏهن توهانکي ٺيڪ نٿو لڳي، توهانکي ڪنهن غلط ڇهاءُ ڪيو، تہ توهان چُپ ڪري نہ ويهو. توهان ڳالهايو.

١. پنهنجو پاڻ کي ڏوهہ نہ ڏيو.

٢. اُن کي ٻڌايو جنهن تي توهان کي وشواس آهي.

٣. توهان نئشنل ڪميشن فارپروٽيڪشن آف چائلڊ رائيٽس کي ٻڌائي سگهو ٿا POCSO جي e.box ذريعي.

جڏهن توهان کي ڪير غلط ڇُهاءُ ٿو ڪري ۽ توهانکي خراب ٿو لڳي،

توهان منجهي ٿا وَڃو ۽ ڪُجهہ نَٿا ڪري سگهو

توهانکي ”خراب“ نہ لڳڻ گُهرجي ڇو جو اُن ۾ توهانجي غلطي ڪونهي.




هي ٻَٽڻ ڏٻايو

**POCSO e-box available at NCPCR@gov.in**

جيڪڏهن توهان ١٨ سالن کان گهٽ عمر وارا آهيو ۽ توهان ڪنهن پريشانيءَ ۾ يا مُنجهيل

يا بَدِ سَلوُڪي يا تَڪليِف ۾ آهيو يا ٻيو ڪو ٻار ............

فون ڪريو 1098 .... ڇو جو ڪجهہ نمبر سُٺا هوندا آهن!

اُهي زندگي بدلي ڇڏيندا آهن!!!




چائلڊ لائين 1098 - نئشنل ٢٤ ڪلاڪ ٽول فرِي

ضروري فون لائين ٻارن لاءِ جيڪي ٻار پريشان يا تڪليف ۾ آهن

چائلڊ لائين اِنڊيا فائونڊيشن سرڪار جي مدد سان

(منسٽري آف ومين اَئنڊ چائلڊ ڊويلپڊ) هلي رهيِ آهي.

نئين سماج ڏانهن

Towards a new dawn



دشمنن جا ٺڪاڻا ناس ڪري پنهنجا ٺڪاڻا قائم ڪرڻ، تنهنڪري شواجي مهاراج مورگور پرڳڻي جي (ڪولهاپور ضلعو) ديسائي رودرپا نائڪ کي ١١ ڊسمبر ١٦٧٦ تي موڪليل خط. هيءُ خط موري ڀاشا ۾ لکيل آهي.

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي و ابياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

₹ 60.00

आपल्या सभोवतालचे जग – भाग २ इयत्ता चौथी (सिंधी माध्यम)